# مهراڻ

ABC
CERTIFIED

3/2011ع



سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لاات لطيف جي

اکر پڙهي اياڳيا، قاضي ٿئين ڪئاءُ،
جئن پيرئين ۽ پائيين، ايڏنهن ايئن نہ آءُ،
ان سرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازيل ڪي.

هن بيت ۾ شاھ لطيفؒ انهيءَ انسان کي نياڳو قرار ڏئي ٿو، جيڪو ٿورو پڙهي، پاڻ کي عقلِ ڪل يعني فيصلي ڪرڻ واري حيثيت ڏئي ٿو يا قاضي سمجهي ٿو. هو هدايت ڪري ٿو تہ پاڻ کي هر وقت صحيح سمجهڻ ۽ ان تي غرور ڪرڻ واري عادت جي ويجهو نہ وڃڻ ڪپي. آخري سٽ ۾ واضح ڪري ٿو تہ انهيءَ پاڻ کي صحيح ڀانئڻ واري سزا جو مزو عزازيل چکيو. تڏهن تہ ابليس ۽ شيطان جو لقب مليس، تو ڪي بہ ان مان سبق سکڻ ڪپي.

هاڻي ظاهر آهي تہ هن بيت ۾ عزازيل يعني شيطان جي عمل جي سخت مذمت ڪيل آهي ۽ ٻين کي ان کان بچڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. عام رسالن ۾ هيءُ بيت، مٿي ڄاڻايل عاشق عزازيل واري بيت سان گڏ رکيل آهي. ڏسو گربخشاڻي، شاهواڻي، آڏواڻي ۽ انصاريءَ وارا رسالا. هينئر واضح ٿي ويو تہ ٻنهي بيتن جي معنيٰ ۾ سڌوسنئون تضاد آهي. ائين ٿي نٿو سگهي تہ هڪ بيت ۾ شاھ صاحب جهڙو اعليٰ شعور رکندڙ شاعر، شيطان جي عمل جي مذمت ڪري ۽ ٻئي بيت ۾ وري ان کي اصل عاشق قرار ڏئي.

**- ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو**

تعارف- شاھ جو رسالو، از: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ،ص- س
ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2009ع

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

پير صاحب ڪنھن بہ يونيورسٽيءَ ۾ باقاعده تعليم حاصل نہ ڪئي هئي، پر سنڌي، اُردو ۽ فارسيءَ کان سواءِ انگريزي ۽ عربيءَ ۾ سندس غيرمعمولي قابليت ’قدرت جو عطيو هئي. انھيءَ ۾ هو پنھنجيءَ محنت ۽ پورهئي سان واڌارو ڪندو ويو. سندس أصلي وطن پھرين ضلع لاڙڪاڻو سنڌ ۾ هو. سال 1911ع ۾ اتي ئي پيدا ٿيو، پر ڪراچيءَ ۾ گھر ڪري اچي ويٺو ۽ رات ڏينھن علم ۽ فن جي خدمت ڪرڻ ۾ فڪرمند ڏسڻ ۾ آيو. هو ڳالهيون ڪندو هو تہ سندس حجت ۾ سنجيدگي ۽ سنجيدگيءَ ۾ حجت هوندي هئي.

هڪڙي ڏينھن راشدي صاحب مون کي ڊاڪٽر ضياءالدين احمد ڊيسائي ۽ پاڪستان جي آثار قديمہ جي سپرنٽينڊنٽ جناب خورشيد حسن سان گڏ نئي وٺي ويو، جيڪو ڪنھن زماني ۾ مشھور شھر هو ۽ جتي ڪنھن وقت چار سؤ علمي مڪتب هئا، پر هاڻي ماٺھو گھڻو ڪري اتي مڪليءَ جي شاهي قبرستان جي زيارت لاءِ ويندا آهن، جيڪو ڇھن ميلن ۾ پکڙيل آهي. هتي جي عمارتن تي جناب راشدي صاحب جو هڪ ڪتاب ”مڪلي نامو“ سنڌي زبان ۾ ڇپيو، جنھن ۾ تمام گھڻي تحقيق ڪيل آهي. انھن عمارتن جي باري ۾ راشدي صاحب کي تمام گھري ڄاڻ هئي. راشدي صاحب اسان کي ٻڌائيندو رهيو، جنھن مان خبر پئي تہ پاڻ آثار قديمہ جو هڪ وڏو ماهر آهي.

ـ سيد صباح الدين عبدالرحمان

مهراڻ ”راشدي نمبر“ تان ورتل اقتباس،

1983/1ع، ص 135، 127

سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

# سيئي جوين ڏينهن....!

## (س.ا.ب جي هڪ يادگار تصوير)



جناب جي. ايم. سيد، پنهنجي 1940ع واري تعليمي وزارت دوران سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ترويج لاءِ جيڪو ادارو "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" قائم ڪيوهو، اڳتي هلي ورهاڱي سبب اهو سرگرم نہ رهيو. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ادب جي هڏ ڏوکي ۽ ناماياري عالم جناب جي. ايم. سيد ان ساڳئي اداري کي 1951ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جي نالي سان نروار ڪيو ۽ ان جو چيئرمن سنڌ جو وزير تعليم مقرر ٿيو. پهريون چيئرمن آغا غلام نبي پٺاڻ هو. هيءَ تصوير 54- 1953ع واري زماني جي آهي، جڏهن قاضي محمد اڪبر وزير تعليم هو. هن تصوير ۾ قاضي محمد اڪبر وزير تعليم جي حيثيت ۾ بورڊ جي هڪ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي. سندس کاٻي پاسي غلام مصطفيٰ قاضي (سيڪريٽري تعليم سنڌ)، اي. جي. اين قاضي(سيڪريٽري ماليات سنڌ)، شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، سيد ميران محمد شاهہ جناب جي.ايم.سيد (ڪنهن نُڪتي کي بيان ڪندي)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو(سيڪريٽري س. ا. ب) ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي ويٺل آهن.

# B.O.G جي اجلاس (مؤرخ 19- آگسٽ 2011ع)
# جون تصويري جھلڪيون



جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن س. ا ب اجلاس جي صدارت ڪري رهيا آهن. جناب عنايت بلوچ، جناب سرفراز راڄڙ، جناب الهڏتو وگهيو(سيڪريٽري س. ا ب) نظر اچي رهيا آهن. ٻي تصوير ۾ اجلاس جي اختتام تي دعا گهري پئي وڃي. اجلاس ۾ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب، جناب الهڏتو وگهيو، جناب عنايت بلوچ، جناب سرفراز راڄڙ، محترمه سحر امداد صاحبه، جناب ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، جناب شيخ عزيز، جناب آغا سليم، جناب نظر محمد ڳاهو ۽ جناب نصير مرزا موجود آهن.



جناب چيئرمن صاحب جن صحافين کي پريس بريفنگ ڏئي رهيا آهن. محترم الهڏتو وگهيو (سيڪريٽري) ۽ مسٽر گل حسن درس(جنرل سپروائيزر) ساڻن گڏ آهن.



محترمه آفتاب عنايت (ايڊيشنل سيڪريٽري تعليم کاتو، سنڌ) جناب انور احمد خان مهر(ميمبر بورڊ آف گورنرس) جناب نصير مرزا ۽ محترمه ڊاڪٽر سحر امداد بيٺل آهن. ٻي تصوير ۾ جناب نظر محمد ڳاهو، جناب ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، جناب سرفراز راڄڙ ۽ جنرل سپروائيزر مسٽر گل حسن درس بيٺل آهن.

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]


جلد 61 | جولاءِ- سيپٽمبر 2011ع | نمبر 3



سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

وزير بين الصوبائي تعاون، سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏتو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

انچارج ايڊيٽر

**دين محمد ڪلهوڙو**



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ



# ٽماهي مهراڻ

(Regd No. NS-20) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ.

The "Mehran", Quarterly
Vol: 61, No 3/2011
(Established in 1955)

* An ageold leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan and abroad.
* Contemporary creative writings, history, civilization, education, music, folklore, archaeology, lexicography, General culture of Sindh and translations from world literature are the main topics of material usually published in this periodical.
* Published by <u>*SINDHI ADABI BOARD*</u> for the promotion of Sindhi literature with the financial assistance of <u>*PAKISTAN ACADEMY OF LETTERS*</u> Islamabad.

• Publication contact:
Editor, Mehran Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro
Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
(E.mail: sindhiab@yahoo.com)
Website: www.sindhiab.com
www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ
سالياني چندو: ٽي سو رپيا — فون نمبر: 022-2633679 — في پرچو: پنجهتر رپيا

Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, near Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh Pakistan.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**دلبر هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس:**



سنڌي ٻولي ۽ ادب جو نامور اسڪالر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو 12- جولاءِ 2011ع تي اڳاري جي ڏينهن 76 ورهين جي ڄمار ۾ ڪراچيءَ جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب ڳڙدن جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو. سندس مڙهه کي بدين جي شاهه قادري قبرستان ۾ وڏي عزت ۽ احترام سان دفنايو ويو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ولد ڊاڪٽر سلطان احمد جوڻيجو 26- نومبر 1935ع تي ضلعي بدين جي ڳوٺ فتح محمد شاهه ۾ پيدا ٿيو. جوڻيجي صاحب بدين، ٽنڊي باگي، نوابشاهه ۽ حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪئي. 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم.اي جو امتحان پهرين نمبر ۾ پاس ڪري سونو ميڊل حاصل ڪيو. ساڳئي سال ۾ هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو. 1966ع ۾ چين جي بيجنگ شهر مان چيني زبان ۾ ڊپلوما جو امتحان پاس ڪيائين، اُتي بہ جوڻيجي صاحب پهريون نمبر حاصل ڪيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 1974ع ۾ ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“ جي عنوان تي پي ايڇ ڊي مقالو لکيائين، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي سندس گائيڊ هو. ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪريءَ دوران 9- مئي 1993ع کان 31- آڪٽوبر 1994ع تائين، سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن بہ رهيو. ساڳئي وقت هو سنڌي شعبي جو سربراهہ ۽ پوءِ فيڪلٽي ڊين بہ ٿيو، جتان هن 1995ع تي رٽائرمينٽ ورتي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي شاگرديءَ واري زماني ۾ لکڻ جي ابتدا ڪئي. هن لکڻ جي شروعات شعر سان ڪئي، ”شام“ سندس تخلص هو، پر پوءِ هو تحقيق، تنقيد، لسانيات ۽ لطيفيات جي موضوعن ڏانهن لڙي ويو. هن ادب ۾ ڪهاڻيون بہ لکيون، ناول ۽ سفرناما بہ لکيا، سنڌي ادب جي تاريخ تي بہ ڪم ڪيو، شاهہ جي بيتن جي ڏسٽي ۽ بہ تيار ڪئي، مختلف علمي ۽ ادبي شخصيتن تي تذڪرا بہ لکيا. 70 کان وڌيڪ مختلف موضوعن تي ڪتاب لکيا. ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ جي عنوان تي ٽن جلدن تي مشتمل ادبي تاريخ لکي، اهو ڪم جوڻيجي صاحب جو وڏو علمي ڪارنامو آهي. ان کان سواءِ 1988ع ۾ سنڌي شعبي طرفان ’بين الاقوامي ادبي سيمينار‘ منعقد ڪرائڻ ۾ پڻ وڏو ڪردار ادا ڪيائين.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو انهن ترقي پسند اديبن ۾ شامل هو جن ادب ۾ روشن خيال رجحان پيدا ڪرڻ ۾ هر وقت پاڻ پتوڙيو. انهن سڀني خوبين جي هئڻ کان اڳ ۾ جوڻيجو صاحب هڪ سٺو انسان هو. هن جو تہ ”مهراڻ“ رسالي سان گهرو سٻنڌ هو، ڇو تہ هن جي ”مهراڻ“ سان هڪ ڪمٽمينٽ هئي، جا مرڻ گهڙيءَ تائين هن قائم رکي. مرحوم کي جڏهن بہ ڪنهن مقالي لاءِ عرض ڪبو هو تہ چوندو هو: ”حاضر!“. پوءِ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ مقالو ڊرائيور جي هٿ يا ڪڏهن پاڻ تڪليف ڪري اچي ڏئي ويندو هو. اهو سندس ”مهراڻ“ سان ڪمٽمينٽ ۽ پنهنجي نهٺائي ۽ علم پروري جو هڪ زنده مثال هو. سنڌي ادبي بورڊ جوڻيجي صاحب جي انهيءَ علمي ۽ ادبي خدمتن جو قدر ڪندي سندس ڪتاب ’زنبيل‘ سال 2010ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. هيءَ ڪتاب سندس سموري حياتيءَ جي علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن جو احاطو ڪري ٿو. پاڻ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن هو تہ بہ هن قومي اداري جي ترقي ۽ ناملچاري لاءِ ڏينهن رات پتوڙيو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي وڇوڙي سان سنڌي ادب جو وڏو نقصان ٿيو آهي، جنهن جي تلافي ڪرڻ مشڪل آهي. سندس ڪيل انهن علمي ۽ ادبي خدمتن کي هميشہ ياد رکيو ويندو.

**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ۽ طارق عالم ابڙي کي تمغہ امتياز:**





صدر اسلامي جمهوريہ پاڪستان جناب آصف علي زرداري صاحب 14- آگسٽ يوم آزادي جي موقعي تي زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ڏيهي توڙي پرڏيهي 185 شخصيتن کي مختلف شعبن ۾ ڪيل خدمتن جي مڃتا ۾ اعزازن سان نوازيو. انهن ۾ ٻين سميت سنڌ جي ٻن سڃاڻ اديبن: ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ۽ طارق عالم ابڙي جا نالا بہ شامل آهن. جناب صدر پاڪستان جن جي اهڙي ساڪائتي فيصلي تي سنڌي ادبي بورڊ ۽ خاص طور تي ”مهراڻ“ ادارو دليٰ خوشيءَ جو اظهار ڪندي پنهنجي قابلِ احترام اديبن مان ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ کي مبارڪون ڏئي ٿو ۽ گڏوگڏ مرحوم طارق عالم ابڙي جي گهر وارن کي پڻ مبارڪباد پيش ڪري ٿو.

**دين محمد ڪلهوڙو**

انچارج ايڊيٽر

- سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافي (آخري قسط-3) - ناسف علي شيراز 100
- مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ جي بي مثال فقهي تاليف: 'فاڪهة البستان' - مفتي محمد احمد رضا - ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو 117
- پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري: سنڌ جو گهڻ گهرو اديب، محقق ۽ تاريخدان - معشوق ڌاريجو 141
- ڪوڙومل چندن مل کلناڻي - غلام زينب ابڙو 146


## ڀيٽا


سنڌ جي سداحيات عالمن، اديبن ۽ شاعرن کي ڀيٽا

1- ڊاڪٽر بلوچ صاحب: اعليٰ بصيرت جو مالڪ - استاد لغاري 153
2- پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: هڪ باوقار علمي ۽ ادبي شخصيت جو وڇوڙو - ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي 157
3- طارق عالم جون 'ٿنبو ٿوڙهو ياترائون' - نصير مرزا 162
4- اوهان مُرڪي آخر هليا ويا.... (حسن درس جي ياد ۾) - عبدالقادر جوڻيجو 169
5- واڪا ڪندي مڪلي، جي اسان توکي وساريو! (نامور اسڪالر ۽ تاريخدان پير حسام الدين راشديءَ جي صد ساله جشن جي حوالي سان) - انور 'ساگر' ڪانڌڙو 172


## ڪهاڻيون


- ڪلا جو مرتيو - حفيظ قريشي 179
- خودڪشيءَ جي راهه تان موٽيل ماڻهو - فياض چنڊ ڪليري 185
- خودڪشيءَ جي اکين ۾ پوسٽ ڪيل هڪ خط - جمن احمداڻي 191
- گاهه جو گل - سنڌيا شاهه 193
- ڦٽ پاٽ جيون - ستار هُليو 197
- وقت جو فيصلو - صاعقه علي جيلاني 198


## متفرقه


- فيض احمد 'فيض' جي زندگيءَ جو داستان (سؤ ساله جشن ملهائڻ جي حوالي سان لکيل) - ڪامريڊ ڪريم بلوچ 203
- آگم جا امڪان (نثار حسينيءَ کي ڀيٽا) - ڪوثر هالائي 209
- سيد محمد قاسم شاهه بخاري - نياز اي.نائچ 211
- بهار موڪيو جوان رُت ڀِي.... (ڪوڙل قربدار جي شاعريءَ جو مختصر اڀياس) - سرمد چانڊيو 214
- قلندر لعل شهبازؒ تي شايع ٿيل ٽن اشاعتن تي تبصرو - پروفيسر شمشاد احمد سومرو 219
- اندر روح رهيامِ - ميرزا دبيرؔ 224
- انسان اعليٰ نامور، آهن توتي سَوَ سَوَ سلام! (پير حسام الدين راشدي جي صد ساله جشن تقريبات جي سلسلي ۾ ٺٽي ۾ منعقد ڪيل تقريب جو احوال) - دم.ڪ 226
- سنڌي ادبي بورڊ جون سرگرميون - ادارو 228

## قافيو الف
(خيال)

ڪِيرَٽ ڪَٽا
ويئي هَٽا،
سورن سَٽا
جملي جَٽا
مردن مَٽا۔
هٻڪن ٽُٽا،
ڪهرا ڳَٽا،
قاتل ڳِٽا۔
مڙسن مَٽا
ڪُڏندي لُٽا.

ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# مفيد شاعري

”شاعري“ هر زبان يا ٻوليءَ جي ادب جو بنياد آهي، جو تہ شاعر پنهنجي شعر کي ملڪي زبان جي نهايت پيارن ۽ انوکن محاورن جو جامو پهرائي ٿو. دنيا جي نهايت دلڪش، وسيع ۽ زنده زبان عربيءَ جو سرمايو، درحقيقت عربي شاعرن جو رهين منت آهي. افسوس جو سنڌي زبان جي شاعريءَ جو سرمايو يا تہ ڪُهنن ۽ قلمي ڪتابن ۾ قابو ٿيو پيو آهي، يا تہ وري سگهڙن جي دلين ۾ سانڍيل آهي. ويچارا وڃن ٿا تہ اهي صدري خزانا بہ پاڻ سان کڻيو وڃن ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
مهراڻ ”شاعر نمبر“ 2-1969/1ع

اکِنِ کي آئون، روڪيان جيئن رُئڻ ڪان،
تئن تئن تنهنجي تات ۾، رهي رُنائون،
مُنِّن ماٺ نہ اچٹي، جو پهرين پُڇيائون،
طالب مولا! طلب ۾، سهڻو سوجهيائون،
هنجهون هاريائون، سڄڻ سارِيندي گهڻو.

- مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ

انتخاب- ”ڇپر ۾ ڇڙيون“
ڇاپو ٽيون (2004ع)
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

# شاعري

# شاعريءَ ۾ الهام ۽ روح

عنايت بلوچ جي شاعريءَ ۾ الهام ۽ روح، شاهه لطيف سائينءَ مان ورتل آهن، ليڪن هن قديم ۽ جديد جو نهايت لطيف امتزاج پيدا ڪري پنهنجي ذهانت ۽ فطري شاعر هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي.

عنايت بلوچ جي مزاج ۾ جيڪا ملائمت ۽ فطرت اندر جيڪا سڀاجهائي آهي انهيءَ جو عڪس سندس شعر جي هر سٽ مان ظاهر ٿي رهيو آهي، جنهن کي پڙهندڙ پهرين نظر ۾ ئي ڏسي سگهي ٿو. عنايت کي پنهنجي ملڪ جي ماڻهن سان، ملڪ جي هر هڪ شيءِ سان بيپناهه محبت آهي. استعارا، تشبيهون ۽ تلميحون هن پنهنجي اوسي پاسي جون استعمال ڪري پنهنجي شعر کي مقامي ۽ ملڪي رنگ ۾ رڇي ڇڏيو آهي، جيڪو هڪ تہ فرضي ۽ غيرفطري معلوم نٿو ٿئي، ٻيو تہ انهيءَ سرمايي سندس شعر کي ملڪ جي لازوال ملڪيت بڻائي ڇڏيو آهي.

عنايت جو سمورو ڪلام ڪنهن نہ ڪنهن تاثر جو نتيجو آهي. اهو "شعر براءِ شعر" نہ پر ڪن حقيقتن، ڪن قلبي جذبن ۽ ڪن اڪين ڏٺي ۽ فڪري محسوسات جو مظهر آهي. اهوئي مکيہ سبب آهي جو سندس شاعري 'لا'يعني لفظن جو انبار ۽ بي مقصد جملن جو ڍير نہ بلڪ هڪ حقيقت ۽ زندگيءَ سان مطابقت رکندڙ ادبي گفت و شنيد آهي.

حُسن ۽ عشق انسان جي فطرت جو هڪ اڻ ڇڄندڙ انگ آهي. جڏهن انهيءَ جو اظهار عنايت بلوچ ڪري ٿو تہ ان ۾ بہ سنڌ جي تهذيب، معاشري جي قاعدن ۽ انهن خاص لفظن ۽ جملن کي آڻي ٿو، جيڪي اسان جي پنهنجي ملڪيت آهن. سنڌ سندس وطن آهي جنهن سان محبت سندس ايمان جو جزو آهي.

عنايت جي شاعري- زندگي، واقعن ۽ سفر کان متاثر آهي. هيءُ حساس شاعر جتي جتي ويو آهي ۽ جن واقعن سندس احساسن کي جهنجهوڙيو آهي، انهن جو هن بي اختيار نظم ۾ اظهار ڪيو آهي. جيئن هڪ مصور ڪو منظر چٽي، اهڙيءَ طرح هن انهيءَ احساس کي نظم ۾ مجسم ڪيو آهي.

**حسام الدين راشدي**

ڪتاب "تند ڪٽارو ڪنڌ" (1981ع)

از: عنايت بلوچ

جي مهاڳ تان ورتل ٽڪرو

بلڪ قيامت بڻجي جبلن جي چوٽين کي ٽماڪن سان ڏاري
ڦاڙي؛
پٿرن کي پاڻيءَ جئين پگهاري، ڦوهلرن جي صورت ۾،
ڇپين، اُلن، ٽانڊن جي برسات وسائي؛
ڌرتيءَ پيداوار جي قوت پوئتي ڪئي؛
مٽيءَ پاڻيءَ نين نرالين بيمارين کي جنم ڏنو؛
ٻوڏن، سوڪهڙن، بيمارين، ڌرت ڌڪارن، طوفانن، ڀونچالن
جو هڪ ڪيل عجائب جاري ٿي ويو؛

ڌرتيءَ تي انسان جو آئيندو هاڻي نامڪن ٿي پيو،
ڪڏهن اڳتي، سج جا ڪرڻا چنگون بڻجي،
سڀ جيوت کي ساڙي ڳاري رک ڪندا
ڪڏهن اڳتي، ڌرتيءَ جو هيءُ گولو،
سج سا ايئن ٽڪرجي وڪري ويندو، جيئن ڪو واريءَ ڪوٽ
هوا ۾ ڪڻو ڪڻو ٿي وڃي اڏامي.

اشرف مخلوقات جو اهڙو انت ڏسي،
خوشيءَ وچان شيطان هنبوڇيون هڻي، تڪبر سان اهڙا
زهريلا ٽانڊن سان ڀريل ٽهڪ ڏنا،
جن جنت جي ديوارن کي گرمائي ڇڏيو،
۽ چرڪ ڀري رضوان ڪنن تي هٿ رکيا.

فطرت، جيڪا پنهنجي پياري ٻالڪ يعني اشرف مخلوقات
جي رهبر آهي،
۽ جا ارڏاين تي، هن کي سيڪت ڏيندي آئي آهي
تنهن کي آخر ترس اچي ويو.

ٻيءَ گهڙيءَ ۾، هن جي مٽيادار چپن تي هڪ آفاقي ميڪ
ڪنوڻ جيان تجلا ڏيندي ترندي آئي،
جنهن سان يڪايڪ پولارن جون راهون جڳ مڳ چمڪي
ويون،
فطرت جي منشا جي اشاري سان انسان ڏسي ورتو آئيندي
جو خواب
نئين ڪنواري ڌرتيءَ ڏانهن هجرت جو خواب.

ڌرتيءَ جو فرزند ڪَري پيو نئين نويلي ڌرتيءَ ڏانهن
هجرت جي تياري،
جنهن جي ڪنواري مٽيءَ اندر سانڍيل هونديون ڪئين
ڪروڙين سالن جون سوغاتون،
جنهن جي زرخيزيءَ جي سگهه، پراڻي ڌرتيءَ جي پهرئين
ٿي ڏينهن برابر هوندي،
جنهن جي هوا ۽ پاڻي، ڪاڌو ميوا، ڊگهو جياپو آڇيندا.

جنت جهڙي، جنت هوندي نئين ڪنواري ڌرتي،
فطرت جو فرزند ڪري پيو جنت ڏانهن هجرت جي تياري.

## غزل

وڻي دل کي وئي، تنهنجي اک جي اڻي،
ڪٿي نيڻ وري، تون نهار ڪڻي.

سئو نياپن ۾، دل اُلجهي پئي،
هڪ گهُورَ ڪري، وئي ڳالهه گهٽي.

تنهنجي زلفن ۾، اک اٽڪي پئي،
ڪبي اهڙي ٻہ، آهي سيند ڦٽي؟

نٽي تنهنجي، ڪِلڻ جو مثال مليو،
جڏهن ڪنوڻ ڪِلي، تڏهن بات بڻي.

تون قيامت ڪان، اڳ ۾ ملنديئن،
وه واه، اِها تنهنجي ڳالهه وڻي.

روبند منجهان، جَلوَن جو گذر،
ڇا سونهن اچي، پئي ڇڻي ڇڻي.

شمشير هليو ويو، شهر ڇڏي،
هڪڙوئي تہ هو، اوطاق ڌڻي.

غلام حسين "مشتاق" سڄاروي



## غزل

محبت جو سفر مشڪل، نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو،
اڙائي ويناسون ٻئي دل، نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو.

هتي جنهن پير پاتو سو، نٿو نڪري سگهي سهڻا،
هي دلدل آهي يا منزل، نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو.

اوهان جو حسن، منهنجو عشق، آهن بحر بي پايان،
ٻنهيءَ جو ناهه ڪو ساحل، نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو.

نڪا تلوار هٿ ۾ هُئي، نه نڪتو تير ترڪش مان،
ڪيا هڪ ٻئي کي گهائل، نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو.

اڏائي عشق ٿو فهم و، فراست عقل وارن جي،
هتي عاقل به ٿين جاهل، نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو.

عدالت عشق جي ۾ فيصلا، هر وقت هڪ طرفا،
ڪجي فرياد ڪٿ داخل، نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو.

نه ميخانو نه ميڪش، ۽ نڪي موجود مَئي آهي،
رهي مدهوش ٿي محفل، نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو.

هزارن ۾ اچن ٿا، مرڪندا "مشتاق" مقتل ڏي،
مگر مقتول يا قاتل، نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو.

## غزل

محبت مرڻ سان، مرڻ واري ناهي،
جڏي جيءُ سان، گڏ جهُرڻ واري ناهي.

هي مضبوط ڪان، آهه مضبوط رشتو،
ڪچي تند وانگر، ڇڄڻ واري ناهي.

وڃي هر طرف هن جي، خوشبوء پکڙجي،
هي لوڪان لڪائي، لڪڻ واري ناهي.

دلين منجهه ديرا، ڄمائي ٿي ويهي،
اچڻ بعد هرگز، وڃڻ واري ناهي.

دوائن سان هي دور، ٿيندي نه هرگز،
هي بيماري برحق، ڇٽڻ واري ناهي.

هي "مشتاق" آهي، ڏنل ذات رب جي،
هي نعمت خدا جي، گھٽڻ واري ناهي.

## محبوب سروري

### غزل

راند ۾ جئڻ نہ، بال هوندو آ
عشق ۾ اهڙو، حال هوندو آ!

جنهن کي حد- ڪمال هوندو آ،
ان کي ويجهو، زوال هوندو آ

عاشقن جون دليون، ائين ٿا لُٽين،
ڄڻ يتيمن جو، مال هوندو آ!

ڪٽ مصيبت، اڪيلي ڪانہ ڏنم،
اُن جي پٺيان، عيال هوندو آ.

عشق ۽ جنگ ۾، سڀئي جائز،
هر طريقو، حلال هوندو آ.

دوستي دم گهڙي جو، کيل نہ آ،
زندگي جو، سوال هوندو آ

پنهنجي پنهنجي، پسند هوندي آ،
پنهنجو پنهنجو، خيال هوندو آ

يار سان غير، گل سان خار ڏٺم،
شير پٺيان، شغال هوندو آ.

هُن جو هڪڙو، پروگرام نہ آ،
بادشاهي، خيال هوندو آ!

پنهنجي هلنديءَ هلاءِ، مون کي خدا،
بس، اهوئي سوال هوندو آ.

جنهن جي وائيءَ ۾، وَرَ گهڻا محبوب!
يار ڪوڙو، ڪلال هوندو آ.

### عيد تي (نظم)

سڀئي ماڻهو، خوش ٿا ٿين عيد تي،
مبارڪ مبارڪ، ڏين عيد تي.
ڪلي خوش ٿي، سينگار ڪن عيد تي،
خوشي سان ٿا، خوشبو هڻن عيد تي.
نمازون ٿا گڏجي، پڙهن عيد تي،
دعا عيدگاهہ ۾، گهُرن عيد تي.
ٿين گڏ ٿا اهلِ سخن عيد تي،
سنا شعر، پنهنجا پڙهن عيد تي.
ڇڏي فرق، اميري غريبي سندا،
ملي مرڪي، ڀاڪر وجهن عيد تي.
خوشي سان سڄا، ڪاڏا ڪائون ٿا سڀ،
سَيون پهيون، ڏاڍيون وٺن عيد تي.
پرين جيڪي، پرديس ۾ ٿا رهن،
مبارڪ جا، خط ٿا لکن عيد تي.
وطن جا سڀئي، باغ بستان خوش،
وجي دوست گڏجي، گهمن عيد تي
پراوا ۽ پنهنجا، امير ۽ غريب،
خدا جو ٿا سڀ، شڪر ڪن عيد تي.
مگر ڪي وڇوڙيل، غريب الوطن،
پيارن پرين، لئہ رئن عيد تي.
رهن جيڪي پيارا، ٿا پرديس ۾،
الٰهي! اهي شل، اچن عيد تي.
سڄي قوم منهنجي، ڪي اي سروري!
حقيقي خوشيون، شل ملن عيد تي.



## غلام حسين رنگريز

### ٽه سٽا

رُت ساوڻ جي
وسريئہ ڪيئن ڏوليا
ويل آوڻ جي.

چاندوڪي، آه
ويڙهي ويون مون کي
چنبيليءَ ٻانهون.

تارا سارا نيڻ
ڪِٽ مِلون، ٻِلون پاڻ
چارا سارا ويڻ.

ٻُوهہ رات، چَنڊُ
هِنيانءَ ڪاڄي پيو ٿو
ايڏو ماٺ مَنڊُ.

سج جو لهڻ
هَر شام سِيڙجي وڃجي
ڪينجهر تي ڏسڻ.

شام جو ٽاٽو
پنهور، ٻچ ٻچ پاٽي
سج ڪوماٽو.

ماٺ ماندا ڻ
ٻُري پوندو پٽ جيئن
هڪ لهر ساڻ.

ڪارون ٺي ڪارون
هينئڙو هيرڻ پن جيئن
ڦٽي ٿيون ڦارون.

پَٽ ڪُونٽرا پيرَ
ڏر نہ ڏرتتيءَ تي تون
نيڻ وچايم هير.

آنڊي آنڊائون
ڪِڪ ڪِڪ ٿي ويو ڪنهن جو
گهر ڪکائون.

گُوٺ، گجهہ لامارا
هِت هُت ڪکوريل ڪنڊ
ورديءَ وارا.

هَر هنڌ هوڪا
سُونهن سڄڻ جي جا
مور ٺهوڪا

# ڊاڪٽر بشير احمد شاد



## غزل

ڏاريا پنهنجا، سڏبا ناهن،
ڪوڙا سڪا، مڃبا ناهن.

جن سان جيءُ، جڙي ويندو آ،
تن سان ويچا، رکبا ناهن.

دل جا ٺيا، دستور نرالا،
ڪاغذ تي سي، لکبا ناهن.

ٿورا هر دم، ٿورا رهندا،
ٿورا لاهي، سگهبا ناهن.

سياڻا ماڻهو، ساڳيءَ ڏر تان،
هر هر ويڻا، ڏنگبا ناهن.

هر دم حق، جني ونبا هن،
سڻن هٽي سي، ونبا ناهن.

نازڪ ناتا، ڏرتيءَ وارا،
اهڙا ناتا، ڇنبا ناهن.

پنهنجا آخر، پنهنجا آهن،
پنهنجا عضوا، وڍبا ناهن.

شاد سرير ۾، سانڍي رکجانءِ،
سور سپن سان، سلبا ناهن.

## وائي

بُکَ وِگهي ڪو ٻڳڙن مُٺِ لڪ،

ڪالهه رنو ٿي پار-
مَنُ ٺڙپي پيو.

ڏاڙيلن اڄ پُٽڪَ جي عيوض،

ڪُونڊر تي ڪيو وار-
مَنُ ٺڙپي پيو.

اُپ ڏريو ٿي، لرزي ڌرتي،

بيوه جو هو پار-
مَنُ ٺڙپي پيو.

گندَ پيتي ۾، آدم زادو،
جنهن جو آرُ نہ پار-
مَنُ ٺڙپي پيو.

هاريءَ جي نياڻي ساماڻي،
رئيس وڇايو ڄار-
مَنُ ٺڙپي پيو.

ڇوواڻي تي، رت جي الٽي،
ٽي بي جو بيمار-
مَنُ ٺڙپي پيو.

سوچيم پنهنجو، سنڌي اڄ ڇو،
ٿي پيو پنهنجن مار-
مَنُ ٺڙپي پيو.

## ’ڪوثر‘ هالائي



# ڪراچي ٻري ٿي!!!

## (نظم)

دهشت هتي روز،
ڦيرا ڪري ٿي،
ڪراچي ٻري ٿي.

ڪُليا گس گولين،
۽ دستي بمن جا،
آثار ڳوليون،
پيا هتِ امن جا،
اجهامي نٿي ۽
نہ ڪوئي ٺري ٿي،
ڪراچي ٻري ٿي.

پنن جيئن ڪراچي،
ڇڻي ٿي پئي،
۽ وک وک تي لاشا،
ڪٽي ٿي پئي،
نہ ٿو ڪو ڏٺي ٿئي،
نہ واهر وري ٿي،
ڪراچي ٻري ٿي.

اڙي سمنڊ جاڳي،
گهٽين ۾ گهڙي پڻ،
سجو شهر آڳي،
گهٽين ۾ گهڙي پڻ،
خلق خدا روز،
ناحق مري ٿي،
ڪراچي ٻري ٿي.

قتل گاهہ جنهن جو،
حوالو ٿي پيو آ،
نالوئي جنهن جو،
ڪشالو ٿي پيو آ،
انياءُ ايڏو،
ڏسي دل ڏري ٿي،
ڪراچي ٻري ٿي.

هتي چنڊ بہ هاڻ،
چمڪڻ ڇڏيو آ،
ڪراچيءَ مان لفظن،
۽ لمحن لڏيو آ،
نہ خوشبوءِ هتي،
پير پنهنجا ڌري ٿي،
ڪراچي ٻري ٿي.
ڪراچي ٻري ٿي.

# جوهر بروهي

## غزل

سوچ تہ تنهنجو مَنُ اُجرو آ، يا اصلي هو ميرو آ،
دنيا کان مُنهن موڙي ڏس، تہ دل ۾ ڪنهن جو ديرو آ.

پَلُ جا مسافر ماڻهو! وساري، ويٺو آهين منزل تون،
پنهنجي وجود ڪونہ ٿو سوچين! ڪنهن سان آڏيرو آ.

هڪ هو آهي، هڪ تون آهين! جڳُ تہ سمورو هُوئي آ،
گلشن جو ڪل واسُ بہ هُو آ، تنهنجو وجود ڪانڊيرو آ.

ياڪَ ڦٽي ۽ جڳُ جاڳيو، پوءِ چوڌاري آ تنوار هلي،
تنهنجي هستي ائين آهي، شهباز چنبي ۾ گيرو آ.

جلاڏي ڪلاڏي خوشبو آهي، دل ڪولي ڪر واسُ وٺي چلہ
قرب پريو سو نالو آهي، ان سان نينهن نبيرو آ.

سَهسين سِجن آڏو بي شڪ، ذات آ هيري ”جوهر“ جي،
پاڻُ سُڃاڻ تہ جاڻ پوَئي، ڏِس جڳ ڪي نور جو گهيرو آ.

## غزل

نور ڏياٽيون، پاري شاعر،
گيت، گلاب، ستواري شاعر.

سندر، سندر، احساسن سان،
اوندهہ، انڌ، اُجاري شاعر.

قومن جا پڻ، ٻڏندڙ پيڙا،
جذبن ساڻ، اُڪاري شاعر.

پنهنجن پاڄهارن، ٻولن سان،
سيهو، سون، پگهاري شاعر.

ٿر ۾ مور، اُجاري وانگر،
ڪاڇي تتر، تنواري شاعر.

ڪيڏارو، ڪنپات، ۽ ديپڪ،
ڪيئي نسل، اُپاري شاعر.

پنهنجي سچي، سوچ سموهي،
ڏاڍِ ڏنگي ڪي، ڏاري شاعر.

قوم جو سرمايو آ، ليڪن!
گوندرَ گهڙيون، گهاري شاعر.

ڪالهہ پڇيو ڪنهن، جوهر صاحب!
جڳ ۾ ڪيئن، گذاري شاعر.

## مهرالنساءِ لاڙڪ

### غزل

جوڳي لٽا، ڪي ٻرَ ۾،
ٻمڪيو ڏيئو ڏهَرَ ۾.

تنهنجي، محبتن سان،
سنجوڳ ٿيو، سفر ۾.

لاشن ڏِٺو، ٿي بيٺي،
هڪ لاش، جو ڳتر ۾.

منهن ۾، ملوڪ ڪيڏا،
ڪارنهن پَريل، اندرَ ۾

ماٺهو وِڙهيا، ڳِريا پئي،
بيٺا ڪُتا، هٺا پَرَ ۾

ڪنهن جي ڪٺا، نظر جيئن،
ڪو ٿهڪ، ڏيئي نٿرَ ۾

اَنُ جي قبرَ، تي ڏِيٺا؟
اوندهَ هُئي، جَنهن جي گهرَ ۾.

### غزل

مُرڪ مُرڪون سکي، رُت آ رابيل جي،
دِل ڪيون چو ڏکي، رُت آ رابيل جي.

سُور سپ هِڪڙي ڳري، ڪا ڏِيون،
زندگيءَ ڪي خوشي، رُت آ رابيل جي.

مُونجهه ٿي ويئي ختم، مهڪي ماحول پيو،
تازگي ٿي تازگي، رُت آ رابيل جي.

ڳالهيون ڳوٺ ۾، پئي هُليون پيار جون،
رنگ ويڙا سپ رَچي، رُت آ رابيل جي.

ڪنهن ڪي محفل ۾، سپني مڙي ٿي ڏِٺو،
ڪير ويو آ اچي، رُت آ رابيل جي.

چنڊ جيئن چمڪندڙ، ڪير جهڙي اچي،
سُونهن جهڙي سچي، رُت آ رابيل جي.

لوڏ وَڻ ۾ ٻڌي، دِل چوي ٿي لُڏون،
مهر جهومي نچي، رت آ رابيل جي.

## مخمور بخاري



### سارا!

او سارا!
مون ڏانهن نہ ايندي ڪر تون
مان هن کي وسارڻ ٿو چاهيان!
هن جي ياد جا پيرا بہ عجيب آهن
جڏهن ٿا ڪڇي اچن مون ڏانهن
تہ هن جي بدن جي خوشبو
منهنجي ذهن ۾ جاڳي ٿي اٿي
۽ مون کي
هن لاءِ بي چين ٿي ڪري
پر هو ڪٿي!
ڏور آ ڪٿي!
خوابن ۾ ٿي ملي
ها!

هن جي چپن جي سرخي
اڃان بہ ڳاڙهي آ
۽ هن جا ڪارا وار
هن کي حسين ٿا بڻائين
۽ هن جي بخملي بدن
جواني جو شراب ٿو آڇي
ها!
پر هو ڪٿي!
منهنجي خوابن ۾!
منهنجي خيالن ۾!
هو آهي ڪٿي!
او سارا!
مون ڏانهن نہ ايندي ڪر تون
مان هن کي وسارڻ ٿو چاهيان!
مان هن کي وسارڻ ٿو چاهيان!!

### جيون

ماڻهو جو من بہ ڄڻ شيشو آهي،
لفظ جي پٿر سان
ٽٽي پوندو آ!
ان من جي اندر هڪ سمنڊ هوندو آ
جو اکين مان پوءِ اٿلي پوندو آ!

هي پيار بہ عجب آ
جنهن وٽ اڄ چيو مهمان ٿئي ٿو
ان کي عجب رنگ ڏيکاري ٿو
۽ ان جو سک چين کٽي ٿو
۽ ماڻهو کي
ماڻهو سان
پيار ڪرڻ سيکاري ٿو.

جيوڻ ڄڻ پرولي آهي!
موت جي آڏو
جيون جي هڪ معنيٰ آهي
ان معنيٰ کي بہ معنيٰ آهي
بس جيون اهائي پرولي آهي!
بس جيون اهائي پرولي آهي!!

## ستيہ

## بي وسيءَ ۾ لکيل هڪ نظم (نثري نظم)

سمهڻ کان اڳ
مان هڪ ڪتاب پڙهان ٿو
جيڪو مون کي خواب ۾ جاڳيل رکي ٿو.

اٿڻ کان پوءِ
مان هڪ ٻيو ڪتاب پڙهان ٿو
جيڪو منهنجي اوجاڳي کي
بي خياليءَ ۾ برقرار رکي ٿو.

ننڊ يا اوجاڳي جي چونڊ جو حق
مون کي ڪونہ ڏنو ويو
پر موت يا ڪوڙ جي چونڊ
مون کي ڪرڻي هئي.
مون ڪوڙ چونڊيو.

ڪُوڙي زندگي کي
ساهن جو زهر پياري
مان بزدلي جيئان ٿو.

بزدل ۽ ڪُوڙي ٿيڻ کان پوءِ
مون تي خدائن جي قربت
ممنوع قرار ڏني وئي
ڇو تہ منهنجي بهتري
منهنجي Eternal اڪيلائپ سان مشروط هئي.

مان اڪيلائپ کان ڀڄي
ماٺهن ڏانهن وڃان ٿو
ماڻهو مون کي وڌيڪ اڪيلائپ ڏني

منهنجا پير ڪٽي تا ڇڏين
۽ واپسي جا سڀ رستا
ڊاهي ٿا ڇڏين.

مان ٿڪجي
ان جڳهہ ٿي وڃي ويهان ٿو
جتي آخرڪار
مون کي قتل ڪيو ويندو.

قتل ڪرڻ کان اڳ
مون کي سمنڊ جي ڇمڙي ۾ سبيو وڃي ٿو
۽ قتل ڪرڻ کان پوءِ
منهنجن ساهن سان ٺاهيل هڪ ڪکر ۾
مون کي دفنايو ويندو.

”مان پنهنجي قاتل کي
ڪڏهن معاف نہ ڪيان ها
جي منهنجي قتل جو انتقام وٺڻ وارو ڪو هجي ها.“

# پريم پتافي

## وائي

پاڇو ٿي آهيان،
آلا جڻ اتهاس جو!

لٽڪيل جڻ تہ صليب تي،
لاشو ٿي آهيان،
آلا جڻ اتهاس جو!

ازل کان ٿي ابد جو،
ڪاٺوئي آهيان،
آلا جڻ اتهاس جو!

صدين کان ڪنهن ساٿ جو،
سايو ٿي آهيان،
آلا جڻ اتهاس جو!

## وائي

بي ڍنگ، رهيا آهيون،
بي رنگ، رهيا آهيون.
سڀ ساٿ، ڇڏي سُهڻا،
تو سنگ، رهيا آهيون.
ڪنهن سوز، پرٺي چپ تي،
جڻ چنگ، رهيا آهيون.
پنهنجن ني، افعالن تي،
اڄ دنگ، رهيا آهيون.
دُنيا جي، رواجن کان،
بس تنگ، رهيا آهيون.
محبوب جي، وارن جو،
ها، ونگ، رهيا آهيون.
جا هار، ۽ جيت ٻنا،
سا جنگ، رهيا آهيون.
ڪوئي نہ، سگهيو ڳائي،
سو انگ، رهيا آهيون.
فطرت جي، تماشي تي،
بس دنگ، رهيا آهيون.

## وائي

ڳولي ڳوناڻي،
شهر ۾ ٿي سادگي!

وک وک تي چالاڪيون،
ڪيڏي ويڳاڻي،
شهر ۾ ٿي سادگي!

جهڙي پنهنجي ڳوٺ ۾،
ڪانئي او راڻي،
شهر ۾ ٿي سادگي!

ڳولي پنهنجي پيار کي،
ٿڪجي آ ساڻي،
شهر ۾ ٿي سادگي!

# تصور ابڙو

## غزل

آدمي مان، خدا تنهنجو تصورُ،
دائمي هُو، فنا منهنجو تصور.

جاڻ فتويٰ ملي، منهنجي نالي،
لوڪ ليکي، خطا منهنجو تصورُ.

پارسائي مران، مان چاهيان ٿو،
ڏوهه هَرِڪان، خفا منهنجو تصورُ.

جو بہ هڪڙو ملي، مون سان پيرو،
ساڻ رکندو، سدا منهنجو تصورُ.

نيٺ هرڪو، ويو آهي سمجهي،
روشنيءَ کي، عطا منهنجو تصورُ.

خوبصورت وجي، ٿو ٿيندو هو،
جڻ سڻي ڪا، غذا منهنجو تصورُ.

ڪوبہ ڏاهو نہ، خوش رهيو ڪڏهين،
هاڻ منهنجي، سزا منهنجو تصورُ.

ٻاهہ نفرت، وسائي رکندو آ،
جو تہ ٿڌڙي، هوا منهنجو تصورُ.

موج مستي رهي، ٿي هر دم جو؟
آ فقيري، دعا منهنجو تصورُ.

لالُ قلندر رهي، ٿو مون سان گڏ،
بودلي جي، صدا منهنجو تصورُ.

## غزل

وڏو ڪيڏو حشر پوپي، خاموش ٿو گهاري،
خبرناهي شهر جا لڪ؟ خاموش ٿو گهاري.

وڏا هاڃا ٿيا هتڙي، پر ڪو اثر ناهي،
نشي ۾ آ نگرُ سارو، خاموش ٿو گهاري.

ڇڏي سڀ سانگ جيون جا ۽ خود کي ڀُلائي ڪو،
رهي ٿو بس پٿر بڻجي، خاموش ٿو گهاري.

وساري يار ويٺو آ، جو موت پي هن کي،
ڳڻي پل پل پهر ويٺو، خاموش ٿو گهاري.

وڇوڙو هي پرين تنهنجو آ، داغ هن دل تي،
حياتيءَ جو چڪر سمجهي، خاموش ٿو گهاري.

طلب ڪيڏي رکي رب جي، ٿو رات پر جاڳي،
ڪري هُو بس ذڪر دل ۾، خاموش ٿو گهاري.

”تصور“ آدميءَ هوندي، چپ چاپ جو ايڏو؟
لڳي ٿو جڻ بحرُ ڪوئي، خاموش ٿو گهاري.

# وفا سولنگي

## غزل

هوائن ۾ هر سو، تلاشي پئي،
امن پيار خوشبو، تلاشي پئي.
دوا ڪاڻ ڪوڙو، مسيحا سهي،
وري درد دوڪو، تلاشي پئي.
هتان ڪَڪ ٽينڊين، مٽي ماڳ ڪي،
جيئڻ ڪاڻ لوڪو، تلاشي پئي.
نہ تعبير ٽيندڙ، ڪٿان ڪان ڪٿان،
وري سونهن سپنو، تلاشي پئي.
اکيون اوجاڳن ۾، اوڙاڳيون وفا!
ڪٽي خواب سپنو، تلاشي پئي.

## غزل

حياتي جو سورج، لهي ٿو وڃي،
يا پاڻي هٿن مان، وهي ٿو وڃي.
وڏو بدبخت آ، مقدر ميان!
سدا دشمنن سان، ٺهي ٿو وڃي.
وڏيون مشڪلاتون، اڪيلو هي سِرُ،
سوين سور سختيون، سهي ٿو وڃي.
سندس وار واسيل، ۽ مهڪيل ائين،
اچي واءُ خوشبو، ڇُهي ٿو وڃي.
بنا پيار جيون، ۾ هيڪل وفا!
وٺي حيرتون ڪيئن، رهي ٿو وڃي.

## غزل

سوچون سپنا، نظامايان ٿو،
آسون اُدما، نظامايان ٿو.
خوف ٿي خوف، ڪلاشن ڪوف،
خوف ۽ خدشا، نظامايان ٿو.
هيءَ آ هاري، هيءَ آ رئيس،
حيثت شعبا، نظامايان ٿو.
وفا سولنگي، ڇا ڇا آشا!
من جي منشا، نظامايان ٿو.

## غزل

سپنن ڪي آ، ڏارا پنهنجي،
نيڻن ڪي آ، ڏارا پنهنجي.

توڙي ترار، تہ ناهن،
لفظن ڪي آ، ڏارا پنهنجي.

رستن جا هن، راهي ماٺهو،
پيرن ڪي آ، ڏارا پنهنجي.

وفا سولنگي، عرض ڪري ٿو،
شعرن ڪي آ، ڏارا پنهنجي.

نوشاد پروين گل

# مخدوم محمد زمان ’طالب الموليٰ‘ ۽ سندن گهراڻي جي علمي ادبي خدمتن تي هڪ نظر

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت طالب الموليٰ،
تہ پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.



انساني جذبن ۽ اُمنگن سميت زندگيءَ جي مڙني مامرن کي بهتر انداز ۾ اظهارڻ جو وسيلو ’ادب‘ آهي. ادب ۾ وري نثر کان وڌ نظم پُراثر صنف ٿئي ٿي. نظم ۾ شاعري انساني جذبن کي آپارڻ ۽ اظهارڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿي. شاعري، انساني نفيس جذبن جي منظوم تاريخ ٿئي ٿي. انهيءَ نفيس جذبن جي تاريخ ۾ شاعر نہ رڳو پنهنجي اندر جي ڪائنات جي ڳالهہ نهايت حسين ۽ خوبصورت پيرايي ۾ بيان ڪندو آهي پر ان ۾ ڪائنات جي ڳُجهن اسرارن ۽ لقاوَن تان بہ نهايت ئي نفيس ۽ دلربانہ انداز ۾ پردو هٽائيندو آهي، شاعر لفظن جو وينجهر ۽ لغت نويس بہ ٿئي ٿو. شاعر لفظن جو پندار آهي، لفظ شاعر جا محتاج ٿين ٿا. ادب جيئن تہ زندگيءَ مان ڦُٽي نڪتو آهي، تنهنڪري ادب ئي زندگيءَ کي بهتر ۽ سڦلائتي بنائڻ ۽ آئينده جي امڪاني خطرن ۽ خوشخبرين کان عوام الناس کي آگاهہ ڪرڻ ۾ پنهنجو اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪري ٿو. شاعر ڪائنات جو ترجمان بہ آهي، سندس جذبات، احساسات هر اُن نُڪتي کي اهڙي انداز ۾ واضح ڪرڻ جي قدرت رکن ٿا، جيڪي هوند عام رواجي طرح ماڻهو سمجهي نہ سگهن. فنونِ لطيفہ ۾ شاعريءَ جو مقام ايڏو بلند بالا آهي، جنهن کي جزو پيغمبري ڪوٺيو ويو آهي.

سنڌ ۾ ادبي ميدان تي ڏسبو تہ اسان کي هالا جي مخدوم سروري گهراڻي جون خدمتون سرواٽي ڪندي نظر اينديون. هالا جو مخدوم سروري گهراڻو ادبي لحاظ کان سنڌ هند ۾ هڪ ممتاز ۽ يگاني حيثيت رکي ٿو. هن گهراڻي غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرور ؒ کان وٺي قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ ۽ مخدوم جميل الزمان ’جميل‘ تائين وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن مضمون جي شروعات هڪ اهڙي ئي ڪافي ۽ غزل جي باڪمال شاعر، ماهرِ لسانيات ۽ لغت نويس جي تذڪري سان ڪجي ٿي، جن کي سنڌ جا ماڻهو ”حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ“ جي نالي سان سڃاڻين ٿا. سندن ڪلام جو چرچو ۽ تعريف سنڌ سميت ولايت تائين رسيل آهي.

”ديوانِ طالب الموليٰ“ قبلہ سائين مخدوم محمد زمان ’طالب المولي‘ جي نالي سان قائم ڪيل ”طالب الموليٰ اڪيڊمي هالا- سنڌ“ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي. هن ديوان جو پهريون ڇاپو 1982ع ۾ ”سروري پبليڪيشن هالا سنڌ“ ڇاپي پڌرو ڪيو. قبلہ سائين مخدوم محمد زمان ’طالب الموليٰ ؒ‘ جن جا لکيل غزل اجا بہ اڻڇپيل آهن. هن ديوان جو مهاڳ قبلہ مخدوم محمد زمان ’طالب الموليٰ‘ سائنءَ ؒ پاڻ لکيو آهي. تعارف بعد چيئرمن طالب الموليٰ اڪيڊمي قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب منسٽر بين الصوبائي رابطا حڪومتِ سنڌ جن جو اشاعتي نوٽ آهي، تنهن کان پوءِ ڪلام شروع ٿئي ٿو. هن ديوان ۾ ڪل 366 غزل آهن، ڪلام کان پوءِ

لفظن جي معنيٰ وار لڙهي- "فرهنگ ديوانِ طالب المولىٰ" ڏني وئي آهي، جا الف- بي وار ترتيب ۾ آهي. اهڙي، ريت هيءُ عاليشان ديوان پورو ٿئي ٿو. ڪتاب پڪي بائينڊنگ ۽ ڊيمي سائيز ۾ 448 صفحن تي مشتمل آهي، ٽائيٽل ۽ پنو، ڪتاب جي دلڪشي ۽ خوبصورتيءَ ۾ اضافو ڪندا آهن. هن ڪتاب جو ٽائيٽل ۽ پنو پئي جاذب ۽ خوبصورت آهن ۽ ڏسندڙ کي هڪدم پاڻ ڏانهن متوجه ڪن ٿا. هيءُ ديوان پڙهندڙن لاءِ من موهيندڙ آهي. قبلہ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن جو هيءُ ديوان سنڌ جي هر ننڍي وڏي بڪ اسٽال تي موجود آهي. هيءُ ديوان، شاعريءَ سان لنئون رکندڙ هر اهلِ دل ماڻهو کي پسند ايندو. سمورا غزل پنهنجي سمورين فني ۽ فڪري خوبين ۽ رعنائين سان ملبوس نظر اچن ٿا. خاص طور تي هر غزل ۾ رديف جو استعمال غزل کي جا هيڪاري سونهن ۽ سوڀيا بخشي آهي، سا ڏسڻ وٽان آهي. قبلہ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن هوندئن به سنڌي شاعري خاص طور تي ڪافيءَ جا نهايت مڃيل، پختا ۽ باڪمال شاعر ته آهن ئي، پر غزل تي به ڪين پڪو پختو ملڪو حاصل آهي. مصري شاهه کان پوءِ سنڌي ڪافيءَ ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو هو، ان خال کي به قبلہ سائينؒ جن ئي بخوبي نموني پُر ڪيو. جديد سنڌي ڪافيءَ کي جنهن باڪمال شاعر عروج ۽ سونهن ڏني آهي، اهي قبلہ سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰؒ' ئي آهن.

هن ديوان ۾ داخل ڪيل غزلن جي پوري اڀياس کان پوءِ بنا ڪنهن وڌاءَ جي، اهو ضرور چئبو ته قبلہ سائينؒ جهڙيءَ ريت ڪافيءَ کي عروج بخشيو آهي، تهڙيءَ ريت هنن غزلن تي به پورو توجهه ڏنو آهي، ۽ پاڻ غزل جا به باڪمال شاعر آهن. قبلہ سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰؒ' جن جي لکڻ جي خاص هڪ خوبي هيءَ به آهي ته پاڻ جڏهن به شاعري يا ٻيو ڪو اسم لکڻ فرمائيندا هئا ته آخر ۾ ڏينهن، تاريخ ۽ ماهه ضرور لکندا هئا. اها خوبي به چند شاعرن ۾ ڏسجي ٿي. هن عمل سان ڪنهن به لکڻي جي تاريخي اهميت، پس منظر، وقت ۽ حالتن جو تعين ڪري سگهجي ٿو. ادب ۾ خاص طور تي سنڌن شاعريءَ ۾ اهو رويو هڪ سمجهداريءَ وارو رويو آهي. جنهن کي قبلہ سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰؒ' جن هر هنڌ استعمال ڪيو آهي. قبلہ سائنؒ هن ديوان ۾ شاعر سان گڏ ماهرِ لسانيات ۽ ماهر لغت نويس به نظر اچن ٿا. پاڻ پنهنجي مهاڳ ۾ لکن ٿا:

> "سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا اکر پختائي وٺي ويا آهن، جن جي عمر اسان جي ڏاڏن، پڙڏاڏن کان به وڌي آهي، انهن اکرن کي ننڍو وڏو، پوڙهو پڪو، پڙهيل اڻپڙهيل، عالم فاضل، پروفيسر ڊاڪٽر، نظم توڙي نثر لکندڙ، گهر ۾ ۽ گهر کان ٻاهر به هر وقت عام جام ڳالهائي ٿو. نه رڳو ايترو پر هر مصنف، مؤلف، ايڊيٽر ۽ مترجم به پنهنجي هر ڪتاب ۽ اخبار جي پروفن پڙهندي انهن اکرن کي قائم رکي ٿو، جيڪڏهن اهي اکر سنڌي ٻوليءَ مان ڪڍي ڇڏجن ته، نه فقط ٻولي بي زيب ٿيندي بلڪ معنيٰ ۽ مطلب به سمجهه ۾ نه ايندو. ان هوندي به انهن اکرن کي الف- بي واري تختيءَ ۾ اڄ تائين شامل نه ڪيو ويو آهي. اهي اکر هي آهن: ڙهه، لهه، مهه، نهه، ٿهه، تنوين ۽ غنه وغيره. انهن اکرن کي مون هن طرح ترتيب ڏني آهي: ڙ کان پوءِ ڙهه، ل کان پوءِ لهه، م کان پوءِ مهه، ن کان پوءِ نهه. ان کان پوءِ تنوين، ان کان پوءِ غنه ۽ ٿ کان پوءِ ٿهه. انهن اکرن جا اُچار منهنجي غزلن جي رديفن پڙهڻ مان معلوم ٿيندا." (ص 10، 9 مهاڳ)

قبلہ سائينؒ جن جي نه فقط پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ ڏانهن والهانه محبت، عقيدت سميت فڪر ۽ سنجيدگي نمايان طور نظر اچي ٿي پر پاڻ هر حالت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سوڌ سنوار ۽ صحيح لکاوٽ ۽ استعمال طرف به توجهه ڏيندي نظر اچن ٿا. مهاڳ ۾ قبلہ مخدوم صاحبؒ جن سنڌي ٻوليءَ جي وسرگ، اوسرگ، تنوين ۽ غنائي (گهڻن) آوازن تي علمي بحث ڪيو آهي. سنڌي الف- بي جا اهي مسئلا اڄ به اڻ نبريل

آهن. 'ھ' اکر جي وسرگائي/اوسرگائي حالت واضح نہ ٿي آهي. 'ھ' اکر جي مختلف صورتن کان علاوه 'ن'، 'ج'، 'گ' ۽ 'ڻ' اکرن جي غنائي حالت بہ ساڳي تضبذب ۾ آهي. ازان سواءِ تنوين مونجهاري جو شڪار آهي: مثال طور: ـً ، ـٍ ، ـٌ ، وغيره جو استعمال ڪٿي ۽ ڪهڙي حالت ۾ ڪرڻ جائز آهي.

قبلہ سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' جن جي شاعرانہ حيثيت ۾ سندن شخصيت، مطابق مون جيڪي سندن ڪتابن ۾ پڙهيو آهي، تہ ان ۾ بہ مخدوم صاحب جن پنهنجي ذات جي بلندي يا هڪ عظيم اولياء حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ جي سجاده نشين هوندي بہ هڪ بهترين شاعر آهن، احساسات ۽ جذبات کين ان مقام تي پهچائين ٿا، جتي علم و دانش جا درياء وهن ٿا. سندن حسين لفظن جي موتين جون املھ ڪاٿيون آهن. سندن علم و فڪر ۾ فهم ۽ ادراڪ جي جيڪا قوت سمايل آهي، اها هر انسان کي نہ رڳو پاڻ سڃاڻڻ تي آماده ڪري ٿي، پر نيڪ عملن جي تلقين پڻ ڪري ٿي.

قبلہ سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' جن جي لکيل غزلن کي انور هالائيءَ چئن دورن ۾ ورهايو آهي، پهريون دور 1930ع کان 1950ع، ٻيون دور 1951ع کان 1965ع، ٽيون دور 1966ع کان 1975ع ۽ چوٿون دور 1976ع کان سندن وفات تائين، جنهن لاءِ انور هالائي لکي ٿو:

> "انهن چئني دورن مان ٻئي دور کي مون ارتقائي دور قرار ڏنو آهي، جنهن کان وٺي طالب المولیٰ جي غزلن جي افاديت روز افروز، ترقي ڪندي رهي ٿي. سندن دور اهو هو، جنهن ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي شاعريءَ تي جيڪا مايوسي ڇانيل هئي، ان کي مخدوم صاحبؒ پنهنجي خداداد فن سان ٽوڙي نہ رڳو هڪ نئين راهہ جو تعين ڪيو پر پاڻ شاعريءَ جي اصلوڪي صورت الحال کي بہ من و عن قائم ڪرائڻ ۾ کين وڏي مهارت حاصل هئي. پاڻ انتهائي ڪاميابيءَ سان سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ فارسيءَ ۾ شعر لکيا اٿن. پاڻ نثر جا ليکڪ پڻ آهن. قبلہ سائينؒ سنڌي زبان جا لائق ۽ جڳ مشهور شاعر پنهنجي دور جا سڀ کان وڏا قابلِ تحسين شاعر آهن. مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' جي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ورتل اڻٿڪ ۽ نہ ختم ٿيندڙ ڪوششن تي سنڌ سندن شڪرگذار آهي، پاڻ هر قسم جي شاعري ڪيائون، جن ۾ غزل، نظم، رباعي ۽ ڪافي شامل آهن. پاڻ انتهائي ڪاميابيءَ سان سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ فارسيءَ ۾ شعر لکيا اٿن." (ص 34) سندن گاديءَ جو سلسلو حضرت محمد بن ابي بڪرؓ سان وڃي ملي ٿو. اها ڳالهہ پڻ قابلِ ذڪر آهي تہ حضرت مخدوم نوح سرورؒ جن سنڌي ٻوليءَ جا پهريان شاعر ۽ برصغير ۾ قرآن پاڪ جا پهريان فارسي ترجمہ نگار پڻ هئا.

"طالب المولیٰ اڪيڊمي هالا" جي روح روان ۽ چيئرمن قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن پنهنجي اشاعتي نوٽ ۾ ديوان جي ڇپائيءَ بابت هن طرح فرمائين ٿا:

"ديوان طالب المولیٰ" جو پهريون ڇاپو حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' سائنؒ جي نگرانيءَ هيٺ 1402ھ/1982ع ۾ مرڪزي بزم طالب المولیٰ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل محمد شفيع ابڙو المعروف انور هالائي صاحب جي هٿان سروري پبليڪيشن هالا، سنڌ ڇپرائي پڌرو ڪيو." (ص 87)

قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن وڌيڪ لکن ٿا:

> "قبلہ سائنؒ جو ارادو هو تہ ديوان طالب المولیٰ' کي ٻيهر ڇپرائجي. اڄ مون کي بيحد خوشي ٿي آهي ۽ آءٌ الله سائين جو شڪرگذار آهيان جو قبلہ سائنؒ جي ارادي جي تڪميل ۾ سندن شاهڪار ڪلام تي مشتمل "ديوان طالب المولیٰ" جو ڇاپو ٻيو پڌرو ٿيو آهي. پاڻ ٻيا بہ ڪئين ڪتاب لکيا آهن، جن جا قلمي نسخا طالب المولیٰ لائبريريءَ ۾ موجود آهن،

جن ۾ مختصر سنڌي لغت کان علاوه ديوان طالب الموليٰ جلد- ٻيون بہ شامل آهي، جنهن کي پڻ جلد شايع ڪرايو ويندو، آءٌ سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن کي گذارش ڪندس تہ جڏهن ديوان طالب الموليٰ کي پڙهن تہ ان ۾ قبلہ سائين جو لکيل سنڌي ٻوليءَ متعلق مهاڳ ضرور پڙهن، ۽ پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪن.“ (ص39)

غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ جن جي اولاد ۾ قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جو گهراڻو سنڌ ۽ هند ۾ علمي ۽ ادبي حوالي سان هڪ مخصوص ۽ گهڻ رخي سڃاڻپ جو حامل آهي. قبلہ سائين مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جن جا والد مربي ۽ مرشد قبلہ مخدوم غلام محمدؒ عرف گل سائين اعليٰ پايي جا شاعر هئا، ”مغموم“ سندن تخلص هو. سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربيءَ ۾ ڪين مهارت حاصل هئي. ”ديوانِ حافظ“ هميشہ پاڻ سان گڏ رکندا هئا. پاڻ صاحبِ دل، فقير، تارڪ الدنيا درويش، سخي مرد، سندن اڌ کان گهڻي عمر، فقيريءَ ۽ گوشہ نشينيءَ ۾ گذري. هي بزرگ سروي گاديءَ جا 16 هون نمبر سجاده نشين هئا.

مخدوم غلام حيدرؒ سنڌ جي سلجهيل سياستدانن ۽ وڏن عالمن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا، سندن ذڪر ڪان سواءِ هالا جي علمي، ادبي، تعليمي، سياسي ۽ سماجي تاريخ اڌوري رهندي. پاڻ نهايت ’بيدار دماغ‘ مدبر، معاملہ شناس، مقبول عام ۽ ذهين شخص هئا. مسجد کان اسيمبليءَ تائين سندن نگاهہ هئي، تسبيح ۽ مصلي کان وٺي سماجي ۽ قومي امور تائين سندن دسترس هئي. مطالعو، وضعداري، خدمتِ خلق، جود و سخا، سياست ۽ رياست جا مسئلا، مريدن جي نگهداشت، پنهنجن پراون جي خبرگيري، هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جو انتظام هلائڻ، ميونسپالٽيءَ جو ڪم سنڀالڻ وغيره اهي سڀ معاملا سندن ذمي هئا. پاڻ قبلہ سائين مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جن جا سڳا چاچا هئا.

غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي اولاد ۾ ’مخدوم محمد زمان‘ جي نالي سان ڇهہ بزرگ ٿيا آهن:

(1) مخدوم محمد زمانؒ [اول] (1645ع- 1705ع)
(2) مخدوم محمد زمانؒ [ثاني] (1707ع- 1770ع)
(3) مخدوم محمد زمانؒ [ثالث] (1772ع- 1807ع)
(4) مخدوم محمد زمانؒ [رابع] (1818ع- 1852ع)
(5) مخدوم محمد زمانؒ [خامس] (1861ع- 1913ع)
(6) مخدوم محمد زمانؒ [طالب الموليٰ] (1919ع- 1993ع)

قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جي خاندان جي تبليغ جو طريقو سهروردي رهيو آهي. سمن جي دور ۾ سندن ڪيترائي مبلغ ۽ عالم هالڪنديءَ ۾ رهندا هئا، جن ۾ هالا جا مخدوم مکيہ آهن، خاص ڪري مخدوم اسحاقؒ ۽ سندن فرزند مخدوم احمدؒ ۽ مخدوم محمدؒ ناميارا بزرگ هئا، جام نظام الدين سمي جي دور ۾ دين جي تبليغ ڪندا هئا. مخدوم اسحاقؒ سنڌ جي نامور غوث حضرت مخدوم لطف الله المعروف مخدوم نوح سرورؒ بن مخدوم نعمت اللهؒ جن جو ڏاڏو سائين هو. دراصل سهروردي تصوف جي چئن سلسلن مان هڪ سلسلو آهي، جنهن جو باني مباني حضرت ابوالنجيب ضياءالدين عبدالقاهرؒ هو. هيءُ بزرگ، غوث الحق حضرت نوح مخدوم سرورؒ جي وڏن مان هڪ جليل القدر شخصيت هو. سندن نسبي تعلق 9 پيڙهيءَ کان پوءِ اسلام جي پهرين خليفي سيدنا حضرت ابوبڪر صديقؓ سان وڃي ملي ٿو.

قبلہ مخدوم محمد زمان ’طالب الموليٰؒ‘ پنهنجي طبعيت ۽ مزاج ۾ نہ رڳو پاڻ ادارو هئا، ۾ هنن ڪئين ادارا ناهيا ۽ هلايا. پاڻ بزم لطيف ڪراچي، بزم بسمل ٽنڊومحمد خان، ۽ بزم ادب دادوءَ جا سرپرست بہ رهيا، پاڻ انجمن علم و ادب هالا، جمعيت الشعراء سنڌ ۽ ادارهٔ روح ادب حيدرآباد جا صدر رهيا، گڏوگڏ بزم طالب الموليٰ سنڌ

جا باني پڻ رهيا. پاڻ انهيءَ تنظيم جا تاحيات چيئرمن پڻ رهيا. انهن مصروفيتن کان علاوه پاڻ لطيف ڪلچرل سينٽر ڀٽ شاهه، پاڪستان ڪلچرل سينٽر ڪراچي، ريڊيو پاڪستان، ۽ ٽيليويزن ڪارپوريشن جي بورڊ جا ميمبر پڻ رهيا. سندن سرپرستيءَ ۾ ٻه هفتيوار اخبارون: پاسبان حيدرآباد ۽ الزمان هالا مان ڇپبيون هيون. ازان سواءِ ٽي ماهوار رسالا: 'فردوس' هالا مان، 'طالب المولىٰ' دادومان ۽ 'روح ادب' حيدرآباد مان پڻ ڇپبا هئا. پاڻ سروري اسلاميه ڪاليج هالا جي طالب المولىٰ هاسٽل ۽ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادوءَ جا باني رهيا. گهڻ رُخي ادبي سرگرمين سبب ڪين مختلف مشاعرن ۽ ادبي ڪانفرنسن جي صدارت جو شرف پڻ حاصل رهيو. پاڻ صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر پڻ رهيا.

قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جي لاڏاڻي کان پوءِ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ جي گاديءَ تي سندن وڏا فرزند قبلا سائين مخدوم محمد امين فهيم سرفراز آهن. پاڻ تمام نفيس، صابرين، پاڪستان جا وڏي ۾ وڏا مدبر ۽ سينئر سياستدان آهن. سنڌ ۾ مشهور آهي تہ صبر سکڻو هجي تہ سائين مخدوم محمد امين فهيم کان سکجي. پاڻ اعليٰ پايي جا شاعر بہ آهن، سندن شعري مجموعا بہ ڇپيل اٿن. شاعري ڪين ورثي ۾ ملي اٿن. سندن ڪلام تي مشتمل ڪتاب "پيغام" سنڌي ادبي بورڊ سنہ 1990ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. مشهور عالم مولانا غلام محمد گرامي جي راءِ مطابق: "امين سائين جي فن ۾ ذوق جماليات جي ڀرپور ترجماني آهي. ڪلام ۾ سوز و گداز، محبت ۽ رقت جا اهي سڀ معيار موجود آهن، جي هڪ پرگو پختہ ۽ قادرالڪلام شاعر ۾ ٿين ٿا. سندن تغزل، فني خيال کان رمزيت، معنويت، اشاريت، ايمائيت تي مشتمل آهي ۽ سندن پيرايہ بيان رنگين ۽ دلڪش آهي. ڪافيون دردانگيز ۽ رقت خيز آهن، قومي شاعريءَ ۾ بهترين ڪلام چيو اٿن. سندن ڪلام ۾ ٻولي پختي، رسيلي، سُريلي، مٺي ۽ من موهڻي آهي، جا شاعريءَ جي زبان ۾ اچي وڏيڪ رنگين ۽ دلڪش بڻجي پئي آهي. سندن تخلص "امين" آهي.

قبلا سائين مخدوم محمد امين فهيم جي نالي سان هن خاندان ۾ اڳ ٽي وڏا قادرالڪلام شاعر ٿي گذريا آهن، جن ۾ سائين مخدوم امين محمدؒ (اول) حضرت مخدوم نوح سرور عليہ رحمت جو ڇهريون سجاده نشين هو، سندن وفات 63 ورهين جي ڄمار ۾، 7 شعبان المعظم 1015هه ۾ ٿي. ٻيو بزرگ، سائين مخدوم امين محمد (ثاني) (1837ع- 1795ع) هو ۽ ٽيون سائين مخدوم امين محمد (ثالث) عرف پکن ڌڻيؒ جي نالي سان مشهور هو، 29- جون 1886ع ۾ سندن وفات ٿي. هو بہ پنهنجي دور جو سٺو شاعر هو.

قبلا سائين مخدوم محمد امين فهيم نهايت اصول پرست، نهايت حليم طبع رحمدل، عفو و درگذر ڪندڙ، صابر، شاڪر، قانع، سخي، ساده لباس، خوش خلق، خوش مزاج، سدابهار طبيعت، نيڪ نيت، پاڪ طينت، مساوات جا مجسمہ ۽ انسان نواز شخص آهن. پاڻ انتقام جي برعڪس احسان ۽ عنايت، خيرخواهي جي جذبي سان مخالفن کي مانوس ۽ مطيع ڪندا آهن.

المختصر، قبلا مخدوم محمد امين فهيم سائين جن سروري جماعت جا روحاني پيشوا ۽ گادي نشين آهن. پاڻ سلجهيل ۽ محبِ وطن سياستدان، باوقار، بااصول، سنجيده ۽ سنڌ جا مايہ ناز اديب ۽ شاعر آهن. هڪ باشريعت بزرگ جي گادي نشين هئڻ وارا اهي سڀئي گڻ منجهن موجود آهن. سندن آواز، گفتار، رفتار، حسن خلق، انداز تخاطب پنهنجي والد بزرگوار جي هوبهو ڪاپي آهن. قبلا سائين مخدوم محمد امين فهيم جن جي شخصيت تي جيترو بہ لکجي اوترو گهٽ آهي، ڇاڪاڻ تہ مون ناچيز وٽ اهڙا لفظ نہ آهن جو هتي بيان ڪري سگهان، هو پاڻ ئي پنهنجي ذات ۾ هڪ ادارا آهن.

حضرت مخدوم نوح سرورؒ جن جي گهراڻي جون علم ۽ ادب ۾ وڏيون خدمتون آهن. هن گهراڻي جا ماڻهو هر دور ۾ علم، ادب ۽ شعر و سخن سميت خلق جي خدمت ڪرڻ ۾ هميشہ پنهنجي وڏن جي نقش قدم تي هلندا اچن ٿا.

هن گهراڻي ۾ شاعريءَ جو رجحان تمام گهڻو رهيو آهي، قبلا سائين مخدوم محمد امين فهيم کان پو قبلا سائين مخدوم خليق الزمان سائين جن به سٺا شاعر آهن، سندن شعري مجموعو ڇپيل اٿن. ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان سائين به سٺا شاعر آهن. مخدوم سائين محمد سعيدالزمان 'عاطف' به بلندپايي جا شاعر آهن، سندن ڪافي شعري مجموعا ڇپيا آهن. مخدوم سائين محمد سعيدالزمان سٺا پڙهيل لکيل، سنجيده، نيڪ، پرهيزگار، رحمدل، حيادار، باشريعت، غريبن جا هڏ ڏوکي، علم پرور ۽ باوقار شخصيت جا مالڪ آهن ۽ پنهنجي وڏن جي ڇڏيل واٽ تي گامزن آهن، خلق جي خدمت ڪرڻ ۾ سندن وڏو ڪردار رهيو آهي. پاڻ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر به رهيا آهن، پاڻ ديني ڪتابن ڇپائڻ ۾ گهري دلچسپي وٺندا آهن.

"طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا" سنڌ جو مايه ناز ۽ هاڪارو علمي ۽ ادبي ادارو آهي. هن اداري مخدوم سروري گهراڻي سان تعلق رکندڙ اهلِ علم، اديبن ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام ڇپائڻ جو ڪم بخوبي سرانجام ڏئي رهيو آهي. هن وقت هيءُ ادارو قبلا سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن جي سرپرستيءَ ۾ هلي رهيو آهي.

قبلا سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جي هينئر منسٽر بين الصوبائي رابطا حڪومت سنڌ آهن پر پاڻ سنڌ جي نامور علمي ۽ ادبي اداري سنڌي ادبي بورڊ جا لائق چيئرمن به آهن. سنڌي ادبي بورڊ جو ذڪر نڪرندو ته سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ" جن جي بورڊ لاءِ ورتل ڪوشش ۽ محنتن جو به ذڪر خير ضرور نڪرندو. حضرت قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ" جن جون بورڊ جي ڀلائي ۽ استحڪام لاءِ وڏيون قربانيون آهن. پاڻ بورڊ لاءِ وڏيون رٿائون منظور ڪرايون، بلڊنگون تيار ڪرايائون، ملازمن جي پينشن ۽ گريجوئٽي منظور ڪيائون. مطلب ته بورڊ ۾ اڄڻ سان پاڻ نيون روايتون متعارف ڪرايائون، پاڻ هڪ ڪروڙ رپين جي خصوصي گرانٽ منظور ڪرائي فوتي اديبن ۽ شاعرن، يتيمن، بيواهن، ملازمن کي امداد ڏيارِيائون. "مهراڻ" ۾ لکندڙن لاءِ خصوصي معاوضو منظور پڻ ڪرايائون، سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا تي ڪم شروع ڪيو هئائون. بورڊ جي ملازمن لاءِ ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي رجسٽر ٿي چڪي هئي، پر سندن وڃڻ کان پوءِ ان تي عمل درآمد ٿي نه سگهيو. هاڻي تازو ئي انهيءَ پراجيڪٽ تي موجوده چيئرمن قبلا مخدوم جميل الزمان صاحب جن خصوصي دلچسپي ۽ ڪوشش وٺي چيف منسٽر کان 20 ايڪڙ زمين الاٽ ڪرائي قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ" جن جي خواب کي پورو ڪيو آهي. شروع ۾ بورڊ کي پنهنجي ڪابه بلڊنگ نه هئي، ان صورتحال کي ڏسندي قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ" جن گاڏي کاتي وارو پنهنجو بنگلو "امين منزل" ڏنائون، جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ بورڊ کي جديد آفسيٽ مشينري وٺي بورڊ اندر نصب ڪرايائون ۽ گڏوگڏ عورتن جي لاءِ "سرتيون" رسالو به جاري ڪيائون.

موجوده وقت ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي لائق چيئرمن قبلا سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن پاڻ اعلىٰ پايي جا اديب، صاحب ديوان شاعر، محقق، تاريخ نويس ۽ نوجوان سياستدان آهن. سندن مقبول ڪتابن ۾ "قافيا ڪوش" کي وڏي پذيرائي حاصل ٿي آهي. "قافيا ڪوش" شاعريءَ جي قافين تي هڪ لغت آهي، هن نوعيت جو ڪم هن ڪتاب کان اڳ ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي، ٻيو سندن خاندان تي لکيل ڪتاب "تذڪرهِ مخدومانِ هالا" وڏي مقبوليت ماڻي چڪو آهي. ڪين شاعريءَ سان گهري دلچسپي آهي. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نالي پٺيان سنڌي ادبي بورڊ مان "بينظير" نالي تحقيقي رسالي جو اجراء ڪيو اٿائون.

"قافيا ڪوش" خالص علمي ڪتاب آهي ۽ خاص طور تي علم شاعري، علم لغت، علم عروض ۽ علم اشتقاق سان دلچسپي رکندڙ حضرات لاءِ انتهائي مفيد ۽ ڪارائتو آهي. "قافيا ڪوش" ۾ آيل قافين جي ترتيب الف- بي مطابق رکيل آهي، جن کي سهوليت خاطر گروپن جو نالو ڏنو ويو آهي. قافيا گهڻو ڪري عربيءَ جي فعل- فاعل- مفعول جي وزنن تي آڌاريل آهن. عربيءَ سميت فارسي، هندي- سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ جا اصول به ڪم آيل آهن.

مخدوم غلام حيدرؒ:

1. سفينة النوح عرف سڪينہ روح
2. مختصر سوانح عمري مخدوم نوح سرورؒ
3. اسوه محمدي ﷺ
4. نبوي اخلاق

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ:

1. بهار طالب
2. رباعيات طالب
3. ڪچڪول
4. مثنوي عقل و عشق
5. خودشناسي
6. امام غزاليؒ جا خط
7. شيطان
8. سنڌ جو شڪار
9. مصريءَ جون ڦڙون
10. مضامين طالب
11. اسلامي تصوف
12. ڪافي
13. يادِ رفتگان
14. شانِ سروري
15. چيڄ ۽ چڙيون
16. ديوان طالب الموليٰ
17. لغات سنڌي مخففات
18. بي پير اڪيون
19. منهنجو نئڊيڻ
20. آبِ حيات
21. بهارستان
22. انتخاب ڪلام

مخدوم محمد امين فهيم:

1. پيغام

مخدوم سعيدالزمان 'عاطف':

1. عشق نہ چرچو ياڻءِ
2. بولي ڪبي نہ پي

ميرزا منظور علي بيگ

# سنڌ جي ثقافت: قديم آثار ۽ طرزِ تعمير

سنڌ جي ڌرتيءَ کي خدا تعاليٰ هن نعمت سان نوازيو آهي جو هتي ڪيئي ديني ۽ دنيوي شخصيتون دفن آهن. هن سر زمين کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته هتي قديم انسان به رهندا هئا. جن جا آثار روهڙيءَ واري جابلو علائقي ۾ به ڏٺا ويا آهن.

روهڙيءَ جي پرپاسي وارين چن- پٿر جي ٽڪرين جي جوءِ ۾ اڳاٽي سمي پاٿري اوزارن ٺاهڻ جا ڪارخانا هوندا هئا جتي انهيءَ قسم جا هٿيار ۽ اوزار وسيع پيماني تي ٺهندا هئا. پاٿري اوزار ٺاهڻ جي هن صنعت جو دؤر- قديم پاٿري دؤر، وچولي پاٿري دؤر، پوئين پاٿري دؤر ۽ قبل از تاريخ دؤر سان تعلق رکي ٿو. انهن ٽڪرين جي چوٽين تي چمڪدار پٿر جا ڏوڳ مگريون (Croes) پاسارا (Flakes) رکيل هئا. جيڪي پهريون پيرو 1880ع ۾ ڏٺا ويا هئا. ان کان پوءِ ڊي ٽيرا ۽ پيٽرسن به انهيءَ جابلو علائقي کي گهمي ڏٺو هو جن کي پٿر جي قديم ۽ سنڌو سڀيتا واري دور سان لاڳاپيل ڪي پاٿري اوزار هٿ آيا هئا. پٿر جي قديم دؤر ۽ سنڌو. سڀيتا واري زماني جي پاٿري اوزارن ۾ گهڻي هڪ جهڙائي هئي جيڪا هڪ اچرج جهڙي ڳالهه هئي. 1975-76ع ۾ برجيٽ ۽ رئمنڊ آلچن روهڙي واري علائقي جي تحقيقي جاچ پڙتال ڪئي هئي جنهن دوران کين وچين ۽ پوئين پاٿري دؤر جا نهيل پاٿري اوزار مليا هئا. ان کوجنا دوران کين اهڙا ماڳ به ڏسڻ ۾ آيا جتي اهڙن اوزارن ٺاهڻ جا ڪارگاهه قائم هئا جتان جو تيار ٿيندڙ مال سنڌو- سڀيتا جي ٻين شهرن ڏانهن موڪليو ويندو هو. ويجهڙ واري دؤر ۾ اٽلي جي قديم آثارن جي ماهرن ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي قديم آثارن واري شعبي جي مدد سان کوجنا ڪري اهڙين ڳالهين جي تصديق ڪئي هئي ۽ کوجنا جي ڪم کي اڳتي به وڌايو هو. هتان قديم پٿر دور، وچولي پاٿري دؤر، ۽ سنڌ سڀيتا جي زماني سان لاڳاپيل پاٿري اوزار ۽ پاٿري اوزارن ٺاهڻ وارن ڪارخانن جون ثابتيون به مليون آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ پاٿري اوزارن ٺاهڻ وارو زمانو تمام ڊگهو رهيو آهي. ٽنهنڪري هن ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي ته هتي پٿر جي قديم دؤر کان وٺي سنڌو سڀيتا واري زماني تائين پاٿري اوزارن جي ٽيڪنالاجي جي اوسر جو نئين سري سان جائزو ورتو وڃي.

## ڪوٽڏجي:

ڊگهي عرصي کان پوءِ هڪ مڪمل سڀيتا جي موجودگيءَ جو پتو پيو جنهن جون پاڙون ڪوٽڏجي ۽



ڪوٽڏجي جو مُک دروازو

آمري ۾ کُتل هيون. اهو انهي ڪري نه ٿيو ته ڪي هتي ماڻهو موجود ڪونه هئا پر سائنسي طريقي سان کوجنا ڪرڻ واري ڄاڻ ڪانه هئي. ڪوٽڏجي وارو ڦٽوڙو خيرپور کان اٽڪل 20 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف آهي. هن قديم ماڳ جي کوٽائي ۽ کوجنا کان پوءِ پهريون اسان کي ڪيترن سوالن جا جواب ملي ويا جن کان اسان هن وقت تائين اڻ واقف هئاسون. جڳ مشهور سنڌو سڀيتا جي اوسر جا قديم مرحلا کهڙا

ڏکڻ پاسي واقع آهي. هي ٽرڙ ٻن دڙن تي مشتمل آهي، جن مان دڙي "A" جي ايراضي 70x135 ميٽر ۽ اوچائي 12 ميٽر آهي ۽ دڙي "B" جي ايراضي 60x1595 ميٽر ۽ اوچائي 6 ميٽر کن ٿيندي. ٻنهي دڙن جي گڏيل ايراضي



آمري جو دڙو

پنج سؤ کان ڇهه سؤ گز اولهه کان اوڀر ۽ ڏيڍ سؤ گز اُتر کان ڏکڻ ٿيندي. امڪان آهي ته رهيل دڙو اجا به وڌيڪ ويڪرو هوندو جن جي وچ تي آباد زمين هڪ ٻئي کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي. "B" نالي واري ننڍي دڙي تي مسلمانن جون قبرون آهن جيڪو "A" دڙي کان وڌيڪ قديم لڳي ٿو. دڙي "A" جي صفا مٿين تهه تان اسلامي دور جون ڪي شيون هٿ لڳيون آهن.

هن دڙي ڏانهن ڌيان اين.جي.مجمدار ڇڪايو هو جيڪو 1929ع واري سروي دوران هتي آيو هو ۽ هن ماڳ جي مختلف جاين جي کوٽائي به ڪرائي هئائين. هتان ڪيس مختلف نمونن جا ٿانوَ هٿ آيا هئا جن تي الڳ الڳ نمونن جا چٽ هئا. مجمدار هنن ٿانوَن کي "آمري ڪلچر" جو نالو ڏنو هو. هنن ٻنهي دڙن جي مختلف تهن جي انساني آبادي جي شاهدي جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته آمري جي ثقافت جو سلسلو قديم دؤر واري تهه کان هلندو. مغل دور جي ابتدا تائين ختم ٿي وڃي ٿو. پهرين وڏي ثقافتي مرحلي کي آمري ثقافت ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. جنهن کي وري مختلف چئن مرحلن جهڙوڪ: آمري A,B,C ۽ D ۾ ورهايو ويو آهي. آمري جي مختلف تهن جي معلومات ريڊيو ڪاربان وسيلي معلوم ڪئي وئي. جن جو دؤر 3400 ق.م کان 3000 ق.م تائين ڪٿيو ويو آهي. هن ماڳ جو وچون دؤر سنڌو سڀيتا واري دؤر سان گڏيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٽيون ۽ وڏو ثقافتي دؤر سنڌو سڀيتا سان تعلق رکي ٿو، جنهن ۾ هن سڀيتا جا ٿانوَ ۽ ٻيون ثقافتي شيون هٿ لڳيون جن کي دستاويزن ۾ قلمبند ڪيو ويو هو. هيءُ ڊگهو حصو هو جيڪو ماڻهن جي اچڻ ۽ آباد ٿيڻ سان شروع ٿيو. هن دؤر جو واسطو سنڌو سڀيتا جي عروج سان آهي. جيڪو 2500 ق.م کان 2000 ق.م هو. اهڙي انساني آبادي سنڌو سڀيتا جي خاتمي تائين هلندي رهي. جنهن کان پوءِ جهڪا* ثقافت شروع ٿي. جيڪا بنيادي طور جهڪرا ۽ موهن جي دڙي جي صفا مٿين تهه تي نظر اچي ٿي. هي دؤر دڙي "A" تي ڏاڍي ڊانوانڊول شڪل ۾ نظر اچي ٿو جنهن جي نمائندگي جهانگارا ثقافت ڪري ٿي جيڪا چانهون جي دڙي ۾ پڻ موجود آهي. آمري گهڻي وقت جي غير آباد رهڻ کان ابتدائي مغل دور ۾ وري نئين سري سان آباد ٿي آهي.

آمري جي قديم تهن A ۽ B تي ڪنهن به اڏاوت جا باقيات ڪونه آهن. پر، ۽ D وارن تهن ۾ انساني آباديءَ جا اهڃاڻ موجود آهن.

آمري جي مختلف تهن تان ڪيترن ئي قسمن جون ثقافتي شيون جهڙوڪ: پٿر جون ڇريون (Blades) منگريون، ڪنجهي يا ٽامي جا ٽڪرا، ٺڪر جون شيون، سيلکڙي يا ڪريا پٿر (Alabaster) جا ٺهيل پيالا، عاج ۽ پٿر جون شيون وغيره. ٺڪر جا ٿانوَ چڪ ۽ گهاڙ ٻنهي قسمن جا هٿ لڳا آهن. ٿانوَ به مختلف قسمن جا آهن، جن مان ڪي لسا ٻُسا ۽ ڪي چٽيل آهن. ڪن جي چٽ ۾ ٻه رنگ استعمال ٿيل ڏسجن ٿا، جيڪي جاميٽري طرز ۽ جانورن جي شڪل تي مشتمل آهن.

---

* محقق جو اشارو جُهڪر دڙي جي تهذيب ڏانهن آهي، جيڪو تعلقي ۽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ موجود آهي، موئن جي دڙي جو همعصر ٻڌايو وڃي ٿو. (ايڊيٽر)

آمري دور- سنڌو سڀيتا سان تعلق رکي ٿو. جنهن ۾ چڪ تي چاڙهيل ٺڪر جا ٿانوَ ڏسجن ٿا جيڪي پڪل ڳاڙها آهن ۽ مٿن ڪاري رنگ جي چٽسالي ڪيل آهي. هي ٺڪر سنڌو سڀيتا جي چٽسالي سان تعلق رکن ٿا جيڪي ڳاڙهي رنگ سان رڱيل آهن. آخري تهه تائين اهڙي قسم جا ٺيڪري ٿانوَ لڌا ويا آهن. جنهن جو ڍنگ جهڪر جي ٿانوَن جهڙو آهي. اهڙي قسم جا ٿانوَ چانهون جي دڙي ۽ موئن جي دڙي جي صفا مٿئين تهه تان پڻ مليا آهن.

## سنڌوماتريءَ جي سڀيتا

### موئن جو دڙو:

ڪوٽڏجي ۽ آمري جي ثقافتن، سنڌو- سڀيتا لاءِ راهه هموار ڪئي، جيڪا پوءِ نهايت عروج تي پهچي چڪي هئي. هن تهذيب جو دائرو سنڌ، پنجاب، راجستان، ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات ۽ بمبئي کان ڏکڻ اوڀر دائم آباد تائين ۽ ٻي پاسي دهلي کان اتر- اوڀر عالمگيرپور تائين ڦهليل هو ۽ ٽئي طرف افغانستان جي منديگاڪ کان ايلم تائين پکڙيل هو. موئن جي



موئن جي دڙي جا ڦٽل آثار

دڙي جي دريافت اسان جي دؤر جو هڪ اتفاقي واقعو آهي. ويهين صدي جي ٻي ڏهاڪي ۾ هڙپا جي کوٽائي ۽ کوجنا گهڻي اڳتي وڌي چڪي هئي جنهن وسيلي تاريخ کان اڳ واري دور سان تعلق رکندڙ تهه لڌا جن تي انساني وسندين جا اهڃاڻ هئا. آر. ڊي. بئنرجي کي موئن جي دڙي واري ماڳ تي ٻي صدي عيسوي جي تعمير ٿيل اسٽوپا واري ماڳ جي کوٽائي ڪندي اتفاقي طور اهڙيون شيون هٿ لڳيون جيڪي هن ماڳ کان 570 ڪلوميٽر پري اُتر پنجاب جي ضلعي منٽگمري (هاڻي ساهيوال) مان هٿ لڳيون هيون. هنن شين جي ملڻ ڪري قديم آثارن جي ماهرن جي دلچسپي وڌي وئي ۽ سرجان مارشل جي نگرانيءَ ۾ باضابط طو رسال 23- 1922ع ۾ هڪ وڏي پيماني تي کوٽائي جي شروعات ڪئي وئي. قديم آثارن جي کاتي طرفان اها کوٽائي 1931ع تائين هلندي رهي.

ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ هن ماڳ جي کوٽائي قديم آثارن جي انگريز ماهر: سر مورٽيمر ويلر 1950ع ڌاري وري شروع ڪئي، جيڪو ان وقت پاڪستان حڪومت جو قديم آثارن جي کاتي لاءِ صلاحڪار مقرر هو. سندس نگراني ۾ کوٽائيءَ جي مهم فقط هڪ موسم تائين هلي. اهڙي کوٽائي ۽ کوجنا کان پوءِ هن اناج جي ڀانڊن ڳولي لهڻ جي دعويٰ ڪئي، جيڪي SD ايراضي جي اولهه پاسي کيس هٿ لڳا هئا. DS واري ايراضيءَ کي هاڻي W ايراضي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن قسم جي کوجنا کان پوءِ هيءُ ماڳ هڙپا جهڙو اهم سمجهيو ويو.

اهڙيءَ ريت هن ماڳ جي گهڻي وقت لاءِ وسيع پيماني تي کوٽائي ٿيندي رهي، جنهن وسيلي اسان کي هن اهم تهذيب بابت ڄاڻ ملي. قديم آثارن جي ماهرن کي ان تڻ لڳل هئي ته اچرج جهڙي هن ڳجهارت جو ابتدائي دؤر معلوم ڪجي پر هن سڀيتا جو شروعاتي دور پاڻي هيٺ ٻڏل هو، تنهنڪري ان جي کوٽائي ڪري ابتدائي معلومات حاصل ڪرڻ مشڪل نه پر ناممڪن هو. هن ماڳ جي اونهي کوٽائي ڪرڻ جي مقصد سان قديم آثارن جي ماهرن جو هڪ جاکوڙي جٿو جارج ايف.ڊيلس جي اڳواڻيءَ ۾ هتي پهتو. جنهن پاڪستان جي آرڪيالاجي ۽ ميوزيم کاتي جي سهڪار سان کوٽائي شروع ڪئي جنهن جو سربراهه احسان ايچ.نديم هو. هن ڳڏيل کوٽائي جي شروعات HR ايراضيءَ واري اولاهين پٽي سان ڪئي وئي، کوٽائي جو اهو پهريون مرحلو سال 65-1964ع تائين هليو. هن کوٽائي وسيلي تعميراتي باقيات جو

وڏو حصو نڪري نروار ٿيو هو. گهري کوٽائي جي نُڪتہ نظر کان جَرَ جي پاڻيءَ کي ٻاهر ڪڍڻ جو بہ نمايان بندوبست ڪيو ويو هو پر پوءِ بہ انهي کوٽائي ڪرڻ ۾ خاطرخواهہ ڪاميابي حاصل نہ ٿي هئي. تنهن ڪري پنهنجي سوچيل مقصد کي حاصل ڪرڻ کان سواءِ هن کوجنا مان هٿ ڪڍيا ويا هئا.

کوجنا ٿيڻ کان پوءِ هن ماڳ جو نالو مختلف نمونن سان اُچاريو ويندو آهي. جن ماڻهن هيءُ ماڳ ڳهريائين ڳولي هٿ ڪيو هو سي سنڌي ٻولي کان واقف نہ هئا. جيڪي هن ماڳ کي اسم خاص سان ملائي موئن جو دڙو سڏڻ لڳا هئا. پوئين دؤر جي محققن هن نالي جي پنيرائي ڪانہ ڪئي هئي. هتي هڪ مڪتبِ فڪر جا ماڻهو هن نالي تي زور ڏئي رهيا هئا. ڇاڪاڻ جو اهو مُهاڻا لفظ جي ويجهو آهي ۽ انهن ماڻهن جي ذات جو نالو آهي جيڪي سنڌوءَ جي ڪنڌين ۽ ڪنارن سان آباد آهن. ان کان پوءِ 1950ع کان 1960ع جي شروعات تائين هن نالي بابت لڳاتار سوچيو ويو ۽ نيٺ هن ڳالهہ تي متفق ٿيا تہ هن ماڳ جو نالو 'موئن جو دڙو' رکيو وڃي ۽ پوءِ سرڪاري طور تي اهو نالو مقرر ڪيو ويو.

هن ماڳ کي بين الاقوامي طور سنڌو سڀيتا جي سڀني شهرن ۾ وڏو شهر سمجهيو ويندو آهي. جيڪو 2500ق.م کان 2000 ق.م تائين عروج تي رهيو هو. سنڌو ۽ ان جي ڀرتي ڪنڌڙ دريائن ۽ انهن کان اڳتي گهگهر جي وهڪري سان بہ ڪيترن پراچين ٿرڙن جا اهڃاڻ مليا آهن، جنهن ڪري اسان کي سنڌو سڀيتا بابت تمام گهڻي ڄاڻ ملي آهي.

هن اهم ۽ عظيم ثقافت بابت معلومات اسان کي انهن کوجنائن وسيلي حاصل ٿي آهي جن مان اسان کي پتو پوي ٿو تہ هڪ پاسي راجستان ۽ اوڀر پنجاب ۽ گجرات تہ ٻي پاسي افغانستان جي بدخشان واري علائقي جي اترين سرحد ڀرسان ايران ۽ ان کان اڳتي عمان جي راس ايل جنياز تائين سندس اثر هو. دنيا جي ڪابہ ثقافت علائقي جي نُڪتہ نظر کان نہ هن جيتري وسيع آهي نہ وري ڪنهن ٻي ثقافت جون ايترين گهڻيون شيون هٿ لڳيون آهن. هن سڀيتا جي اثر جو دائرو هڪ وڏي شهنشاهت جيترو وسيع هو، جيڪو وڏي شهر موئن جي دڙي ڪري هو. هيءُ شهر نہ رڳو پنهنجي سهيوڳي شهرن کان وڏو ۽ اُتم هو، پر پنهنجي دور کان اڳ شهرن کان بہ عظيم ۽ پنهنجي دور کان پوءِ وارن شهرن کان بہ اعليٰ ۽ اُتم هو.

هيءُ ماڳ، ڪيترن دڙن تي مشتمل آهي. اندازو آهي تہ 450،000 ميٽر هر چورس ايراضي تي پکڙيل آهي ۽ دڙن جي سراسري اوچائي 5 کان 7 ميٽر ٿيندي. هن ماڳ جو وڏي ۾ وڏو دڙو 22 ميٽر ٿيندو، جيڪو ٻي صدي عيسويءَ ۾ تعمير ٿيل اسٽوپا وارو آهي. هن ٿرڙ جي الهندي پاسي قلعي وارو دڙو آهي ۽ چوڌاري قلعي واري ڀت جا اهڃاڻ آهن. هن جي اڏاوت مان ڄاڻ ملي ٿي تہ هيءُ شهر جي انتظاميہ جو حصو آهي يا هتي ڪي منهبي جڳهيون تعمير ٿيل هيون. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هتي سنان ڪرڻ واريون منهبي رسمون بہ ادا ڪيون وينديون هجن! امڪان آهي تہ اناج جا ڀانڊا، تعليمي ادارا، لوڪ سڀا يا گڏجاڻين جو هال بہ هن حصي ۾ قائم هجي.

هيٺيون شهر قلعي جي اوڀر پاسي آهي جتي مختلف دڙن جي مڪمل کوٽائي ڪري اتان جي اڏاوتن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. هاڻي هن کي DK ايراضي سڏجي ٿو. هي عام ماڻهن جي رهڻ واري وسندي آهي جتي هٿ آيل گهرن ۾ روزمره جي استعمال واريون شيون موجود هيون. ان جي ڏکڻ پاسي مزدورن جا گهر آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو شهر جو صنعتي حصو هوندو.

هن وقت تائين موئن جو دڙي جي کوٽائي مان جيڪي شاهديون مليون آهن، تن جي آڌار تي پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ هن ماڳ جون جڳهيون آرائشي گهٽ ۽ افاديت پسند وڌيڪ هيون. گهرن جي اڏاوتن جي منصوبہ بندي ۾ گهرو سهوليتن کي اوليت ڏني وئي آهي. جنهن ۾ آب هوا ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو ويو آهي، ان کان سواءِ رهڻ جي سهولتن ۽ صحت صفائي جو پڻ خيال رکيو ويو آهي.

موئن جي دڙي جي جڳهن جون اڏاوتون ساديون آهن. پر انهن جي سادگيءَ ۾ هڪ نمايان

تعميراتي خوبي بہ نظر اچي ٿي. اڏاوتن ۾ ڪم آندل سڀ سامان نهايت معياري آهي. شهر جي تعميراتي منصوبہ بندي بہ نهايت اعليٰ آهي. گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ شاندار قسم جون ڪُسيون ٺهيل آهن. جيڪي ايندڙ وقت لاءِ بہ پنهنجو نمونو پاڻ آهن.

موئن جي دڙي جي جڳهن جون نمايان خوبيون اهڙيون آهن جيڪي ان جي سهيوڳي تهذيبن ۾ موجود آهن ئي ڪونہ. موئن جي دڙي جي جڳهن ۾ اهڙيون پڪيون سرون ڪم آنديون ويون آهن. جيڪي ماپ ۾ مستطيل چؤڪنديون ۽ بهترين وڙ جون آهن. ان جي ماپ بہ تعميري اصول جي بلڪل معيار مطابق آهي ۽ ساري شهر جي اڏاوتن ۾ هن قسم جي معيار جون سرون ڪتب آندل ڏسجن ٿيون. سرن جون ونگون بہ سرن جي بار ڪي اڳتي وڌائي تعمير ڪيون ويون آهن. سرن جا اوساريل ٿلهہ يا تہ هم چورس يا چوڪنڊا آهن پر گول ورن جا ڪونہ ڏسبا. هتي ڪاٺ تمام گهٽ ملندو آهي. تنهنڪري ڪاٺ ڪي ٿلهہ (ڪام) طور ڪتب آندو ويندو هوندو.

ڪن اهم جڳهن جي پٽين جا ٻاهريان پاسا سلامي دار (Battered Shape) آهن. تعمير جو نمونو سادو هو. اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي ڪان ڪا بہ سنجٽ ۽ سينگار جهڙي شيءِ ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي. پٽيون ڪليون ڇڏيون وينديون هيون. اهڙا فقط بہ مثال آهن جو اسان کي پٽين تي مٽي جي گاري جي بناوٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اڻ لنبيل پٽين ڪري اڏاوتي سونهن ۽ سنجٽ ختم ڪانہ ٿي وڃي ٿي. چاڪاڻ تہ اهي جڳهيون ماڻهن جي ضرورت ۽ سهولت جي مقصد سان جوڙيون وينديون هيون. شاهوڪار ۽ عام ماڻهن جي طرزِ زندگيءَ ۾ گهڻو فرق ڪونہ هو، جيڪو اسان کي تعميراتي ساڳيائپ مان پڻ محسوس ٿئي ٿو.

موئن جو دڙي جي گهرن اندر ٺهيل سنان ۽ پاڻي جي نيڪال لاءِ ڪُسين جي تعمير نهايت اعليٰ ۽ شاندار آهي ۽ اهڙيون ڳالهيون هن ماڳ جون خاص خوبيون آهن. سنان جي فرش مان هيٺ پاڻي ڪونہ سمندو هو. چاڪاڻ تہ سرن کي اهڙي ريت پاڻ ۾ ملائي اوساري ڪئي وئي آهي جو وچ تي درز جو ڪو نشان نظر ڪونہ ٿو اچي. ٻيو تہ هن جاءِ تي استعمال واريون سرون لسيون ۽ چمڪدار آهن. سنان وارين ڪِن جاين تي گچ جو ليپو ڏنو ويو آهي. مٿئين ماڙ تان هيٺ ايندڙ پاڻي پٽين ۾ ٺهيل نالين وسيلي ايندو هو ۽ گهٽين ۾ ٺهيل ڪسين ۾ اچي پوندو هو.

ڪيترن گهرن جي اڱڻن ۾ پاڻيءَ جا کوهہ هوندا هئا پر ڪن ڪليل جڳهن تي پاڻي جو سرڪاري طور بہ بندوبست هوندو هو، جنهن مان هر ڪو شهري فائدو وٺي سگهندو هو. کوهہ پڪين سرن جا ٺهيل ۽ بچاءَ لاءِ کوهن جون پڪ سريون پڳون ٻڌل هيون، اهي پڳون انهي لاءِ ٻڌيون وينديون هيون تہ مٿان ڪو اتفاق سان هيٺ کوهہ ۾ ڪري نہ پوي.



قنّل کوهہ جا آثار

شهر جي جن اڏاوتن جي باقيات کي ظاهر ۽ صاف ڪيو ويو آهي تن مان محسوس ٿئي ٿو تہ اهي شهرين جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ گڏيل ڪوشش جو نتيجو آهن. هن شهر جي اهجاڻن مان ائين لڳي ٿو تہ شهر جي جڳهين جي تعمير ۽ انهن جي بحاليءَ لاءِ گهڻو خرچ پڪو ايندو هوندو ۽ سرندي وارا ماڻهو انهن جڳهين جا مالڪ هوندا. سنڌو سڀيتا جي عروج واري زماني ۾ هن شهر جي آدم شماري اٽڪل 40،000 هزار هوندي. انڪري چئي سگهجي ٿو تہ موئن جي دڙي وارو شهر پنهنجي زماني جو دنيا جو وڏي ۾ وڏو شهر هوندو.

موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان اسان کي تمام گهڻيون شيون هٿ لڳيون آهن، جنهنڪري اسان کي هڪ ثقافتي اتساهہ ملي ٿو ۽ هن پراچين سڀيتا مان هڪ امڪاني مذهب جو بہ پتو ڪُرو ملي وڃي ٿو. هنن بيشمار شين ۾ سونهن، سنجٽ، افاديت ۽ مذهب سان

لاڳاپيل ۽ وندر سان تعلق رکندڙ ڪيترين شيون به موجود آهن. جيڪي نڪر، عاج، قيمتي پٿرن، ڪوڏن ۽ سنکن جون ٺهيل آهن ۽ اهي هزارن سالن کان پوءِ به محفوظ آهن. ان کان سواءِ ڳري ناس ٿي ويندڙ مادي مان ٺهيل شين جي امڪان کي به رد ڪري ڪونه ٿو سگهجي. جهڙوڪ: ڪاٺ جو سامان، لٽو، ڪپڙو وغيره.


راجا پنڊت

راجا پنڊت (King Priest) جي هڪ مورتيءَ مان پتو پوي ٿو ته ان دؤر جا ماڻهو اعليٰ قسم جي پرت ۽ ڇُرَ وارا ڪپڙا پهريندا هئا. شهر جي اڏاوتن جي باقيات مان ڪن ڪٽين ۽ کهنباٽين (رنگريزن) جي وسنديءَ جي ڄاڻ ملي آهي. تنهنڪري اهڃاڻ ملن ٿا ته هتان جا ماڻهو ڪپڙا رڱائيندا هئا. اهو ڏنتو ماڻهو پسند ڪندا هئا.

هن کان علاوه موئن جي دڙي واري شهر ۾ هڪ ڪلا ۽ هنر جو پڻ گهڻو قدر ڪيو ويندو هو. هتان بتن ۽ مورتين جو گهڻو انگ هٿ آيو آهي. اهڙين شين مان اسان کي هن سڀيتا جي ماڻهو جي مذهب ۽ عقيدن بابت ڄاڻ ملي ٿي.

موئن جي دڙي مان نڪر جون عورتاڻيون مورتيون به ججهيون هٿ لڳيون آهن. هن قسم جي مورتين کي "ماتا ديوي" جو نالو ڏنو ويو آهي. اهڙيون مورتيون پنهنجي بناوٽ ۾ ڏاڍيون ساديون آهن پر ان هوندي به محسوس ائين ٿئي ٿو ته سندن تعلق مافوق الفطرت ۽ پراسرار دنيا سان آهي.

هنن جي بت سازيءَ ۾ جڏا سڏا هٿ ڪتب آندا ويا آهن. سندن اکيون، هار، مٽي جا اوڇڻ، چيلهه جا پٽا والين جهڙا ملن ٿا، جن ۾ جڙاوٽ جو ڪم ڏسجي ٿو. ڳهه ڳنا ۽ مٽي جو اوڇڻ اهڙو آهي جو جيڪڏهن اهي حقيقي هجن ها ته ڏاڍا قيمتي هجن ها. هن ڳالهه مان لڳي ٿو ته ان دور جا ماڻهو پنهنجي عورتن کي تمام گهڻو پائيندا هئا. هنن مان ڪن مورتين جا وار ڏاڍا سنواريل ۽ سينگاريل آهن ۽ سندن مٿن تي پڪي جيان ڪلي بيٺا آهن. سندن لباس ۾ اهڙو اسڪرٽ آهي جنهن جو مٿيون پاسو نهايت مختصر آهي.

هتي نڪر جي رانديڪن جو پڻ گهڻو تعداد هٿ آيو آهي. اهڙا رانديڪا انساني ۽ حيواني مورتين سان تعلق رکن ٿا. هن ماڳ تان لڌل رانديڪن مان ڦيٿن سان جانور، ٻاراڻيون ڏاند گاڏيون ۽ اهڙيون مورتيون آهن جن مان مٿا ۽ عضوا لوڏي سگهجن ٿا. هنن کان سواءِ نڪر جون ڇمڪٽيون، ڪينهون، گوليون: ڳوٽن يا سارين سان راند ڪيڏڻ جون مٽيءَ جون ڀڪل داٻڙيون پڻ لڌيون آهن. نڪر جي رانديڪن کان سواءِ اهڙا به ڪي رانديڪا لڌا ويا آهن، جيڪي سنکن، ڪوڏن، عاج، چيني، ڀوڏل پٿر مان ٺهيل آهن. اهڙن رانديڪن کان سواءِ ڀولي ۽ نوريئڙي جون مورتيون به هٿ لڳيون آهن. هن قسم جون شيون ڏاڍي ڪاريگريءَ سان ٺاهيل آهن، جنهن مان پائنجي ٿو ته هتان جا ڪاريگر اهڙين شين کي پنهنجي پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي ٻارن لاءِ نهايت اهم سمجهندا هئا.





نڪر جا رانديڪا- ناچڻي

موئن جي دڙي جي کوٽائي وسيلي هڪ ٻي اهم لاڌ، مهرون پڻ هٿ آيون آهن جيڪي مختلف شين مان نهايت ڪاريگريءَ سان ٺهيل آهن جن مان ڪن تي جانورن جي تصويرن سان گڏ تصويري لکت به ڏسجي ٿي. اهي ڪنهن ڄاڻ جو نهايت اهم وسيلو آهن، پر اڃا تائين ڪو به ماهر هنن لکتن کي پڙهي ڪو نه سگهيو آهي. تنهنڪري هيءَ تصويري لکت اڃا تائين هڪ راز ئي رهيل آهي. گهڻيون مهرون ابرق جي پٿر مان جوڙيل آهن، پر ڪي اهڙيون مهرون به آهن جيڪي ٽامي، پٿر ۽ ٺڪر جون آهن. اهي گهڻو ڪري هم چورس ۽ چوڪنڊيون آهن ۽ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ گول به آهن جن تي هڪ جانور سان گڏ تصويري نشانين جون هڪ يا ٻه سٽون لکيل ڏسجن ٿيون. هنن کان سواءِ ڪي اهڙيون به آهن جن جي پٺئين پاسي سوراخ نڪتل آهي، جنهن وچان هڪ سڳو گذري سگهي ٿو. هن ڪري مهر کي ڳاڻ سان گڏ ڪٺڻ ۽ ان کي ٺپي طور استعمال ڪرڻ سولو آهي.




مُهرون

مهرون نهايت عمده ۽ پيچيده نموني اڪريل آهن جن تي مختلف قسمن جا جانور اُڪريل آهن جيڪي ڏاڍا خوبصورت نظر اچن ٿا جن ۾ گهٽائي ڏند ڪٽائي هڪ سڱئي جانور، ننڍن سڱن واري ڍڳي، نئين ساماڻل ڍڳي، گينڊي، هاٿي، چيتي، واڳونءَ، برهمڻي ڏاند وارين مهرن جي آهي. ڪي مهرون اهڙيون به آهن جن تي نه ختم ٿيندڙ ڳنڍ (End Lessknot) گهڻن سڱين وارو مانڊاڻي نشان يا جنگلا (grid) جهڙيون علامتي تصويرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ڪن مهرن تي دلچسپ منظر جهڙوڪ: قرباني جو ڏيک ۽ مذهبي رسمن جي ادائگي جو منظر وغيره نظر اچي رهيو آهي. هنن منظرن ۾ هڪ تصوير نهايت اهم آهي، جيڪا گهڻين مهرن تي ڏسجي ٿي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته ڄڻ اهو ڪو ديوتا آهي. سندس مٿي تي سڱن جهڙو اوچڻ پيل آهي ۽ سندس ڳلي ۾ هار، ٻانهن ۾ چوڙيون ۽ ڪنگڻ پاتل آهن.

مهرون گهڻو ڪري ٻن قسمن جون هٿ لڳيون آهن. هڪ قسم اهو آهي جيڪو تعويذن جي طور ڪم ايندو هوندو. مهرن جو ٻيو قسم انفرادي هو جيڪو هڪ ڪٽنب يا قبيلي جي ملڪيت هوندو. امڪان آهي ته پوئين قسم جون مهرون انفرادي دستخط يا گهراڻي جي نشانيءَ طور ڪم اينديون هيون.

مهرن تي اُڪريل لکت نهايت اهم ۽ دلچسپ آهي. هي لکت تصويري آهي. مختلف آوازن، خيالن، سرگوشين لاءِ اهڙيون علامتي نشانيون ڪم آنديون وينديون هيون، جيڪي ان سماج جا ماڻهو سولائي سان سڃاڻي سگهندا هئا. هيءَ لکت عام طور تي مهرن تي اڪريل ڏسجي ٿي پر هن لکت جو ٺڪر ۽ ٻين شين جو نظر ايندڙ تعداد به گهٽ ڪو نه آهي. هن وقت تائين اهڙيون چار سؤ علامتون قلمبند ڪيون ويون آهن. هن ماڙيءَ مان پراچين لکت ملڻ ڪري پانئجي ٿو ته سنڌو سڀيتا جو ماڻهو شائسته ۽ نفاست پسند هو. علامتن ۽ نشانين جي هن وڏي تعداد کي ڪو به ماهر اڃا تائين ڪو نه پڙهي سگهيو آهي. تنهنڪري هي لکت هن شعبي جي عالمن ۽ شاگردن واسطي هڪ ڳجهارت ۽ للڪار بڻيل آهي. سنڌو ماٿري جي هن لکت جا بار بار ترجما ٿيندا رهيا آهن پر هن وقت تائين اهڙي ڪا به پڙهڻي سامهون نه آئي، جنهن کي ڏسي ماڻهو اطمينان جو اظهار ڪري. اهڙا ترجما هي تاثر قائم ڪري ڪيا ويا آهن ته مُهرن تي نظر ايندڙ ٻولي انبو- يورپين يا ڪا دراوڙي ٻولي هوندي. ويجهڙ ۾ ڊينمارڪ جي ماهرن هن لکت کي پڙهي وٺڻ جي هام هنئين آهي. هتان جي ماهرن جو نُڪتهء نظر آهي ته مهرن تي لکيل ٻولي پروٽو- دراوڙي آهي. هيءُ بحث ۽ نئين قسم جي هيءَ ڄاڻ، اڳي پيش ڪيل ماهرن جي نُڪتهء نظر کان وڌيڪ قابلِ قبول ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ويچارن کي اهڙيءَ ريت ونديو آهي. اصل حقيقت ظاهر ٿيڻ تائين هن ڳالهه جو پڻ اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هن ماڳ جي تباهي جا ڪارڻ اُهي آهن جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن.

**هندو ۽ ٻڌ ڌرم:**

سنڌو سڀيتا جي خاتمي ۽ ايران جي ڇهين صدي قبل مسيح ساساني حڪمرانيءَ جي قيام جي وچ واري دؤر ۾ اسان کي سنڌ ۾ قديم آثارن ۾ تاريخ سان لاڳاپيل ڪي نوادرات ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن. سڪندر اعظم، سنڌ کي فتح ڪرڻ کان پوءِ هتي ٿورو عرصو رهيو هو. سندس موٽي وڃڻ کان پوءِ موريا گهراڻي جي حڪمراني شروع ٿي هئي. ٻڌ ڌرم به هن خاندان جي ايماڪاري ۾ سنڌ پهتو هو. چين جو ٻڌ سياح شين شنگ (Hieun Tsiang) به اسان کي ٻڌائي ٿو ته راجا اشوڪ سنڌ ۾ ڪيترين ئي اسٽوپائون اڏايون هيون. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته هتان جي ماڻهن جو گوتم ٻڌ جي ڏنل قانون ۾ وڏو ويساهه هو. هنن ساهتيه مڪتب فڪر جي اصولن جو مطالعو ڪيو هو. سندس بيان آهي ته هتان جو حڪمران شودر آهي. جيڪو سُپيتو ۽ سچو ماڻهو آهي جيڪو مهاتما ٻڌ جي ڏنل قانون جو دل سان احترام ڪندو آهي.

ٻڌ ياتري شين شنگ جي ٻڌ ڌرم ۽ هندو ڌرم جي عروج بابت ڏنل بيان جي اٺين صدي ۾ سنڌ جي فتح کان پوءِ هڪ عرب جاگرافيدان پڻ تائيد ڪئي آهي. تاريخ هند و سنڌ، جنهن کي چچ نامہ يا فتح نامہ جي نالي سان پڻ سڏيو ويندو آهي، سا به ساڳيءَ حقيقت جي پنيرائي ڪري ٿي. اچرج جهڙي ڳالهه اها آهي ته ان دؤر جي آڳرين تي ڳڻڻ جيترن يادگارن کانسواءِ اڄ تائين ڪجهه به موجود ڪونه آهي. تعجب جي ڳالهه هيءَ به آهي ته ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل پراچين اڏاوتون هندن جي مندرن کان به وڌيڪ قديم دور جون آهن. نظر ائين اچي ٿو ته ٻڌ ڌرم جي حڪمرانن هندن جون قديم ڌرمي اڏاوتون ڊاهي ناس ڪري ڇڏيون هونديون.

اهڙي ريت ٻڌ ڌرم جي هڪ اڏاوت ڪاهوءَ جي دڙي ۾ به موجود هئي جنهن جي کوٽائي هينري ڪزنس سال 1910ع ۾ ڪرائي هئي.

هن ماڳ جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل شين مان لڳي ٿو ته هيءَ اڏاوت ٽين صدي قبل مسيح جي آهي. نظر ائين اچي ٿو ته اهو سندس پويون دور آهي ۽ يادگار جي تعمير ان کان اڳيُ آهي. امڪان آهي ته هن اسٽوپا جي زبون حالي کان پوءِ ٽين صدي قبل مسيح ۾ ٻيهر تعمير ڪئي وئي هجي.

ٻين اسٽوپائن کان سواءِ هڪ برهمڻ آباد پرسان ڏيپر گهانگهڙي پرسان، ٻي اسٽوپا گنجي ٽڪر جي صفا ڏاڪڻي چيڙي سڏيرڻ جي جهول وٽ ۽ ٽين ٻاٻهه ريلوي اسٽيشن ويجهو به موجود آهي. موئن جي دڙي واري اسٽوپا هن ماڳ جي اڏاوتن جي مٿان ٺهيل آهي جيڪا سيني کان وڌيڪ نمايان آهي.

سنڌ ۾ هندو دور جي قديم شاهدي اسان کي پنيور مان ملي آهي جيڪا اتان جي اسلامي دور واري تهه کان هيٺان ان دور جي اڏاوتن جي نوادرات کوٽي ظاهر ڪئي وئي آهي. هن قسم جي تعميراتي نوادرات ۾ شو مندر وڏي اهميت رکي ٿو.

هن کان سواءِ مِٺي ضلعي ويرواهه، پوڏيسر ۽ ننگرپارڪر شهر ۾ جين ڌرم جا پڻ مندر موجود آهن.

**اسلامي دؤر:**

سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان پوءِ هتان جي ثقافت ۾ هڪ نئين تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سنڌ ۽ عرب واپاري لاڳاپا ته اڳي ئي قائم هئا، پر محمد بن قاسم جي سنڌ جي فتح کان پوءِ هتان جي سماج ۾ وڏي تبديلي اچي وئي هئي. هن سان گڏ گڏيل هڪ سؤ سالن کان وٺي تاريخ، قديم آثارن ۾ اڏاوتن جي ناتي ڪيترين شاهدين مليون جن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته اهو عرب دور نهايت شاندار هو.

اٺين صدي عيسوي جي شروع واري دور کان پوءِ سنڌ جو عربن سان سڌو واسطو رهيو جنهن ڪري سنڌ هڪ اهڙي نظريه سان متعارف ٿي جنهن جي ان کي ضرورت هئي ۽ هن نظريي سنڌ جي زندگيءَ ۽ ثقافت کي گهڻو متاثر به ڪيو. سنڌ کي قديم رسم ۽

رنگيلي سنڌ کي ايران/جي نادر شاهه جي حوالي ڪيو هو. هن وري ساري سنڌ جو انتظام ميان نور محمد جي حوالي ڪيو. اهڙيءَ ريت مڪمل سنڌ ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي حڪمراني ۾ داخل ٿي وئي. ٿوري عرصي کان پوءِ ميان نورمحمد ڪلهوڙي نادر شاهه خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو. جنهن هڪدم سنڌ مٿان حملو ڪيو ۽ سهڻ کان وڌيڪ سنڌ تي خراج مڙهيو. ان ڪانسواءِ سنڌ جا ڪجهه حصا قلات جي خان ۽ ٻين جي حوالي ڪري ڇڏيا. نور محمد ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ سندس پٽ غلام شاهه گادي تي ويٺو. هيءُ ڪلهوڙا گهراڻي جو نهايت دٻدٻي وارو حاڪم ٿي گذريو آهي. حيدرآباد شهر جو بنياد به هن حاڪم رکيو هو ۽ 1770ع ۾ قلعي جي تعمير جي ابتدا ڪئي هئائين. هن 1772ع ۾ وفات ڪئي. هيءُ ڪلهوڙا گهراڻي جي سياسي طاقت جي آخري نمائنده شخصيت هو، هن کان پوءِ وارن حڪمرانن ۾ اهو خم نه رهيو هو. 1783ع تائين ڪڏهن ڪير ته ڪڏهن ڪير سنڌ سنڀاليندو رهيو. ڪلهوڙن جي حڪومت واري دور ۾ سنڌ جي سياست ۾ استحڪام اچي ويو هو. ان کان سواءِ علمي ترقي ٿي ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ سوچيو ويچاريو ويندو هو. سنڌ جي اقتصادي ترقيءَ لاءِ هن دور ۾ وڏا واهه کوٽايا ويا هئا، جيئن پوکي راهي جو انگ وڌائي سگهجي. ٺٽو، سيوهڻ ۽ ڀکر علم ۽ دانش جا مرڪز بڻجي ويا هئا.

**ٽالپر دور:**

ميرن، مير فتح علي خان ٽالپر جي سرداريءَ ۾ 1783ع تي پنهنجي حڪمرانيءَ جي ابتدا ڪئي هئي. ٽالپر قبيلي جو ٻروچ ڦريءَ سان تعلق آهي.* جيڪي 17 صدي ڌاران سنڌ پهتا هئا. ميرن ڪڇ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ ڪلهوڙن کان خيرپور وارو علائقو به حاصل ڪري ورتو هو جنهن جو صدر مقام عمرڪوٽ هو. ٽالپرن پوءِ عوامي ڀلائي لاءِ تمام گهڻا ڪم ڪيا هئا. سنڌ کي وچايل شان شوڪت موٽائي ڏيڻ لاءِ ويهن ٿي آگرين جو زور لڳايو هو، پر افسوس جو حالتون سندن خلاف هيون. منجهن گهرو ڏڦير ڪاهي پيو ۽ اهڙي ڦيٽاڙي چارلس نيپئر لاءِ راهه هموار ڪئي. جنهن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪري هندستان سان ملائي ڇڏي. ان زماني ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني ايتري ته سياسي طاقت حاصل ڪري ورتي هئي جو ان تاريخي سلسلي کي روڪڻ ناگزير ٿي پيو هو. مياڻي جي جنگ کان پوءِ سنڌ جي هڪ مسلم ملڪ جي ناتي آزاد حيثيت ختم ٿي وئي هئي.

سومرا دور جا يادگار تمام ٿورا آهن ۽ سنڌ ۾ اهي ڪٿي ايڪڙ ٻيڪڙ ڏسڻ ۾ ايندا. عمرڪوٽ قلعو هن دور جو مشهور يادگار آهي پر سندس موجوده شڪل صورت اهڙي آهي جو ڀانئجي پيو ته مختلف دورن ۾ هن قلعي جي ڪيترائي ڀيرا مرمت ٿي آهي ۽ منجهس ڪي نيون تبديليون به آنديون ويون آهن. هيءُ قلعو زمين جي مٿاڇري ۽ ٿر واري رڻ جي ڀرسان واقع آهي جنهن جي هر ڪنڊ سان وڏا چبوترا ۽ ٿلهه تعمير ڪيا ويا آهن. مکيه دروازو اوڀر طرف اٿس. جنهن جي شڪل صورت به هڪ چبوتري/ ٿلهه جهڙي آهي. هن قلعي سان سنڌ جا ڪي ٿي عشقيه لوڪ داستان وابسته آهن جن مان هڪ عمر مارئي به آهي.

سما دور ۾ ڪي ٿي مذهبي اڏاوتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جيڪي ٺٽي ڀرسان مڪلي ٽڪريءَ تي موجود آهن. سما دور (1335ع کان 1520ع) جا ڪي مقبرا اڄ به موجود آهن، جيڪي پٿر. اُڪير جا بيش بها نمونا آهن.

هن قسم جي اڏاوتن اندر اسان کي هندو ڏند ڪٿائي تصور سان تعلق رکندڙ ڪيترين طرزون نظر اينديون. جن کي مقبري جي تعميراتي ضرورتن ۾ ڪم آندو ويو آهي. هن کان اڳ جي تعمير سنڌ ۾ نظر ڪانه ٿي اچي. هن قسم جي فن ۽ ڪلا جي انتها اسان کي ڄام

---

*اڪثر محقق ان ڳالهه تي متفق آهن ته هن خاندان جو نسبي سلسلو 'مري' قبيلي کان شروع ٿئي ٿو. (ايڊيٽر)

جو رخ ڪيائين. اُتي خاتون ملڪ سعيد فخرالدين غياث نهايت خلوص سان سندن مهمان نوازي ڪئي، سڄو سال اتي ترسڻ کان پوءِ لارند پهتو، اُتي ستن سالن تائين رهيو. ان وقت مولانا رومؒ جي عمر 18 سال هئي. بهاؤالدينؒ انهي عمر ۾ مولانا رومؒ جي شادي ڪرائي، مولانا رومؒ جو فرزند رشيد سلطان ولد 623هه ۾ پيدا ٿيو، شيخ بهاؤالدينؒ ڪيقباد جي درخواست تي ملا زنده کان قونيه ڏانهن روانو ٿيو(5)، جڏهن ڪيقباد کي خبر پئي ته هو پنهنجي سلطنت جي معزز ماڻهن سان گڏ سندن استقبال لاءِ روانو ٿيو ۽ وڏي عزت سان کين شهر ۾ وٺي آيو، شهر پناهه جي ويجهو پهچڻ کان پوءِ علاؤالدين گهوڙي تان لهي پيو ۽ پيادو ساڻس گڏ هلندو رهيو. مولانا رومؒ کي هڪ عاليشان گهر ۾ وٺي آيو ۽ هر قسم جون ضروري شيون، آرام ۽ آسائش جو سامان پڻ مهيا ڪيو ۽ اڪثر مولانا رومؒ جي گهر اچي سندن صحبت مان فيض حاصل ڪندو رهندو هو.

شيخ بهاؤالدينؒ جمعي جي ڏينهن 18- ربيع الثاني 628هه ۾ وفات ڪئي. مولانا رومؒ 604هه ۾ بلخ ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد شيخ بهاؤالدينؒ کان حاصل ڪيائين. شيخ بهاؤالدينؒ جي مريدن ۾ سيد برهان الدينؒ وڏو محقق ۽ فاضل انسان هو. مولانا رومؒ جي والد پنهنجي پياري پٽ جي تعليم ۽ تربيت لاءِ ان کي ئي بهتر سمجهيو، تنهنڪري ان کي برهان الدينؒ وٽ وٺي ويو. هو مولانا رومؒ جو اتاليق به هو. مولانا رومؒ اڪثر علم ۽ فن پنهنجي والد بزرگوار کان سکيو، جيئن مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، 18 يا 19 سالن جي عمر ۾ هو ته پنهنجي والد سان گڏ قونيه ۾ آيو. اُتي سندن والد وفات ڪئي، ان جي ٻئي سال يعني 629هه ۾ جڏهن عمر 25 سال هئي، ته فن جي تڪميل لاءِ شام ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. انهي زماني ۾ دمشق ۽ حلب، علم ۽ فن جا وڏا مرڪز هئا. ابن جبير 578هه ۾ جڏهن دمشق جو سفر ڪيو ته شهر ۾ 20 وڏيون درسگاهون موجود هيون(6). حلب ۾ سلطان صلاح الدين جي فرزند الملڪ الظاهر قاضي ابوالمحاسن جي تحريڪ تي 561هه ۾ ڪيترائي ، وڏا وڏا مدرسا قائم ڪيا. تنهنڪري انهي زماني ۾ حلب به دمشق وانگر علمن جو شهر بڻجي ويو(7).

مولانا رومؒ پهريائين حلب وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ مدرسه حلاويه دارالاقامة (بورڊنگ) ۾ قيام ڪيو(8). انهي مدرسي ۾ ڪمال الدين ابن عديم حلبي مدرس هو. ان جو ـ عمر بن احمد بن هبة الله هو. ابن خلڪان لکيو آهي ته، هو محدث حافظ، مؤرخ، فقيهه، ڪاتب، مفتي ۽ اديب هو. حلب جي تاريخ جيڪا هن لکي آهي، انهيءَ جو ڪجهه حصو يورپ ۾ ڇپجي چڪو آهي.

مولانا رومؒ مدرسه حلاويه کان سواءِ حلب جي ٻين مدرسن ۾ به علم حاصل ڪيو. طالب العلميءَ جي زماني ۾ عربي زبان، فقه، حديث، تفسير ۽ معقول ۾ اهڙو ڪمال حاصل ڪيو جو جڏهن به ڪو مسئلو پيش ايندو هو ۽ حل ڪونه ٿيندو هو ته ماڻهو ان کان ئي پڇندا هئا(9). اها خبر نه ٿي پوي ته هن دمشق جي ڪهڙي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي.

سپهه سالار هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

"وقتيڪ خداوند گارما در دمشق بود مدرسه برانيه در حجره ڪ متمڪن بودند."

پر اسان کي مدرسه برانيه بابت ڪا ڄاڻ نه آهي "مناقب العارفين" ۾ لکيل آهي ته مولانا ستن سالن تائين دمشق ۾ مختلف علم حاصل ڪيا. ان وقت مولانا رومؒ جي عمر 40 سال هئي(10).

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته مولانا رومؒ سڀني نصابي علمن ۾ اعليٰ درجي جي مهارت حاصل ڪئي هئي. "جواهر مفيه" ۾ لکيل آهي ته:

"ڪان عالماً بالمذاهب واسع الفقه عالماً باالخلاف وانواع العلوم."

خود سندن مثنوي هڪ وڏي شهادت آهي پر ان ڳالهه کان به انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته هن ڪجهه پڙهيو هو ۽ جن شين ۾ کين ڪمال حاصل هو، اهي اشاعره جا علم هئا. مثنويءَ ۾ هن جيڪي تفسري روايتون نقل ڪيون آهن سي اشاعره يا ظاهرين جون روايتون آهن. انبياء جا به اهي ئي قصا نقل ڪيا آهن.

هڪ ٻئي روايت مطابق مولانا رومؒ هڪ حوض جي ڪناري تي ويٺو هو. سامهون ڪجھ ڪتاب رکيل هئا. شمس تبريزؒ پڇيو تہ ”هي ڪهڙا ڪتاب آهن؟“ تنهن تي مولانا رومؒ جواب ڏنو: ”هي علم ۽ دانائي آهي، ان بابت توکي ڪهڙي خبر؟“ شمس تبريزؒ اهي سڀ ڪتاب کڻي حوض ۾ اڇلائي ڇڏيا. مولانا رومؒ کي تمام گهڻو ڏک ٿيو، کيس چيائين تہ: ”اي درويش! تون اهڙيون شيون ضايع ڪري ڇڏيون جيڪي هاڻي واپس نہ ٿيون ملي سگهن.“

”انهن ڪتابن ۾ ناياب نُڪتا هئا جن جو ملڻ مشڪل آهي.“ شمس تبريزؒ حوض ۾ اندر هٿ وجهي سمورا ڪتاب ڪڍي ڪناري تي رکيا. حيرت جهڙي ڳالھ اها هئي تہ سمورا ڪتاب بلڪل ساڳئي حالت ۾ موجود هئا يعني خشڪ هئا. اهو ڏسي مولانا رومؒ حيران ٿي ويو. شمس تبريزؒ چيس تہ ”اهي عالم حال جون ڳالهيون آهن توکي انهن جي ڪهڙي خبر؟“ ان کان پوءِ مولانا صاحب سندن عقيدمندن ۾ شامل ٿي ويو.

ابن بطوطہ سفر ڪندي جڏهن قونيہ پهتو تہ مولانا رومؒ جي قبر جي زيارت ڪيائين ۽ هن مولانا رومؒ متعلق ڪجھ لکيو آهي. شمس تبريزؒ ۽ مولانا رومؒ جي ملاقات متعلق جيڪا روايت اتي مشهور هئي سا بيان ڪندي لکيو اٿائين تہ: ”مولانا رومؒ پنهنجي مدرسي ۾ روزانو درس ڏيندو هو. هڪ ڏينهن هڪ شخص پنهنجو حلوو وڪڻڻ لاءِ سندن مدرسي ۾ آيو. هن حلوي جا ٽڪر ناهي رکيا هئا. هڪ ٽُڪر هڪ پيسي ۾ وڪڻي رهيو هو. مولانا رومؒ حلوي جو هڪ ٽُڪر ڪانئس وٺي کائي ڇڏيو.

حلوو وڪڻڻ وارو مولانا رومؒ کي تہ حلوو ڏئي هليو ويو پر هوڏانهن حلوو کائڻ کان پوءِ مولانا رومؒ جي عجيب حالت ٿي ويئي ۽ هو اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ نہ ڄاڻ ڪيڏانهن هليو ويو. ڪيترائي سال گذري ويا، پر مولانا رومؒ جو ڪو ڏس پتو ڪونہ پيو ڪجھ سالن کان پوءِ مولانا رومؒ جڏهن واپس آيو تہ سندن اها حالت هئي جو پاڻ ڪنهن سان ڪا ڳالھ ٻولھ نہ ڪندو هو پر جي ڪنهن وقت ڳالهائڻ شروع ڪندو هو تہ سندن زبان مان بي اختيار شعر نڪرندا هئا، سندن شاگرد اهي قلمبند ڪندا هئا. اهي ئي شعر گڏ ڪيا ويا تہ مثنوي ٺهي وئي. اهو واقعو لکڻ کان پوءِ ابن بطوطہ وڌيڪ لکيو آهي، تہ انهيءَ طرف (مولانا رومؒ جي وطن ۾) مثنوي جي تمام وڏي عزت آهي ۽ ماڻهو ان جو تمام گهڻو احترام ڪن ٿا ۽ انهي جو درس پڻ ڏيندا آهن. خانقاهن ۾ جمعي رات مثنوي جي تلاوت ڪئي ويندي آهي.

جيڪي روايتون نقل ٿيون انهن مان ڪي مستند ڪتابن ۾ آيل آهن. مثال طور ”جواهر مفيہ“ ۽ ڪن ٻين تذڪرن ۾ پڻ بيان ٿيل آهن. ڪجھ زباني متواتر روايتون آهن. پر انهن مان هڪ بہ صحيح نہ آهي. نہ فقط ان لحاظ کان قياس ۾ اچڻ جهڙيون نہ آهن بلڪ انهي ڪري بہ جيئن اڳتي ايندو، صحيح روايت جي خلاف آهن. ان مان اوهان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ وڏن صوفين جي احوال بابت ڪيتريقدر عقل ۽ سمجھ کان ٻاهر روايتون مشهور ٿي وڃن ٿيون ۽ ساڳيون ئي روايتون ڪتاب ۾ درج ٿي سلسلہ بہ سلسلہ پکڙجي وڃن ٿيون.

”سپھ سالار“ جنهن جو ذڪر پهريان اچي چڪو آهي، مولانا رومؒ جو خاص شاگرد هو ۽ چاليهن ورهين تائين سندن فيض صحبت حاصل ڪيو هئائين. واقعہ نگاري ۾ هر هنڌ انهن جي ڪرامت جو ذڪر ڪيو اٿائين، ان هوندي بہ هن شمس تبريزؒ جي ملاقات جو جيڪو احوال لکيو آهي سو سادو ۽ صاف عقل ۾ اچڻ جهڙو آهي. تنهن ڪري اسان اهو تفصيل سان هن موقعي تي نقل ڪري رهيا آهيون پر ملاقات جي ذڪر کان پهرين مختصر طور تي شمس تبريزؒ جي سوانح لکڻ ضروري آهي.

شمس تبريزؒ جي والد جو نالو علاؤ الدين هو، جيڪو اسماعيلي فرقي جو امام هو، پر هن پنهنجي ابن ڏاڏن وارو مذهب ڇڏي ڏنو هو(11)* شمس تبريزؒ ظاهري علم تبريز ۾ حاصل ڪيا ۽ پوءِ بابا ڪمال الدين جنديؒ جو مريد ٿيو، پر عام صوفين وانگي

ناسف علي شيراز

# سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافي (آخري قسط-3)

سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ متعلق هڪ مقالو، "سنڌي ڊڪشنرين جو اتهاس" جيرامداس دولترام جو لکيل آهي. هي مقالو بمبئيءَ مان نڪرندڙ اخبار "هند واسي" جي آڪٽوبر- 1962ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ، ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچندائيءَ جو سنڌي ڊڪشنرين ۽ گرامر متعلق ليک، البرٽ ٿامس جي ايڊيٽري هيٺ شايع ٿيل ڪتاب "Current trends in Linguists, 1969" ۾ ڏنل آهي. ساڳئي موضوع هيٺ، ڊاڪٽر پرسو گدوانيءَ (2004ع- 1937ع) جو انگريزيءَ ۾ "Lexicographical studies in Sindhi" لکيل آهي. هيءُ مقالو گدوانڻي صاحب، سال 1970ع ۾ ڏکڻ هندستان جي شهر ميسور ۾ منعقد ٿيل لغت نويسيءَ متعلق پهرين نيشنل ڪانفرنس جي سيمينار ۾ پڙهيو هو، جيڪو ڏهن سالن کان پوءِ 1980ع ۾ ڪتاب "Lexicography in India: proceeding of the First National Conference on Dictionary Making in Indian Languages" ۾ ڇپيو. هن مقالي ۾ 50 لغتن بابت هڪ فهرست شامل ڪيل آهي. ان کان علاوه، ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچندائيءَ جو سنڌي ڊڪشنرين متعلق ليک، "انسائيڪلوپيڊيا آف انڊين لٽريچر"، واليوم- 2 (1988ع) ۾ شايع ٿيل آهي. ساڳيو ليک ڪجهه واڌارن سميت ڪتاب،

"Sindhi Studies: (1947-1967) A Review of Sindhi Language and Society, 2000".

۾ پڻ ڏنل آهي. پوپٽي هيرانندائي (2005ع-1924ع) جو سنڌي علم ادب تي لکيل مقالو پڻ ڪتاب Sindhi: the scattered treasure, 1980 ۾ ڇپيل آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ ساڳي گدوائي صاحب واري لسٽ ڏنل آهي.

سنڌ ۾ لغت نويسيءَ متعلق هڪ مقالو: "سنڌي صوتيات لسانيات گرامر ۽ لغت تي ٿيل تحقيق" جي عنوان تحت ڊاڪٽر غلام علي الانا جو لکيل آهي، جيڪو سنه 1984ع ۾ ٽماهي مهراڻ ۾ شايع ٿيو. جنهن کان پوءِ، راقم جو مقالو "سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ" جي نالي سان لکيل آهي. خديجه انصاريءَ جو لکيل مضمون، "سنڌي ٻوليءَ ۾ 'جامع انسائيڪلوپيڊڪ لغت جي گهرج" جي نالي سان مهراڻ جي جنوري- جون 1999ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ خديجه انصاري سنڌي لغت جي مختصر تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ جامع انسائيڪلوپيڊڪا لغت جي ضرورت تي ڪي تجويزون پيش ڪيون آهن. ان کان پوءِ، تاج جويي جو مقالو، "سنڌي زبان ۾ لغت نويسي: هڪ سرسري جائزو" ٽماهي رسالي مهراڻ- 1999/3ع جي شماري ۾ شايع ٿيو. هيءُ مقالو مختصر پر جامع انداز ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ لغتن کان سواءِ پهاڪن جي ڪتابن بابت پڻ ڄاڻ شامل ڪيل آهي. ساڳيو مقالو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ترتيب ڏنل هڪ جلدي لغت (1998ع) ۾ پڻ ڏنل آهي. ان کان علاوه، هيءُ مقالو رسالي "پيغام" جي مارچ 2002ع واري پرچي ۾ پڻ شايع ٿيو. تاج جويي جي مقالي کان پوءِ، انڊيا جي سنڌي اديب، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جو مقالو ٽماهي مهراڻ- 2000/4ع واري پرچي ۾ "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ" جي عنوان هيٺ شايع ٿيو. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سنڌي لغت نويسي جي تاريخ ۾ هند ۽ سنڌ ۾ لغت بابت ٿيل ڪم جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

هن مقالي جي شايع ٿيڻ کان پوءِ، عبدالوهاب سهتي پڻ قلم کنيو ۽ "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ: ضميمو-1" جي نالي سان مقالو لکيو، جيڪو رسالي "ڪينجهر" جي مارچ 2001ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو. جنهن کان پوءِ فاضل مصنف جو ساڳئي موضوع تحت ضميمو-2 پڻ لکيل آهي. ٻنهي ضميمن ۾ محقق گهڻين نئين لغتن جي ڄاڻ شامل ڪئي آهي، ان کان علاوه، پهاڪن جي ڪتابن جون داخلائون پڻ ڏنل آهن. هن مقالي تي تمام گهڻي محنت ڪئي وئي آهي. راقم ۾

ڳلهائيندڙ، پنجابي، پشتو، جتڪي، بروهي ۽ بلوچي ٻولين بابت ڄاڻ پڻ آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن ٻولين جي لفظن جي اٿاڻ بابت لکي ٿو ته، مون کي هڪ مقامي ماڻهوءَ جي ٺاهيل سنڌي لفظن تي مشتمل وَڪيبيلري ڏسڻ جو موقعو مليو، جنهن ۾ چار سو اسمن مان ٻه سو اسم پشتو سان ۽ ڏيڍ سو اسم بلوچي يا ان سان ملندڙ جلندڙ هئا. سندس بيان جو اهو اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

"It may be observed that a good knowledge of Sindhi introduces us to a variety of cognate languages as the Punjabi, Jataki, Pushtu, Belochi, and Brahui and others spoken in the countries west of the Indus. In a vocabulary composed by a native, I observed that out of four hundred noun, two hundred Pushtu and one hundred and fifty Belochi words were exactly or very similar to the Sindhi" [Page 70].

رچرڊ برٽن جي هن بيان مان اندازو ٿئي ٿو ته سنڌ جي مقامي ماڻهن وٽ، سنڌي ٻولي جي لفظن جون لکيل مختصر وَڪيبيلريون يا فهرستون ان وقت موجود هيون جن بابت هاڻ ڪا خبر نٿي پوي. سنڌي لفظن تي مشتمل اهي مختصر اڳٺيون وَڪيبيلريون يا فهرستون آهن، جيڪي ڪتابن ۾ ٽڙيون پکڙيون پيون آهن.

سنه 1850ع کان 1899ع واري دور ۾ سنڌ اندر لغت نويسيءَ جي ابتدا ٿي چڪي هئي. جن ۾ سنڌي ۽ انگريز عالمن چڱو ڀرو ورتو، جن ۾ اِسٽئڪ، شرٽ، اِيسٽوڪ، منشي اڌارام، مرزا صادق علي، آخوند عبدالرحيم وغيره جا نالا اهميت جوڳا آهن. انهن صاحبن ابتدائي دور (1892ع- 1829ع) ۾ جيڪي لغتون لکيون هيون سي اڄ به مستند سمجهيون وڃن ٿيون، جن جو ذڪر اڳين مقالن ۾ تفصيل سان ڪيل آهي. ان ئي دور ۾ سنڌ جي عالم، سيد ميران محمد شاهه اول (1829ع- 1892ع)، پڻ اهڙي ڪوشش ورتي ۽ هڪ "سنڌي انگريزي ڊڪشنري" ترتيب ڏني. ان ڊڪشنري جو ذڪر ڪندي، گل محمد عمراڻي صاحب لکي ٿو ته، هڪ "سيد ميران محمد شاهه (اول) شعر و ادب سان گڏوگڏ لغت نويس پڻ هو. سندس هڪ سنڌي- انگريزي ڊڪشنري سنڌ آرڪائيوز (ڪمشنر آفيس) ۾ اڄ تائين موجود آهي." ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو ڪو صاحب هن ڊڪشنريءَ کي سنواري شايع ڪري.

ساڳئي دور (1885ع- 1828ع) ۾ جرمن اسڪالر، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ پڻ اهڙي قسم جي ڊڪشنري تيار ڪرڻ جو سوچي رهيو هو. ڊاڪٽر ٽرومپ ڪراچيءَ مان 20 نومبر 1854ع تي، مشنري سوسائٽي لنڊن ڏانهن انگريزيءَ ۾ خط لکيو. جنهن ۾ هن سنڌي الف-بي تي روشني وجهڻ سان گڏوگڏ سنڌي ڪتاب تيار ڪرڻ بابت پڻ وضاحت ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته:

"هن وقت آءٌ جيڪي ڪتاب تيار ڪري رهيو آهيان، سي هن ريت آهن:

**(1) سنڌي ريڊنگ بڪ**

1. لغت طور نحوي ۽ اشتقاقي لفظن سان گڏ

2 سنڌي- انگريزي لغت، جنهن ۾ سنڌي لفظ جو اشتقاق ڏنل هوندو.

3 سنڌي ٻوليءَ جو گرامر.

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي مٿئين بيان مان لڳي ٿو ته هن هڪ لاءِ سنڌي- انگريزي لغت" جو ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو هوندو پر شايد اها لغت شايع ٿي نه سگهي. "جنرل آف دي رائيل ايشيٽڪ سوسائٽي آف گريٽ برٽن اينڊ آئرلينڊ" جي مئي- 1885ع واري پرچي ۾ ڊاڪٽر ٽرومپ جي وفات تي سندس حياتيءَ بابت مختصر وفات نامو شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته:

"Dr. Trumpp was an indefatigable student and more than this, in several directions a pioneer whose lead all subsequent scholars had to follow. In this respect especially noteworthy are his various publications on the Sindhi language, viz. his "Sindhi Reading Book," Lond. 1858: two long articles in the journal of the German Oriental Society for 1861 and 1862, on the position that Sindhi holds to Prakrit and the other Sanskritic vernaculars of India. The Diwan of Abdul Latif Shah, Leipzi. 1866 and his Grammar of the Sindhi Language compared with Sanskrit, Prakrit and the Cognate Indian Vernaculars. Lond. 1872. He also compiled an Etymological Sindhi Dictionary, which still remains un- printed." [Page xxxiv].

هن ڪتاب ۾ يوناني ببليڪل لفظن جي هم معنيٰ هندستان جي مختلف ٻولين ۾ ڏنل آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي بہ شامل آهي.

سليم الدين قريشيءَ، سال 1990ع ۾ ”ڪيٽلاگ آف دي اردو، پنجابي، پشتو- ۽ ڪشميري مينيسڪرپٽس اينڊ ڊاڪيومينٽس ان دي انڊيا آفيس لائبريري اينڊ رڪارڊس“ جي نالي سان مرتب ڪيو. هن ڪيٽلاگ جو پارٽ- 3، ڪشميري قلمي نسخن تي مشتمل آهي، جنهن جو ذڪر مصنف صفحي 111 کان 120 تي ڪيو آهي. هن پارٽ ۾ مصنف اهڙي ذخيري جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو ڪشميري، مڪراني، لوهاڻي، سنڌي، پلئيہ، ڪڇي ۽ نيپالي ٻولين تي مشتمل آهي، جنهن جي معنيٰ يا سمجهاڻي فارسيءَ ۾ ڏنل آهي. هن قلمي ذخيري جي مصنف جي خبر ناهي تہ ڪنهن جو لکيل آهي، البت ڪيٽلاگ جي سهيڙيندڙ ان قلمي نسخي جي شروعات ۽ آخر ۾ آيل لفظ ڏنا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

**شروعات:** ايزد- اودا- ٺاڪر- ايشر- ڀڳوان- نارائڻ

آخر: ذي الحجہ- ذي الحجہ- ڀهاڳن- ڀهڳن- ڀهڳن.

هن ذخيري ۾ ڪيترا لفظ آهن، ان باري ۾ ڪيٽلاگ جي سهيڙيندڙ ڪا بہ معلومات ناهي ڏني. البت ايترو لکيو اٿس تہ هيءُ ذخيرو 19 هين صدي عيسويءَ جو لکيل آهي (اٽڪل روءِ: سنہ 1800ع- 1850ع)، جنهن ۾ ڪشميري، مڪراني، لوهاڻي، سنڌي، پلئيہ، ڪڇي ۽ نيپالي ٻولين جي معنيٰ يا سمجهاڻي فارسيءَ ۾ ڏنل آهي(14).

**ايڪويهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي لغت نويسي:**

نئين صدي جي شروعات کان هيل تائين سنڌي ٻولي جون ڪافي لغتون شايع ٿيون آهن، جن مان ڪي سنڌيءَ مان سنڌيءَ جون لغتون آهن، تہ ڪي انگريزي- سنڌي ۽ سنڌي- انگريزي، تہ ڪي وري ڪن خاص موضوعن بابت آهن. انهن لغتن کي شايع ڪرڻ ۾ ٻن ادارن، سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ نهايت اهم ڪردار ڪيو آهي. انهن ادارن طرفان شايع ٿيل لغتن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

**سنڌي- سنڌي لغتون:**

سنڌي مان سنڌي جي لغت متعلق مون اڳئين مقالي ۾ لکيو هو تہ ماستر سهج رام جي لکيل ”سهج ڪوش“ سنڌي لغت لکڻ جي پهرين ڪوشش هئي. پر لڳي ٿو تہ سنڌي مان سنڌي جي لغت لکڻ جي ڪوشش ماستر سهج رام کان بہ اڳ سنڌ جي عالمن ڪئي. اهڙي هڪ سنڌي لغت جو قلمي نسخو سنڌ جي نامياري عالم، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لائبريري ۾ موجود آهي. سنڌي لغت جو هيءُ قلمي نسخو 301 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن تي ڪتابت جو سال 1871ع لکيل آهي. ڊاڪٽر سنديلو هن لغت متعلق لکي ٿو تہ، ”هن ۾ لفظن جون معنائون سنڌي ۾ ڏنل آهن ۽ ڪٿي ڪٿي معنيٰ ڏيندي شواهد بہ پيش ڪيل آهن.“ (قلمي نسخا: مهراڻ، 1986/4ع).

سنڌ جيٰ ناميارو عالم ۽ محقق، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي ايڊيٽري هيٺ، جامع سنڌي لغات جا پنج جلد شايع ٿيل آهن. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ جديد لفظن جو اندراج ٿيل آهي. هن لغت جا پويان چار جلد ڊاڪٽر صاحب جي تصحيح کان سواءِ شايع ڪيا ۽.

ڊاڪٽر صاحب جي جوڙيل هن لغات جو پهريون جلد ”جامع سنڌي لغات“ جي نالي سان سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ طرفان سال 2004ع ۾ شايع ٿيو آهي ۽ باقي بہ جلد بہ شايع ٿي ويا آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي شاهہ جي رسالي جي لغت ”روشنيءَ“ جو ٻيو جلد بہ سال 2002ع ۾ شايع ٿيو آهي. جنهن ۾ سر سسئي ۾ آيل ڏکين اکرن جون معنائون سهيڙيل آهن ۽ خاص طرح بلوچي لفظن بابت تحقيق ڪيل آهي.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جا سنڌي ٻوليءَ بابت ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن ۾ هن سنڌي لفظن جي اوسر ۽ گرامر تي ڪافي بحث ڪيو آهي. هن ڏس ۾ سندس هڪ ڪتاب ”سنڌي ٻولي، لفظ، لغت ۽ لکيت“ سال 2003ع ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ محقق سنڌي لغت جو فڪري ۽ تنقيدي اڀياس نهايت عالمانہ انداز ۾ پيش ڪيو آهي. شاهد سومري، جي ترتيب ڏنل لغت، ”ٻوليءَ سندا ٻول“ سنڌي لينگئيج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ مان 2005ع ۾ ڇپائي آهي. هن لغت ۾ سنڌ جي قديم ۽ گمنام لفظن جو ذخيرو ڏنل آهي، ان کان سواءِ، سنڌي

آهي. هن ڪم ۾ ان جو سٽ لالچي همٿوجي سونهڙ ڏنو آهي.

هن ڪتاب جي لکڻ جو وڏو سبب مصنف اهو ڄاڻايو آهي ته، ڪڇ ۽ گجرات ۾ رهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙن جي محلورن تي گجراتي ٻوليءَ جو اثر وڌي رهيو آهي ۽ هو گجراتي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي محلورن جي لفظن کي وساري رهيا آهن. اگر اها صورتحال برقرار رهي ته ڪٿي سنڌي ٻولي جو املهه خزانو وڃائي نه ڇڏجي. انهيءَ مقصد ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت هئڻ ڪري ڊاڪٽر پرسو گدواڻي هيءُ ذخيرو جمع ڪيو ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي محلورن جي لفظي- ڀنڊار کي محفوظ ڪري سگهجي. بقول ڄيٺي لالواڻي جي ته، هيءُ هڪ شروعاتي قدم آهي، جنهن جي آڌار تي اڳتي هلي وڏي پيماني تي تحقيق ڪري سگهجي ٿي ۽ ضرورت مطابق هڪ جدا لغت جوڙي سگهجي ٿي.

چونڊ لفظن جي هيءَ فرهنگ يا سُوچي، پنجن ڪالمن ۾ ورڇيل آهي. هڪ ڪالم ۾ معياري سنڌي لفظ ڏنل آهن ۽ باقي چئن ڪالمن ۾ جتڪي، ميگهواڙي، سوڍڪي، ۽ ڪڇيءَ جا هم معنيٰ لفظ ڏنل آهن. جنهن ۾ پکين، گهر جي سامان، ڪاٺ جي سامان، بيمارين، جسم جي عضون، ڏاڻن، انگن، طرفن، مهينن، هفتن، کيتيءَ جي اوزارن، هٿيارن، اناج، ڀاڄين، جهنگلي جانورن، وڻن، ميون، زيورن، ڳاهن ۽ ولين جا نالا ڏنل آهن. هيءَ فهرست تازو، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل، ”سنڌي ٻولي“ جي (جلد- 2، شمارو-2، 2009ع) ۾ شايع ٿي آهي.

موجوده دور جي سنڌي لغت نويس ڪنعيالال ليکواڻيءَ سنڌي لغت بابت ڪافي ڪتاب شايع ڪيا آهن. سندس نون شايع ٿيل ڪتابن ۾ ”پڪٽوريل گلاسري آف سنڌي“ انڊيا مان شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ سنڌي اکر تصويرن ذريعي سمجهايل آهن. هن جي ڇپجڻ جي سال جي خبر پئجي نه سگهي. ان کان علاوه، سندس ”سنڌي- هندي- انگريزي تصويري ڊڪشنري“، جو ٻيو ڇاپو پرڪاش پبليڪيشن پونا مان سال 2001ع ۾ شايع ڪيو آهي. هن جو پهريون ڇاپو سال 1998ع ۾ شايع ٿيل آهي. ساڳئي مصنف جي هڪ ٻي ڊڪشنري ”بنيادي سنڌي- انگريزي ڊڪشنري“ پڻ انڊيا جي شهر پونا مان پرڪاش پبليڪيشن وارن سنه 2001ع ڇپائي آهي، جنهن ۾ روزاني ڳالهه ٻولهه ۾ ڪم ايندڙ سنڌي لفظن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڏنل آهي. ساڳئي سال پرڪاش پبليڪيشن وارن ڪنعيا لال ليکواڻي جي ”بنيادي سنڌي- هندي شبد ڪوش“ جو ٻيو ڇاپو ساڳئي شهر مان شايع ڪيو آهي. ان کان علاوه، ”رهنولري سنڌي- هندي شبد ڪوش“، به ساڳئي شهر مان مصنف خود سال 2005ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي آهي، جنهن ۾ مختلف ڌنڌن بابت لفظن کي سهيڙيو ويو آهي. مشهور سنڌي لغت نويس، پرمانند ميوارام جي جوڙيل ”نيو سنڌي- انگلش ڊڪشنري“ جو نئون ڇاپو ساهتيه اڪيڊمي نئين دهليءَ مان 2002ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. گجرات جي شهر احمد آباد ۽ بڙودا جي سنڌي اديب، ستراموداس، جڙيئسنگهاڻي سائل جي ترتيب ڏنل سنڌيءَ مان سنڌي جي لغت ”سائل ڪوش“ بڙودا مان سنه 2004ع ۾ شايع ٿي آهي. سنڌي ادب جي گهڻ رخي شخصيت، ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ (1936ع- 2008ع) جي ترتيب ڏنل ”سنڌي ادب جي ڊڪشنري“ جو ٽيون ڇاپو سال 2007ع ۾ نئين دهليءَ مان شايع ٿيو آهي. هن نئين ايڊيشن ۾ مصنف واڌارا ۽ سڌارا پڻ ڪيا آهن. هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ جو هڪ سال کان پوءِ سندس ديهانت ٿيو.

**پڄاڻي:**

ايڪويهين صديءَ جي شروعات کان هيل تائين سنڌي علم ادب بابت ڪافي تعداد ۾ ڪتاب شايع ٿيل آهن. ڪيترائي نوان ادارا پڻ وجود ۾ آيا آهن، جن علمي، تاريخي ۽ ادبي شهپاره سنڌ واسين کي پڙهڻ لاءِ ڏنا آهن. سنڌي لغت نويسيءَ جي ميدان ۾ به چڱو واڌارو آيو آهي. خاص طرح ٻن ادارن، سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ سنڌي لغتن کي ڇپائڻ ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪيو آهي. ايڪويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي اندر ڪافي نيون لغتون شايع ٿيون آهن، جن مان ڪن کي ٻيهر سڌاري ۽ وڌائي شايع ڪيو ويو آهي، ته ڪي وري خاص موضوعن مضمونن جون لغتون شايع ٿيون آهن.

ڪيترائي نوان لکندڙ پڻ سامهون آيا آهن، جن ۾ حيدر بخش عزيز گوپانگ، ثناءُ الله راڄڙ، عبدالرشيد

مفتي محمد احمد رضا*

سنڌيڪار: ڊاڪٽر عبدالرزاق ڳانگهرو

# مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ جي بي مثال فقهي تاليف: "فاڪهة البستان"

باب الاسلام سنڌ جن بلند مرتبہ علمي ۽ روحاني شخصيتن کي جنم ڏنو ۽ انهن علمي ۽ تحقيقي نُڪتہ نگاهہ کان جيڪي قابلِ قدر خدمتون سرانجام ڏنيون، سي اسلامي دنيا جي علمي حلقن کان لڪل نہ آهن. سنڌ جي اهڙن پاڪيزه علمي ۽ روحاني شخصيتن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ (1104هه/1692ع- 1174هه/1760ع) کي جيڪو مانُ ۽ مرتبو حاصل ٿيو، پاڻ جيڪي علمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏنائون، سي اهلِ علم جي سامهون بيان ڪرڻ جي محتاج نہ آهن. ان ڪري هن مختصر مقالي ۾ مخدوم صاحب جي سوانح حيات جي بجاءِ سندس بي مثال فقهي تاليف- "فاڪهة البستان" جو علمي ۽ تحقيقي جائزو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيڪو قلمي صورت ۾ اسلامي دنيا، خاص طرح برصغير هند و پاڪ جي ڪتب خانن جي زينت بنيل آهي ۽ اڃا تائين شايع نہ ٿي سگهيو آهي. البت مقالي جي شروع ۾ مخدوم ٺٽويؒ پنهنجي تصنيفن ۾ جيڪو تحقيقي انداز اختيار ڪيو آهي، تنهن تي مختصر روشني وجهڻ ٻن سببن جي ڪري مناسب سمجهان ٿو:

1. هن وقت تائين مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ تي جيڪو علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو ويو آهي، تنهن ۾ انهيءَ پهلوءَ تي جديد تحقيقي تقاضائن کي سامهون رکندي، محققانہ انداز ۾ ان جي چنڊڇاڻ کي يا تہ ضروري نہ سمجهيو ويو آهي ۽ جتي ضروري سمجهيو ويو آهي، اُتي مخدوم صاحب جي ڪتب آندل ماخذن کي بيان ڪندي، صرف ان جي محققانہ حيثيت کي نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مخدوم محمد هاشم جهڙي بلند مرتبہ عالمي شخصيت کي جديد اسلامي دنيا ۾ مڃتا ڏيارڻ جو اهو سراسري انداز منهنجي ناقص راءِ ۾ ڪافي نہ آهي.

2. زيرِ نظر ڪتاب "فاڪهة البستان"، مخدوم صاحب جي محققانہ انداز جو هڪ عظيم شاهڪار آهي. ان ڪري هيءُ بحث درحقيقت اصل موضوع جي لاءِ مقدمي جي حيثيت رکي ٿو.

اچو تہ هيٺ مخدوم محمد هاشمؒ جي انهيءَ محققانہ انداز تي گفتگو ڪرڻ کان پوءِ "فاڪهة البستان" جو علمي انداز ۾ جائزو پيش ڪندس.

**مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ جو پنهنجي تصنيفات ۾ محققانہ انداز:**

تحقيقي لحاظ کان اها هڪ مڃيل حقيقت آهي، تہ قديم دور جي سنڌي عالمن ۽ محققن ۾ اسلامي علمن ۽ فنن جي هر موضوع تي تصنيف ۽ تاليف جي سعادت جيڪا سنڌ جي سُيوطي علامہ مخدوم محمد هاشم سنڌيؒ جي حصي ۾ آئي، سا سنڌ جي ڪنهن ٻئي عالم ۽ محقق کي نصيب نہ ٿي سگهي. تفسير ۽ حديث، سيرت ۽ تاريخ، فقه و اصول، تجويد ۽ علم قرائت، ادب ۽ انشاء، فلسفہ ۽ منطق، مطلب تہ سندس دور ۾ رائج علمن ۽ فنن جي هر موضوع تي پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي زبان ۾ بلند مرتبہ تصنيف ۽ تاليف، حاشيہ ۽ تعليقات جو سلسلو جاري رکيائون، جو انهن جو تعداد ڏيڍ سؤ کان بہ مٿي آهي(1). ايتري ڪثير تعداد ۾ تصنيفون هئڻ جي باوجود مخدوم صاحب جي

* مفتي محمد احمد رضا فاضل تخصص في الحديث و تخصص في الافتآء، هيءُ مقالو بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد طرفان پهرين آگسٽ کان 3 آگسٽ 2009ع تي منعقد ڪيل ٽي روزه عالمي سيمينار "ڏکڻ ايشيا ۾ اسلامي قانوني ادارا" جي موقعي تي اردو ۾ پڙهيو. (راقم)

ڪيل "فضائل القرآن" ۽ علامہ يافعي (698ھ/1298ع- 768ھ/1366ع) جو "الدرالنظيم في خواص القرآن الڪريم" وغيره شايع ٿي چڪا آهن. ليڪن وسيع مواد، معتبر ۽ غير معتبر جي درميان ۾ انهي محققاڻ تفريق جي بنياد تي مخدوم ٺٽوي جو "جنة النعيم"

منڪوره سڀني تصنيفن ۾ ممتاز ۽ نمايان نظر اچي ٿو(7).

"مشتے نمونہ از خر وارے" جي مصداق هيءُ تقابلي جائزو پيش ڪيو آهي، جڏهن تہ مخدوم ٺٽوي جي ٻين تصنيفن ۾ عام طور ۽ فقهي تصنيفات تي اهو رنگ خاص طور تي غالب نظر اچي ٿو. مخدوم صاحب جي اهڙن محققاڻ طرز تي تصنيف ڪيل ڪتابن ۾ "حيات القلوب الي زيارت المحبوب(8)" مظهرالانوار (9) ۽ فاڪهة البستان خاص طور تي منهنجي مطالعي هيٺ آهن. في الحال "فاڪهة البستان" جو مطالعو پيش خدمت آهي.

**"فاڪهة البستان" جو تعارف:**

فاڪهة البستان جي جنهن قلمي مخطوطي جو مطالعو پيش خدمت آهي، سو خط نسخ ۾ تحرير ٿيل آهي. 11x8 س.م جي سائيز جي 312 صفحن تي مشتمل آهي. نسخو مڪمل آهي ۽ هر صفحي تي 16 سٽون اٿس. آخر ۾ ڪاتب پنهنجو نالو عبدالرحمان بن حافظ محمد يعقوب ڄاڻايو آهي، البت ڪتابت جي تاريخ نہ لکي اٿائين. هيءُ قلمي مخطوطو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ عڪسي حالت ۾ محفوظ آهي. هن ڪتاب جو بنيادي موضوع ذبح و شڪار ۽ جانورن جي حلال ۽ حرام جي مسئلن متعلق آهي. ليڪن انهيءَ موضوع کي سامهون رکندي اهو چئي سگهجي ٿو، تہ هن ڪتاب ۾ کائڻ ۽ پيئڻ جي حلال ۽ حرام شين جو بيان ٿيل آهي. اهوئي سبب آهي، جو سيد عبدالحي حسني لکنويءَ پنهنجي مشهور ڪتاب "نزهة الخواطر" ۾ مخدوم محمد هاشم" جي انهيءَ منڪوره ڪتاب جو تعارف ڏيندي، ان ۾ "في تنقيح الحلال والحرام" جو اضافو ڪيو آهي(10). جڏهن تہ ڪتاب جي عنوان ۾ انهيءَ موضوع جي طرف لطيف اشارو موجود آهي. بهرحال هيءُ ڪتاب ٽن حصن تي مشتمل آهي.

1. ڪتاب الذبائح- هن ۾ ذبح متعلق احڪامن جو تفصيل آهي.

2. ڪتاب الصيد- جنهن ۾ شڪار جي باري ۾ فقهي احڪام آهن.

3. خاتمہ- هن ۾ جانورن جي حلال ۽ حرام جا احڪام تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن.

علمي دنيا ۾ جهڙي طرح علامہ مرغيناني (511ھ/1117ع) "جامع صغير" ۽ "قدوري" کي گڏائي "هداية المبتدي" جي عنوان سان هڪ متن مرتب ڪيو ۽ پوءِ "هدايه" جي نالي سان شرح لکي. ساڳئي طرح مخدوم ٺٽوي بہ پنهنجي هن ڪتاب جي ابتدائي ٻن حصن لاءِ فقه حنفيءَ جي ٻن مشهور ۽ معتبر تصنيفن: "ڪنز" ۽ "وقايہ" ۾ شامل ڪتاب الذبائح ۽ "ڪتاب الصيد" کي سامهون رکي، پهريائين هڪ نهايت مختصر ۽ جامع متن تيار ڪيو ۽ پوءِ نهايت تفصيل سان اهڙي تہ عالماڻ تشريح ڪئي آهي، جو تحقيقي لحاظ کان ڪيس داد تحسين ڏيڻ کان رهي نہ ٿو سگهجي. ان هوندي بہ مخدوم صاحب متن ۽ ان جي شرح دوران الڳ الڳ عنوان ڏيڻ جي بجاءِ هڪ ئي عنوان "فاڪهة البستان" کي پسند ڪيو آهي.

ڪتاب جي ٽئين حصي ۾ مخدوم صاحب علامہ دميري 742ھ/ 1341ع- 808ھ/ 1405ع) جي مشهور تصنيف "حياة الحيوان" ۽ ان جي خلاصہ "عين الحياة" ۾ ذڪر ڪيل سمورن جانورن جي حلال ۽ حرام هئڻ جي تحقيق چئني فقهي مذهبن جي روشنيءَ ۾ نهايت مختصر نموني بيان ڪئي آهي. انهن ڳالهين کان علاوه هيءُ ڪتاب "ڪنزالدقائق" ۽ "وقاية الرواية" ۾ شامل "ڪتاب الذبائح" ۽ "ڪتاب الصيد" جي هڪ مفصل ۽ محققاڻ شرح ۽ "حياة الحيوان" جي چئني فقهي مسلڪن جي روشنيءَ ۾ بهترين تلخيص آهي.

**"فاڪهة البستان" جو سرسري خاڪو:**

ڪتاب جي ديباچي ۾ مخدوم محمد هاشم" ڪتاب جي ترتيب ۽ سنہ جي باري ۾ مختصرتذڪرو

111. ذخيرة الناظر شرح الاشباه والنظائر از علی بن عبدالله طوری (متوفی 1004ھ-1596ع)
112. معدودات الفقہ از حاکم محمد بن الحسن بن علی بن منصور
113. فتاویٰ پورانیہ از شیخ عبدالوہاب بن بایزید بن ابی سعید پورانی
114. فتاویٰ اسرائیلیہ(89)
115. فتاویٰ امینیہ(90)
116. خزانہ جلالیہ
117. اجابۃ السائل(91)
118. معین المفتی
119. مشکل الاحکام از محمد بن فراموز بن علی المعروف بملا خسرو (م 855ھ-1451ع)
120. خزانۃ الروایات(92)
121. فتاویٰ عرفیہ
122. مجموعۃ الروایات
123. خلاصۃ الفقہ(93)
124. نعیم الالوان
125. حسب المفتین (94)
126. مطالب المومنین(95)
127. مختصر اساس الدین
128. مختصر صلوٰۃ مانچکی(96)
129. فتاویٰ فیروز شاہیہ (97)
130. التحفۃ الکافیہ
131. خالصۃ الحقائق
132. جواہر اللغۃ
133. عین الحیوۃ(98)
134. ابراہیم شاہی(لغت)

**"فاڪهة البستان" ۾ مخدوم محمد هاشم جو تحريري انداز ۽ خوبيون:**

1. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ "فاڪهة البستان" جي ترتيب دوران متن جي تيار ڪرڻ لاءِ ته مختصر لفظن جو انتخاب ڪيو آهي، ليڪن ان جي تشريح ڪندي، ان کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو انهي مفصل ۽ واضح شرح کي پڙهندي، "متن" اکين نظر اچي ٿو، جيئن اکين ۾ لوڻ هوندو آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو، ته مخدوم صاحب کي مضمون مختصر ۽ تفصيل سان بيان ڪرڻ جو اهڙو ته يڪسان ملڪو حاصل هو، جو جيڪڏهن ڪنهن مضمون کي مختصر ڪرڻ تي ايندو هو ته جڻ درياهه کي ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏيندو هو. اهڙي ئي طرح "فاڪهة البستان" ۾ "ڪتاب الذبائح" ۽ "ڪتاب الصيد" کي اهڙي ته مختصر پيرايي ۾ بيان ڪيو اٿائين، جو جيڪڏهن متن کي شرح کان الڳ ڪيو وڃي، ته هوند سمورو مواد ٻن يا ٽن صفحن کان مٿي نه ٿيندو ۽ جڏهن تفصيل تي نظر ڦيرائجي ٿي، ته ٽن صفحن جي متن جي تشريح کي ٻن سؤ کان وڌيڪ صفحن تي ڦهلائي ڇڏيو اٿائين. مخدوم صاحب جو اهو تحريري انداز کيس پنهنجي همعصر عالمن ۽ محققن ۾ ممتاز بنائي ٿو.

2. مخدوم صاحب اصل متن جي تشريح ڪندي، اهڙو ته انداز اختيار ڪيو آهي، جو متن ۽ شرح پاڻ ۾ يڪجا نظر اچن ٿا ۽ پڙهندڙ کي متن ۽ شرح ۾ ڪابه اوپرائپ ۽ بي تعلقي جو احساس نه ٿو ٿئي. ايتريقدر جو جيڪڏهن ڪنهن نسخي ۾ متن کي شرح کان الڳ ڪري تحرير نه ڪيو ويو هجي، ته پڙهندڙ کي متن ۽ شرح ۾ فرق ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو.

3. مخدوم صاحب متن جي شرح ڪندي، موضوع جي مناسبت سان تعلق رکندڙ سمورن پهلوئن کي نه صرف بحث هيٺ آندو آهي، بلڪ اهڙن موضوعن ۽ ضمني بحثن کي به مڪمل تحقيقي انداز سان قلمبند ڪيو آهي، جيڪي انهيءَ باب سان واضح تعلق ته نه ٿا رکن، بلڪ ڪنهن نه ڪنهن درجي ۾ موضوع سان مناسبت ضرور رکن ٿا، يا بحث دوران مسئلي جي وضاحت لاءِ ان جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿي پوي ٿو. اسان هيٺ ان کان چند مثال نقل ڪريون ٿا.

(الف) ذبح ڪيل جانور جي حلال هئڻ واري شرطن جي باري ۾ ذبح ڪرڻ واري شخص يا

مسلم ”صحيح“ ۾، امام دائود ۽ امام نسائي وغيره به روايت ڪئي آهي ته حضور ﷺ حجة الوداع جي موقعي تي پاڻ سان گڏ سؤ اٺ قربانيءَ جي لاءِ ساڻ وٺي ويا هئا، انهن مان 63 پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان ذبح ڪيائون ۽ بعد ۾ ڇُري حضرت عليؓ کي ڏنائون، جنهن باقي اٺ ذبح ڪيا.

انهيءَ کان پوءِ مخدوم صاحب وڌيڪ ٻيون چار حديثون پڻ نقل ڪيون آهن، جن مان پڻ حضور ﷺ کان پنهنجي هٿن سان ذبح ڪرڻ ثابت ٿئي ٿو.

(ب) تيز ڌار واري پٿر وغيره سان ذبح ڪرڻ به جائز آهي. ان جي ثبوت ۾ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم تان ٻه حديثون نقل ڪيون اٿائين.

(ج) ذبح ڪرڻ کان پوءِ دعا گهرڻ جائز آهي، ان جي ثبوت ۾ امام احمد، امام حاڪم ۽ امام طبراني جي حوالي سان حديثون نقل ڪيون اٿائين جن مان ثابت ٿئي ٿو، ته پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي قرباني ڪرڻ کان پوءِ، انهن جي قبوليت لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهري آهي.

(6) مخدوم محمد هاشمؒ مسئلي جي تشريح ڪندي، جڏهن مختلف دليلن کي پيش ڪيو آهي، ته ان دوران ان جي درجن جو تمام گهڻو خيال رکيو آهي. ان سلسلي ۾ پهريائين قرآني آيت، ان کان پوءِ حديث، پوءِ اجماع ۽ ان کان بعد ۾ عقلي دليلن کي ذڪر ڪيو اٿائين.

مثلاً: ’متروڪ التسميه عامدًا (101)‘، جي مسئلي تي فقه حنفيءَ جي روشنيءَ ۾ دليل ڏيندي هيٺين عبارت تحرير ڪئي اٿائين:

ولنا الكتب والسنة والاجماع، اما الكتاب..... واما السنة..... واما الاجماع..... (ص 55)

(7) ”فاڪهة البستان“ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو، ته مخدوم ٺٽويؒ حنفي فقه سان لاڳاپيل هو. ان فقه تي سندس ثابت قدمي مثالي آهي. اهوئي سبب آهي، جو سموري ڪتاب ۾ ڪنهن به مسئلي جي وضاحت ڪندي، ڪٿي به ڪنهن ٻئي فقه جي امام جي قول کي نقل نه ڪيو اٿائين. ان جي باوجود صرف اکيون بند ڪري تقليد نه ڪئي اٿائين، بلڪ حنفي دليلن کي محققانه انداز سان پرک ڪندي، پوري فقهي بصيرت سان قولن کي قبول ڪيو اٿائين.

(8) مخدوم صاحب نه صرف فقيه هو، بلڪ اعليٰ درجي جو مفتي پڻ هو. ان ڪري سندس تحرير ۾ فتويٰ جي قاعدن ۽ اصولن جي پاسداري صاف طور سان واضح نظر اچي ٿي. مثلاً: جن مسئلن ۾ حضرات صاحبين امام ابوحنيفهؒ سان اختلاف ڏيکاريو آهي ۽ ماضيءَ ۾ فتويٰ جي عالمن انهن مان ڪنهن هڪ قول تي فتويٰ جي وضاحت نه ڪئي آهي، ته اهڙي موقعي تي مخدوم صاحب هيٺئين اصول کي اختيار ڪيو آهي:

”قد تقرران الفتويٰ عندالاطلاق عليٰ قول ابي حنيفه ثم يقول ابي يوسف ثم يقول محمد كما في الراجيه وغيرها.“ ص 127.

”اهو طيءِ ٿيل اصول آهي، ته جڏهن ڪنهن قول تي فتويٰ جي وضاحت نه هجي، ته فتويٰ امام ابوحنيفهؒ جي قول جي مطابق ٿيندي، ان کان پوءِ امام يوسف جي قول تي ۽ پوءِ امام محمدؒ جي قول تي ٿيندي.“

مثلاً: ذبح ڪيل جانور جي پيٽ مان مئل ٻُرُ نڪرڻ جي مسئلي (102) ۾ صاحبين جي اختلاف جي باوجود مخدوم صاحب امام ابوحنيفهؒ جي راءِ کي اختيار ڪيو آهي. اهڙي طرح گهوڙي جي گوشت جي مسئلي (103) ۾ به امام ابوحنيفهؒ جي قول کي ترجيح ڏني آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ماضيءَ ۾ فقه جي عالمن، صاحبين يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قول تي فتويٰ ڏني آهي، ته ان کي اختيار ڪيو اٿائين. مثال طور گرميءَ يا سرديءَ جي ڪري تلاءُ ۾ مري ويل مڇين جي باري ۾ امام محمدؒ جي قول تي فتويٰ ڏني آهي. (هيءُ مسئلو تفصيل سان اڳتي ايندو.)

(9) جيڪڏهن ڪنهن مسئلي ۾ خود امام ابوحنيفهؒ کان مختلف قول نقل ڪيل آهن يا فتويٰ ۾ اختلاف آهي، ان موقعي تي هيٺيون اصول اختيار ڪيو آهي:

ولا يخفي ان العمل والافتآء بما في ظاهر الرواية..... لما في البحر الرائق من كتاب الرضاع ان

الفتوي اذا اختلف كان ترجيح الظاهر الرواية انتهيٰ، وهٰذا اصل حسن يحب حفظه، ص 21-22

اها ڳالھ لکيل نہ رهي تہ عمل ۽ فتويٰ ان قول جي مطابق ٿيندا، جيڪو "ظاهر الرواية (104) ۾ درج آهي. اهوئي سبب آهي، جو البحرالرائق" ۾ لکيل آهي، تہ جڏهن فتويٰ ۾ اختلاف ٿي پوي، تہ ترجيح "ظاهر لروايت" کي ڏني ويندي ۽ اهوئي سڀ کان سهڻو اصول آهي، جنهن کي ياد رکڻ ضروري آهي."

(10) ڪنهن مسئلي جي باري ۾ مختلف فقهي ڪتابن جي عبارتن جو جيڪڏهن پاڻ ۾ اختلاف ۽ فرق آهي، تہ مخدوم صاحب پهريان انهيءَ فرق ۽ اختلاف ۾ مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن ائين ڪرڻ ممڪن نظر نہ آيو اٿس، تہ ڪنهن هڪ جي راءِ کي پسند ڪيو اٿائين. انهيءَ اصول جي مطابق "فاڪهة البستان" ۾ جاءِ بجاءِ "والاحسن هو التوفيق" يعني اختلافي عبارتن ۾ موافقت پيدا ڪرڻ بهتر آهي، جي اصول جو ذڪر ۽ عمل ڪيو اٿائين.

مثال طور ڪنهن خونخوار جانور ڪنهن حلال جانور جو سر ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏيو. انهيءَ صورت ۾ جيڪڏهن انهيءَ جانور ۾ حياتيءَ جا آثار باقي آهن ۽ ان کي ذبح ڪيو وڃي، تہ ان جو کائڻ حلال ٿيندو يا نہ ان باري ۾ فقهي ڪتابن ۾ درج عبارتون هڪٻئي کان مختلف نظر اچن ٿيون. ان سلسلي ۾ "تجنيس"، "تحفة الفقه" ۽ "فتاويٰ تاتارخانيہ" وغيره ۾ لکيل آهي، تہ اهڙو جانور حلال نہ ٿيندو، جڏهن تہ "بزازيہ" ۽ "تيمية الفتاويٰ وغيره ۾ آهي، تہ حلال ٿيندو. انهيءَ فقهي فرق کي مخدوم صاحب "فاڪهة البستان" ۾ ڪهڙي نہ سهڻي انداز ۾ سلجهايو آهي. ان کي هيٺ نقل ڪجي ٿو:

والتوفيق بين المسئلتين احسن وذا لک بان تحمل الروايات المنقول اوعليٰ ان الذئب قطع الرأس بتمامه..... وتحمل الروايات المنقولة ثانيا عليٰ ما اذا قطع اقل من نصف الرأس، لان قولهم، "تحل باالذبح بين اللبته واللحين، يدل علي بقاء موضع الذکوة والا بقآء له بعد قطع الرأس کله، ص 17.

ٻنهي مسئلن ۾ موافقت پيدا ڪرڻ ضروري آهي ۽ موافقت هن طرح ٿيندي تہ پهرين قسم جي روايتن کي انهيءَ صورت جي باري ۾ قرار ڏنو ويندو، جڏهن خونخوار جانور ڪنهن حلال جانور جو پورو سِرُ ڏاڙهي ڇڏيو هجي ۽ ذبح جي جاءِ باقي نہ رهي هجي. اهڙي صورت ۾ ذبح ڪرڻ ممڪن نہ هئڻ ڪري اهو جانور حلال نہ ٿيندو، ۽ ٻين روايتن کي انهيءَ صورت ۾ قرار ڏنو ويندو، جڏهن خونخوار جانور ڪنهن حلال جانور جو اڌ کان گهٽ سِر ڏاڙهيو هجي، (۽ ان کي ذبح ڪرڻ جي جاءِ باقي بچيل هجي. انهيءَ صورت ۾ ذبح ڪرڻ سان اهو جانور حلال ٿيندو). انهيءَ ڪري ٻئي قسم جي روايتن ۾ هيءُ چوڻ تہ "اهو جانور سيني ۽ ڪياڙي جي وچ ۾ ذبح ڪرڻ سان حلال ٿيندو،" ۾ اها ڳالھ مناسب آهي، تہ انهيءَ حالت ۾ جڳھ باقي هوندي ۽ سمورو سِر ڏاڙهجڻ جي ڪري ذبح ڪرڻ لاءِ ڪابہ جاءِ باقي نہ هوندي. (انهيءَ حالت ۾ انهيءَ کي ذبح ڪرڻ ۽ ان جو حلال هجڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهندو.)

(11) مخدوم محمد هاشم" "فاڪهة البستان" ۾ فقهي ڪتابن جي مصنفن ۽ شارحن جي ڪلام کي نقل ڪندي، موقعي جي مناسبت سان انهن جي تائيد، تنقيد، ترديد ۽ علمي ۽ تحقيقي نُڪتہ نگاهہ کان ان ۾ اضافا پڻ ڪيا آهن ۽ گڏوگڏ انهن جي سوالن ۽ اعتراضن جا جواب پڻ تحرير فرمايا آهن، ڪن جاين تي انهن جي ڀُل چُڪ ۽ وسر جي نشاندهي بہ ڪئي آهي، ليڪن انهي دوران مخدوم صاحب هميشہ انهيءَ ڳالھ کي سامهون رکيو آهي، جو سندس تحرير مان ڪٿي بہ سندس وڏائي يا جنهن جي غلطيءَ جي وضاحت ڪئي اٿائين، ان جي تحقير جو پهلو نمايان ٿيندو هجي، اسان هيٺ ان جو هڪ مثال نقل ڪريون ٿا:

فعلم من هٰذا التحقيق ان ما ذکر في القرا خانيہ و تحفة الفقيه من الخلاصہ انه لو قال الشکرلله لم يحل الذبيحہ غير صحيح بل هو سبق قلم من ناسخ الخلاصه، ص 56.

اسلاميه ڪاليج پشاور جي لئبرريءَ ۾ موجود آهي.

15. علامه بدرالدين محمد بن بهادر زرڪشي (م 749هه/ 1348ع) جي هن ڪتاب جو پورو نالو "خادم الرافعي والروضة" آهي ليڪن ڪن مؤرخن ان جي مؤلف ڏانهن نسبت ڪندي ان کي "خادم الزرڪشي" به چيو آهي. چوڏهن جلدن ۾ مشتمل هن ڪتاب ۾ "روضة الطالبين" ۽ "فتح العزيز" آيل مسئلن جي تشريح ڪيل آهي. (ڏسو "ڪشف الظنون" جلد اول، ص 698).

16. شايد انهيءَ مان مراد علامه ابن القيم (751هه/1350ع) جو ڪتاب "زاد المعاد في هدي خيرالعباد" آهي، جاڪاڻ ته ان کي "هدي النبوي"، به چيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪتاب جي آخر ۾ اختصار سان طب نبوي جا باب به شامل آهن.

17. علامه سعد الله بن عيسيٰ سعدي چلپي (م 945هه/ 1350ع) روم جي عالمن مان هو ۽ قاضي به رهيو. تفسير بيضاوي تي شاندار تحقيقي حاشيو لکيائين، جيڪو اعليٰ علمي بحث ۽ مباحثي تي مشتمل آهي. سورة فاتحه کان وٺي سوره هود تائين تاليف ڪيائين، ته سندس حياتيءَ جو ماڳ پرجي آيو. سندس وفات کان پوءِ سندس فرزند انهيءَ مسودي کي مڪمل ڪيو. هن مسودي جا قلمي نسخا مڪتبه ازهريه مصر ۽ شام ۽ بغداد جي ڪتب خانن جي زينت بڻيل آهن. (ڏسو "ڪشف الظنون" جلد اول، ص 191، "هداية العارفين" جلد اول، ص 384، "الاعلام"، ص 88.

18. هيءُ مفتي حلب محمد بن حسن بن احمد ڪواڪبي (م1096هه/1684ع جو تفسير بيضاويءَ تي سوره "النبا" کان آخر تائين حاشيو آهي. هن جو قلمي نسخو مڪتبه قادريه بغداد ۾ محفوظ آهي. (ڏسو بغدادي اسماعيل پاشا "ايضاح المڪنوت" دارالاحياء التراث العربي، بيروت، ص 142).

19. عصام الدين ابراهيم بن محمد بن عرب شاهه اسفرائيني (م 945هه/ 1538ع) جي هن حاشيي کي اعليٰ درجي جي علمي تحقيقات جو نمونو شمار ڪيو وڃي ٿو. ان جا قلمي نسخا مرڪز تحقيقات فارسي، اسلام آباد، اسلاميه ڪاليج لئبرري پشاور ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ۾ موجود آهن.

20. امام بغويؒ جي ڪتاب "مصابيح السنة" تي علامه ناصرالدين قاضي عبدالله عمر بيضاوي (م685هه/ 1286ع) جي انهيءَ شرح جو نالو "تحفة الابرار" آهي. ڏسو "ڪشف الظنون"، جلد اول، ص 191)، هن جو قلمي نسخو اسلاميه ڪاليج پشاور ۾ موجود آهي.

21. مولانا محمد حنفي جي هيءُ شمائل ترمذي تي شرح آهي. 966هه/ 1558ع تي مڪمل ٿي. (ڏسو "ڪشف الظنون"، جلد 2، ص 1698ع) اسلاميه لئبرري پشاور ۾ ان جو قلمي نسخو محفوظ آهي.

22. عصام الدين ابراهيم اسفرائيني (م945هه/ 1538ع) جي هيءُ شرح مناوي جي شرح شمائل ترمذيءَ جو اهم ماخذ آهي. (ڏسو ڪشف الظنون، جلد 2، ص 106).

23. ظهير الدين علي بن محمد ڪازروني (م697هه/ 1297ع) جي هن ڪتاب جو نالو "الذروة العليافي سيرة المصطفيٰ" آهي. (ڪشف الظنون، جلد 2، ص 1013).

24. امام ڪمال الدين محمد بن عباد خلاطي (م 652هه/ 1254ع) جي هيءُ تصنيف دراصل امام محمد جي ڪتاب "الجامع الڪبير" جي تخليص آهي. فقهه حنفي ۾ ان کي معتبر فقهي ماخذن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ان کري اسلامي دنيا جي ڪيترن فقهي عالمن ان جون شرحون لکيون آهن. ("ڪشف الظنون") جلد أول، ص 472) هن جا قلمي نسخا ترڪي جي ڪتب خانن ۾ موجود آهن.

25. حسام الدين صدر شهيد عمر بن عبدالعزيز (م 536هه/ 1141ع) جي هيءُ تصنيف دراصل امام محمد جي "الجامع الصغير" جو حاشيو ۽ واڌارو آهي، انهيءَ ڪري ان کي "جامع صدر شهيد" به چيو وڃي ٿو. ڪيترن بلند مرتبه عالمن پڻ ان

عتابيہ“ ۾ چيو ويندو آهي. (ڏسو ڪشف الظنون اول، ص 567).

73. ”جواهرا الفقه“ طاهر بن قاسم بن احمد الخوارزمي (م 771هه/ 1369ع) جي تاليف آهي. هن جا قلمي نسخا مڪتبہ ازهريہ مصر ۾ مڪتبہ قادريہ بغداد ۾ موجود آهن. (ڪشف الظنون جلد 1، ص 615).

74. ابو يعقوب يوسف بن علي بن محمد البحرجاني (م 522هه/ 1128ع) جو هيءُ ڪتاب متقدمين جي فتوائن تي مشتمل آهي. ڇهن جلدن تي ڦهليل آهي. هن جا قلمي نسخا مڪتبہ ظاهريہ دمشق ۾ محفوظ آهن. (ڏسو الحافظ محمد مطيع، ”فهرس مخطوطات دارالڪتب الظاهريہ“ الفقه الحنفي، مڪتبہ الحجاز دمشق، 1401هه، ص 249).

75. امام حسين بن محمد السمنقاني (م 746هه/ 1345ع) پنهنجي هن ڪتاب ۾ متقدمين ۽ متاخرين جي فتوائن ۽ مختار قولن کي جمع ڪيو آهي ۽ معتبر حوالن کي انهن جي علامتن جي ذريعي واضح ڪيو آهي. (ڏسو حاجي خليفہ: ”ڪشف الظنون“، جلد اول، ص 703) هن جا قلمي نسخا اسلاميہ ڪاليج لئبرري پشاور ۽ مرڪز تحقيقات فارسي اسلام آباد ۾ موجود آهن.

76. هن ڪتاب جي مؤلف احمد بن محمد بن ابي بڪر الحنفيءَ (م 522هه/1128ع) پهريائين ”مجمع الفتاوي!“ جي نالي سان هڪ ڪتاب مرتب ڪيو هو، جنهن ۾ فتاويٰ ڪبريٰ، فتاويٰ صغريٰ، فتاويٰ ابوبڪر بن محمد بن الفضل، فتاويٰ محمد بن الوليد سمرقندي، فتاويٰ ابي الحسن استغفني، فتاويٰ عطام بن حمزه، فتاويٰ ناطفي ۽ جامع ظهير الدين.

77. ابو عبدالله محمد بن علي خجندي جي هن تاليف ۾ متقدمين ۽ متاخرين جي فتوائن سان گڏ قاضي تاج الدين ابوبڪر بن احمد اخسيڪشي جي فتوائن کي بہ شامل ڪيو ويو آهي. بقول حاجي خليفہ هيءُ تمام مفيد ڪتاب آهي. هن جو اڪثر حصو فارسي ز.ن ۾ آهي. (ڏسو حاجي خليفہ ”ڪشف الظنون“ جلد 2، ص 1228).

78. علامہ يوسف بن احمد سجستاني (م 628هه/ 1235ع) پنهنجي تاليف ۾ علامہ نجم الدين خاصيءَ جي مرتب ڪيل ”فتاويٰ صغريٰ“ سان نوادر ۽ علامہ سراج الدين اوشيءَ جي فتوائن کي شامل ڪيو آهي ۽ ”سين“ جي حرف کي سراج الدين اوشيءَ جي فتوائن جي علامت طور استعمال ڪيو آهي. هن ڪتاب جا قلمي نسخا مرڪز تحقيقات فارسي اسلام آباد ۽ مڪتہ ظاهريہ دمشق ۾ موجود آهن (ڏسو ”ڪشف الظنون“ جلد 2، ص 1877)

79. شيخ مبارڪ بن عبدالحق بن نورڪي هن فارسي تاليف جو هڪ قلمي مخطوطو مرڪز تحقيقات فارسي اسلام آباد ۾ موجود آهي.

80. گجرات جي قاضي القضاۃ حماد الدين احمد بن محمد اڪرم جي طرف منسوب ڪيل هن ڪتاب کي مفتي رڪن الدين بن حسام الدين ناگوري ۽ ان جي فرزند مفتي دائود گڏجي نائين صدي هجريءَ ۾ مرتب ڪيو. هيءُ برصغير ۾ مرتب ڪيل فتوائن ۾ خاص اهميت رکي ٿو.هيءُ ڪتاب 1241هه/1725ع ۾ انديا ۾ شايع ٿيو. عجيب اتفاق وري هيءُ آهي، تہ هن وقت انهن ڇپيل نسخن مان ڪوبہ ڪٿي نظر نہ ٿو اچي. (ڏسو پٽي محمد اسحاق ”برصغير پاڪ و هند ۾ علم فقه“ اداره ثقافت اسلاميہ لاهور، 1973ع ص 126-166) البت هن جا قلمي مخطوط مرڪز تحقيقات فارسي اسلام آباد اسلاميہ ڪاليج لئبرري پشاور ۽ پنجاب لائبرري لاهور ۽ ٻين ڪتب خانن ۾ محفوظ آهن.

81. جلال الدين فيروز خلجيءَ جي حڪومت 688هه/ 1289ع — 695هه/295ع جي ناليواري عالم صدر الملة والدين يعقوب مظفر گرامي ياڪرماني جي فتوائن جو هيءُ مجموعو، جنهن کي سندس وفات کان پوءِ قبول قراخان نالي مرتب ڪيو، برصغير ۾ مرتب ڪيل فتوائن جي مجموعن ۾ انتهائي اهم ليکجي ٿو.

82. هيءُ برهان الدين ابراهيم بن ابي بڪر بن محمد بن حسين الحسيني جو تاليف ڪيل ڪتاب آهي. هن جا قلمي نسخا اسلاميہ ڪاليج لئبرري پشاور

معشوق ڏاريجو

# پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري:
# سنڌ جو گهڻگهرو اديب، محقق ۽ تاريخدان

دنيا جي عظيم ڏاهي ٽالسٽاءِ هڪ هنڌ لکيو آهي ته: ”دنيا ۾ ٻه انتهائي طاقتور جنگجو آهن- تحمل ۽ وقت“ وقت اُن مسافر وانگر هوندو آهي جيڪو وڃڻ کان پوءِ واپس ناهي ورندو. دنيا ۾ اُهي ئي ماڻهو ڪاميابي ماڻيندا آهن جيڪي وقت جو قدر ۽ پابندي ڪندا آهن ۽ وقت جي پابندي ۽ قدر جيترو مون پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ وٽ ڏٺو آهي اوترو تمام گهٽ ماڻهن وٽ ڏٺو آهي. ڊاڪٽر صاحب وقت جو تمام گهڻو پابند انسان آهي. جدوجهد ۽ جاکوڙ سندس زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو آدرش آهي. شايد اُهو سندس وقت جي پابندي ۽ جاکوڙ ئي آهي جو هن زندگيءَ جي هر ڪم ۾ ڪاميابي ۽ سوڀ حاصل ڪئي آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري سنڌ جو هڪ معتبر ليکڪ، اديب، استاد، تعليمدان، عالم، اسڪالر، محقق ۽ تاريخدان آهي جيڪو پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن ۽ ادارو آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ علم، ادب، ثقافت، تهذيب، تاريخ ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان تمام وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن جن ڪي سنڌ جو هر باشعور ماڻهو قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو.

ڊاڪٽرصاحب جا لکيل ڪتاب ۽ مقالا سندس محبت ۽ محنت جا ساکي ۽ امين آهن جن جي ورق ورق تي سندس سگهاري فڪر، فلسفي ۽ شعور جي جهلڪ نظر اچي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جي زندگي مرشد لطيف جي سِٽ: ”ڪرڪٽا لاهي



سُک نہ سُتا ڪڏهين“ جو علمي روپ ۾ جلوو ۽ نمونو آهي. پنهنجي زندگيءَ جي سفر ۾ ڏکيا ۽ سکيا ڏينهن ڏسندڙ ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ـ پنهنجي زندگيءَ جي سفر، ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ منجهان تمام گهڻو مطمئن آهي. پاڻ انتهائي سچو، سباجهڙو ۽ پُر خلوص انسان آهي.

**پيدائش:**

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق ولد احمد خان زنگاڻو زرداري 23 آگسٽ 1943ع ڳوٺ محمد موسيٰ زرداري ديهه مورو، سنڌ ۾ جنم ورتو. سندس زندگيءَ جو وڌيڪ سچو، حيرت ناڪ ۽ عبرت ناڪ حال احوال سندس آتم ڪٿا ”ڪير روح رهاڻ“ ۾ موجود آهي.

ان ڪتاب جو انگريزي ترجمو: "Voice of Solitude" اڪيلائيءَ جو آواز نور محمد جهنجهي ڪيو آهي جڏهن ته ساڳئي ئي ڪتاب جو اردو ترجمو راقم الحروف (معشوق ڏاريجي) ”دل ڪي باتين“ جي عنوان سان ڪيو آهي.

هن ڪتاب جو منظوم ترجمو ”ڪير رهاڻ روح جو منظوم ترجمو“ جي عنوان سان سگهڙ علي گل پٽي منفرد ترتيب جي شاعريءَ واري انداز ۾ به ڪيو آهي.

## تصنيفات/ ڪتاب:

1. سنڌي جي سياسي جدوجهد 1983ع
2. تحريڪِ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو 1984ع
3. واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو (مرتب) 1991ع.
4. غدارِ سنده (اردو) 1993ع
5. History of Sindh vol:1 (English) 1996ع
6. لنڊڪي کان لنڊن تائين (سفرنامو) 199ع
7. مجذوب حافظ علي مراد (سوانح حيات ۽ تعليمات) 1996ع
4.8 History of Sindh vol: (English) 2000ع
9. تاريخ ضلع نواب، شاهه 2001ع.
10. ڪيم روح رهاڻ (آتم ڪٿا) 007.ع.
11. The Horse (English) (ڇپائيءَ هيٺ).

## تحقيقي خدمتون:

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري صاحب هڪ نهايت ئي جاکوڙي ۽ محنتي اديب، محقق ۽ تاريخدان آهي جنهن اڻ ڳڻيا تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن جن منجهان ڪجهه هي آهن:

1. پاڪستان کان اڳ جون اخبارون. 2 حضرت محمد ﷺ هڪ سياستدان 3 سنڌ ۾ سرڪاري ڪتب خانا 4. قرارداد پاڪستان 23 مارچ 5. قراردادِ لاهور ۽ سنڌ 6. حُر تحريڪ 7. بلاول فقير زرداري قبيلي جي ثقافتي تاريخ 8. مورو ناهي ٽورو 9.سنڌ خودمختياريءَ لاءِ ڪلهوڙن جي جدوجهد 10. ميان غلام شاهه ڪلهوڙو: حاڪم سنڌ 11. سنڌ ۾ جاگيردار ۽ لوٽا ڪريسي 12. انصاف ڪندڙن سان ناانصافيون 13. ضلع نوشهرو جي سياست ۽ سياسي تحريڪون 14. مخدوم محمد دائود رحمة الله عليه 15. سونٽي وارو بزرگ ضلعو مانسهره 16. 1957ع جي علوي جو غازي پلئي خان زرداري 17. ڳوٺ نواب شاهه کان شهيد بينظيرآباد تائين 18. سنڌ جو جاگيردار ۽ مقدس پير هميشه ايرنڊڙ سچ جو سلامي 19. جيڪب آباد جي مختصر سياسي تاريخ وغيره.

سنڌيءَ کان سواءِ سنڌس ڪيترائي مضمون انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۾ به لکيل ۽ ڇپيل آهن.

## سماجي زندگي:

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري صاحب هڪ نهايت ئي متحرڪ ۽ جاکوڙي انسان رهيو آهي. پاڻ مرشد شاهه لطيفؒ جي سٽ "ٽنيءَ ٽنڊي ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي" وانگر هر وقت جدوجهد ۽ جاکوڙ ۾ رهيو آهي ۽ پاڻ ڪيترين ئي سماجي، ثقافتي ۽ ادبي تنظيمن جو ميمبر ۽ سرواڻ رهيو آهي جن جو تفصيل هن طرح آهي:

1. صدر: هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو 2 صدر: ويلفيئر ايسوسيئيشن ديهه لنڊڪي تعلقو مورو 3 صدر پرائمري اسڪول ڊاڪٽر محمد لائق زرداري لڳ مورو 4. ميمبر، آيڊٽر ۽ تاحيات ميمبر سنڌي ادبي سنگت مورو 5. ميمبر سلجاهه ڪلچرل فورم مورو 6. ميمبر بورڊ آف اسٽڊيز شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 7. سيڪريٽري: نيشنل سيمينار، واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو مورو 8. خزانچي: انٽرنيشنل سيمينار ڪلهوڙا عباسي دور حڪومت ڪراچي 9. چيف ايڊيٽر/ سرپرست: بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نواب شاهه، ضلع شهيد بينظير آباد سنڌ 10. ميمبر: گورننگ باڊي سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ

## اعزازات ايوارڊ ۽ شيلڊون:

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري صاحب جي سڄي ڄمار سنڌي ادب، ٻوليءَ ۽ قوم جي خدمت ڪندي گذري آهي. علمي، ادبي ۽ سماجي حوالي سان سندن خدمتن جي پيٽا طور کيس لاتعداد اعزاز، ايوارڊ، شيلڊون، سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ملندا رهيا آهن جن منجهان ڪجهه اعزاز، ايوارڊن ۽ شيلڊن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:



ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، محمد قاسم ماڪا، زواري نقوي، روي ڪمار، پروانو ڀٽي، دين محمد ڪلهوڙو ۽ ٻيا پير حسام الدين راشدي جي تربت تي چادر چاڙهيندي

**شاگرد:**

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري جا سڄيءَ سنڌ ۾ هونءَ ته هزارين شاگرد آهن پر جن ادبي حوالي سان گهڻي مڃتا ماڻي آهي، انهن ۾ اسلم عباسي، ادريس جتوئي، انور ساگر ڪانڌڙو وغيره قابلِ ذڪر آهن، جڏهن ته تاريخ ۽ تحقيق جي حوالي سان راقم معشوق ڌاريجي به ڊاڪٽر صاحب کان گهڻي رهنمائي حاصل ڪئي آهي.

**ڊاڪٽر زرداريءَ بابت اديبن ۽ عالمن جا رايا:**

1. "ڊاڪٽر زرداري هڪ تعليم دان سان گڏ تاريخدان ۽ ليکڪ به آهي"

- ڊاڪٽر سليمان شيخ

2. "ڊاڪٽر زرداريءَ جي سڄي زندگي محنت ۽ جدوجهد جو عملي روپ آهي".

- پروفيسر نذير قاضي

3. "صدين ۾ اهڙا لائق انسان پيدا ٿيندا آهن، قوم کي اهڙن انسانن تي فخر آهي".

- سيد حاڪم علي بخاري شاهه

4. "ڊاڪٽر زرداري هڪ محقق ۽ تاريخدان هئڻ سان گڏوگڏ هڪ حساس ليکڪ ۽ انسان دوست پڻ آهي. پاڻ هڪ شفيق استاد به آهي، سنڌس قلمي ۽ تحقيقي پورهيو اسان نوجوانن لاءِ رهنمائي آهي"

- ڊاڪٽر عباس مهيسر

5. "لکڻ پڙهڻ ۽ تاريخي تحقيق ۾ سنڌس نالو گهڻو مٿانهون آهي".

- ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو.

6. "پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري موجوده دور جو سُنو محقق، تاريخدان ۽ اديب آهي."

- خادم حسين چانڊيو

7. "پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري سنڌ جو معتبر ۽ باڪمال اديب، محقق ۽ تاريخدان آهي."

- جام آدرش

8. "پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري سنڌ جي لوڪ ادب جو پارکو ۽ سگهڙن جي فن سان پيار ڪندڙ شخص آهي."

- سگهڙ غلام اصغر لاڪو

**ماخذ/ مددي ڪتاب:**


1. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر- ڪيم روح رهاڻ (آتم ڪٿا) سنڌ هسٽاريڪل اينڊڪلچرل سوسائٽي مورو 2007ع.
2. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر- تاريخ ضلع نوابشاهه سنڌ هسٽاريڪل اينڊڪلچرل سوسائٽي مورو 2001ع
3. عباسي اسلم (مرتب)- مورو تاريخ ۽ ثقافت سنڌ رويو پبليڪيشنز ڪراچي ۽ مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو 2011ع
4. عباسي اسلم (مرتب)- ضلعو نوشهرو فيروز (تاريخ جي آئيني ۾) نوشهروفيروز، سيمينار ڪاميٽي 2007ع
5. چانڊيو خادم حسين (مرتب) مارو جي مليرَ جا. گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد سنڌ 5-2004ع

غلام زينب ابڙو

# ڪوڙومل چندن مل کلناڻي

مضمون نويسيءَ جي تاريخ جو پهريون طبعزاد مضمون ”پڪوپهه“ مضمون نويس ڪوڙي مل چندن مل کلناڻي جو آهي. کلناڻيءَ کي اڪثر عالمن تلفظ جي اثر سبب کلنائي لکيو آهي. ڪوڙي مل جي متعلق "International Encyclopedia of Indian Litetarture" ۾ لکيو ويو آهي ته:

Kauromal Chandan Mal Khilnani (1844-1916) writer who was born in village Bhiria, Taluka Naushero. He came of a poor family and in said to have studies under the light of lamp. posts the streets of his village.

He written about forty four books, some of them are pakopah (1872), Arya Nari Charitara (story of Aryan women), Ratrana Vali (Natak 1988), Saamin jo slok (q.v), Barana poet (songs of chlidren), Baraniyoon Akhaniyoon (Stories of chlidren), Phool Malha Bai, his selected writings have been published by the "Sahitya Akademi, Delhi (1960) under the title sahityik pushp (1)."

ويهين صديءَ جي پهرين اڌ تائين مختلف موضوعن تي ڇپيل ڪتابن جو تعداد 16 آهي. سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ سندس ڪوشش جي جيتري تعريف ڪجي سا ٿوري ٿيندي. ڪوڙومل نه صرف سنڌي زبان جو ماهر هو پر ڪيس فارسيءَ تي به وڏي مهارت حاصل هئي. حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج جو پهريون پرنسپال هو ۽ انهيءَ ئي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. ديوان صاحب 16 ڊسمبر 1916ع تي هن دنيا مان چالاڻو ڪيو (2).

مضمون نويسيءَ جي تاريخ جو پهريون طبعزاد مضمون ”پڪوپهه“ مضمون نويس ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ جو لکيل هو. پڪوپهه مضمونن جي



مجموعي جي مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، ته منهنجي هٿن ۾ ڪتاب جو چوٿون ڇاپو آهي، جو 1890ع ۾ ڪمشنر صاحب بهادر سنڌ جي ڇاپخاني ۾ ڇپيو. پڪوپهه جو پهريون ڇاپو 1872ع ۾ ڇپيو. ڪوڙيمل جڏهن هيءُ ڪتاب لکيو، تڏهن سندس عمر 28 سال هئي. هيءُ ڪتاب (1872ع کان 1890ع تائين) 18 سالن ۾ چار دفعا ڇپجي پڌرو ٿيو. ڪتاب جي عنوان مان ئي خبر پوي ٿي ته جيڪي لکيو ويو آهي، ان تي عمل ڪرڻ لازم يعني پڪو ارادو ڪري پڙهي عمل ڪجي.

ڪتاب جي پهرين ورق اٿلائڻ سان ئي معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ مضمون زناني تعليم جي حق ۾ لکيل اصلاحي مضمون آهي. منجهس زناني تعليم جي اهميت نهايت وزنائتن دليلن سان بيان ٿيل آهي. ڪتاب ۾ ڏنل سڀئي مضمون عورتن جي تعليم بابت لکيل آهن، جن ۾ علم سيکارڻ جي ضرورت تي ڀرپور روشني وڌي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ باب جي بدران ’فصل‘ لفظ ڪتب آندو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته ان زماني ۾ فصل لفظ باب جي بدران گهڻو رائج هو. پوءِ مرزا قليچ بيگ ۽ بادام ناتوان جي لکيل مضمونن جي مجموعن ۾ به ساڳيءَ طرح فصل لفظ استعمال ڪيل آهي. ڪتاب جي عبارت مضمون جي (فارم) انداز ۾ لکيل آهي. اسلوب ايترو ته بهترين آهي جو لڳي ٿو ته هن ترقي يافته دور ۾ مضمون واري ٽيڪنڪ ۾ آسان ۽ عام فهم بڻايو ويو آهي پر شروعاتي ڪتابن جي ڪري هن جو اسلوب ڪٿي ڪٿي بدليل نظر اچي ٿو. ڪتاب جي عبارت خالص

سنڌي لفظن سان آراستہ آهي، پراڻا ۽ دقيق لفظ بہ ڪثرت سان ڪتب آندا اٿس، جن مان گهڻا اڄڪلهہ بلڪل ختم ٿي چڪا آهن. ڪلڪٽيءَ جيڪا سليس ۽ مٺي ٻولي استعمال ڪئي آهي، ان جي لاءِ بہ ڪيس داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. ڳالهہ ڪي ڪولي سمجهائڻ سندس خاص ڏانءُ ۾ شامل آهي. مضمون پڙهڻ سان ئي مضمون نگار پڙهندڙ کي متاثر ڪرڻ شروع ڪري ٿو ۽ اهو سندس رنگ آخر تائين برقرار رهي ٿو، ڪٿي بہ جهول ۽ ڪچائي ڪانہ ٿي محسوس ٿئي. باقاعده تاجي پيٽو پختو اٿيل اٿس. ڪتاب جي ٻولي ڪلارائتي ۽ شاگردن توڙي عام ماڻهن جي معيار مطابق آهي. چپائي صاف، وڏي، ويڪرن اکرن سان ٿيل آهي. البتہ ڏکهن جملن ۾ پيرايي طرف ڌيان نہ ڏيڻ سبب مونجهاري جو سبب بڻجي ٿو. هن ڪتاب کي مضمون نويسيءَ ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي. هندي ۽ فارسي جي ڪيترن ئي عام فهم لفظن جا نيٽ سنڌي لفظ بہ جوڙيا اٿس، ڪِن جاين تي وري اسمي ۽ فعلي صورتون بہ منجهيل معلوم ٿين ٿيون. ان جي باوجود بہ نثر، مضموني خوبين کان خالي نہ آهي، ڪيترا سال درسي ڪتاب طور پڙهايو ويو. "International Encyclopedia of India.. Litertature" ۾ "پڪو پهہ" لاءِ لکيو ويو آهي تہ:

"Pako Pah (1868): Prose work by Kauromal Chandanmal (q.v) in which the author made an impassioned plea for educating the sindh women liberal in his mental makeup, the author argues that these people who doubt the utility of women s education would like the kitchen and to domestic duties and who have a question to ask wether women have to be scribes and employees in Govenment offices are like those builders of houes who have no care for the foundations of the house. Every country has rise or declines, its greatness or degeneration according to the wisdom or ignorance of its women (4)"

ڪوڙومل، انسان جي تخليق ۽ ان جي اتم مخلوق هجڻ جي ڳالهہ ڳَڻي تمهيد ٻڌندي لکي ٿو تہ:

"عقل، سمجهہ ۽ ڏاهپ ڪري مڙني ساهہ وارن ۾ ماڻهوءَ جي پيدائش پهرئين دور جي ڳنڀجي ٿي. انسان جي هستي اچرج جهڙي آهي، هن جي طبعيت جي اها اصلي خاصيت آهي جو هو سڀ ڪنهن شيءِ جي، جا اپايل آهي، پنهنجي پڄنديءَ هر چڱي جاچنا ڪري ٿو. سندس يادگيريءَ ۾ پوئين پوئين جا خيال ڪنا ٿيندا ٿا وڃن، هو سڀ ڪنهن گذريءَ حالت کي جا سندس سامهون تي لنگهي آهي، چڱيءَ ۾ ياد رکي ٿو ۽ اڳتي جي ڳالهين ويچارڻ ڪاڻ پنهنجي قياس ۽ آزمائش موجب پيو منصوبا ٻڌي (5). ڪوڙيمل جي عبارت آرائي مضمون جي صنف کي سادگيءَ سان خوبصورتي بخشي آهي.

ڪوڙي مل ڪلڪٽيءَ پنهنجي لکڻيءَ کي پنهنجي مخصوص رنگ ۽ انداز ۾ آٽي مضمون کي پنجن فصلن ۾ ورهايو آهي، جن ۾ زالن جي بي علميت يعني جاهل هجڻ جا نقصان تفصيل سان ڏنا آهن. وري ان جي ابتڙ زالن جي علميت مان فائدا جيڪي معاشري کي ملن ٿا، سي بہ تفصيل سان ۽ مثالن سان پيش ڪيا آهن. آخري فصل (باب) سڄي مضمون جو خلاصو آهي، جنهن ۾ پريو مڙس ۽ نوجوان جي گفتگو ساڳئي موضوع تي ڪرائي وئي آهي، تہ جيئن ڳالهہ مان ڳالهہ ڪڍي پنهنجي مقصد (زالن کي تعليم ڏيارڻ) کي آسانيءَ سان پڙهندڙن کي ذهن نشين ڪرائي ٿو ۽ جيڪي مثال سمجهائڻ خاطر ڏنا اٿائين، اهي عام زندگيءَ مان ۽ وچين طبقي جي ماڻهن مان ڪنيا آهن.

مضمون جي ٻئي فصل ۾ اٻوجهيل عورتن کي جانورن سان تشبيهہ ڏيئي احساس ڏياريو آهي تہ:

"(مِرون) جانور پاڻ کي ڪپڙن سان سينگاري نہ ٿا سگهن، پر عورتون ڪپڙا پائي سگهن ٿيون، پاڻ کي سينگاري سگهن ٿيون. جانورن کي چار پير، تہ هنن کي ٻہ پير (هن ڳالهہ جو جيڪڏهن پڙهندڙ ٿورو خيال ڪندا تہ ان کي سمجهندا تہ جانورن (مِرُون) جي مادين ۽ زالن جي حال تي ڌيان ڪجي تہ انهن ۾

آڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، طالبَ تَنوارِينِ،
آديسِي اُٿِي وِيا، مَڙهيون مُون مارِينِ،
جي جِيءَ کي جِيارِينِ، سي لاهوتي لَڏِي ويا.

(شاهہ)

# سنڌ جي سداحيات عالمن، اديبن ۽ شاعرن کي ڀيٽا

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ چيو: ”جن طبيعت پڇي انهن جي به مهرباني ۽ جيڪي دوست طبيعت پڇڻ نه اچي سگهيا ته انهن جو به ڪوئي ڏک نه اٿم.“

”عبدالجبار صاحب چيو ته ”سياست ۾ منهنجا ٻه آئيڊيل آهن، هڪ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻي شهيد بينظير ڀٽو صاحبه. جڏهن ته منهنجو ادبي مرشد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي، جنهن کان مون گهڻو ڪجهه سکيو ۽ پرايو.“

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ چيو ته ”مون ثقافت کاتي وارن کان علاج لاءِ ڪا مدد ڪونه گهري هئي، هو پاڻ ٿي پيسا ڏئي ويا آهن، اها انهن جي مهرباني آهي، باقي علاج لاءِ وڌيڪ ڪنهن جي مدد جي ضرورت نه آهي، علاج خدا جي مهرباني سان بهتر طريقي سان ٿي رهيو آهي.“

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ چيو ته: ”مون سڀ کان وڌيڪ ڪتاب سنڌي ادب تي لکيا آهن، جڏهن ته لغت تي لکڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، پوءِ به مون ٿورو گهڻو لغت تي ڪم ڪيو آهي. هن چيو ته سنڌي ادبي بورڊ وٽ منهنجو ڪتاب ”قنديل“ ڇپائيءَ جي مرحلن ۾ آهي.“

گل محمد عمراڻي صاحب لکن ٿا ته ”ڊاڪٽر عبدالجبار صاحب اسان کي ڪلاسڪ شاعري (سر سريراڳ ۽ مارئي) پنهنجي مخصوص ڍيمي لهجي ۾ پڙهائيندو هو، جنهن کي سمجهڻ لاءِ به تمام گهڻو توجهه ڏيڻو پوندو هو.“

ڊاڪٽر عبدالجبار صاحب هڪ ڪم گو ۽ خاموش طبع انسان هو، سندس مزاج ۾ خانداني وقار ۽ شائستگي، شرافت ۽ مهمان نوازي نمايان نظر ايندي هئي.

### سرڪاري منصب ۽ ملازمت

سنه 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو. سنه 1995ع کان ...تائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جو چيئرمن رهيو.

پويان ٽي سال... ڊين فيڪلٽي آف آرٽس جي منصب تي رهيا.

1996ع ۾ سرڪاري ملازمت تان رٽائر ٿيو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو... سنڌ يونيورسٽي پروفيسرس ايسوسيئيشن جو چيئرمن چونڊيو ويو، ۽ شيخ اياز صاحب جي وائيس چانسيلريءَ واري دور ۾ استادن لاءِ گهڻو ڪم ڪيائين.

رٽائر ٿيڻ کان پهرين هڪ سال لنڊن ۾ رهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت وڏين وڏين لائبريرين ۾ اڀياس ڪيائين، ان کان پهرين چين ۾ به سال رهيو ۽ چيني ٻوليءَ ۾ به ڊپلوما پاس ڪيائين. رٽاير ٿيڻ کان پوءِ 94-1993ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن مقرر ٿيو.

ڊاڪٽر عبدالجبار صاحب جي رهنمائيءَ ۾ مون سميت اٺن کان وڌيڪ ٻين شاگردن ۽ شاگردياڻين پي ايڇ.ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.

شهريار منزل بلبين جي هن شهزادي سان آءٌ لاڳيتو موبائيل تي رابطو ڪندو رهيس، نيٺ ٽن ڏينهن کان پوءِ سندن نياڻيءَ ٻڌايو ته ”بابا جن هاڻ بهتر ٿي رهيا آهن، توهان چاهيو ته ساڻن ڳالهائي به سگهو ٿا. آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس ۽ ساڻن مختصر ڳالهه ٻولهه ڪيم ۽ ٻئي ڏينهن وري سندن نياڻيءَ هيءَ ڏکوئيندڙ خبر ڏني ته سندن طبيعت وري خراب ٿي پئي آهي ۽ انتهائي نگهداشت جي وارڊ ۾ بيهوش آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار صاحب پنهنجي شاعريءَ بابت لکن ٿا ته:

”آءٌ اصل ۾ شاعر آهيان ۽ شروع کان ٿورو گهڻو به لکيم، ليڪچرر ٿيڻ کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ شعر پڙهائڻ کي ترجيح ڏيندو هوس، شاعريءَ جي پرک ڪرڻ لاءِ وڌيڪ اڀياس ڪندو رهيس، تان جو سنڌي ادب جي تاريخ لکڻ جي نوبت آئي، ان ۾ به شعر کي اوليت ڏنم.

شاهه ڪريم، شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، بيدل ۽ بيڪس، نانڪ ۽ خوش خيرمحمد، سانگي ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، اياز ۽ تنوير، نياز همايوني ۽ ٻيا اعليٰ شاعر منهنجي ذهن تي مڪمل قبضو ڪري ويا.

منهنجي شاعري ڪِولِ جي رفتار سان سُرندي آئي آهي، جيڪا آهي سا اهائي آهي، پاڻ کي نه وڻي سا ڦاٽل ڪاغذن جو ڪاچ ٿي وئي. هي

بهادر شاستريءَ جهڙا بونا بونا جن پوتڙا، آزاديءَ سان گهر جي اڱڻ ۾ گهمندا ڦرندا پيا وتن.

طارق کي پوءِ اُتان آءٌ خانبهادر (اڳوڻي) ايڊوڪيٽ جنرل سڪندر بيگ مرزا جي محرابي دروازن واري اوطاق ڏيکاري، ٽنڊي ٺوڙهي جي سڀ کان وڏي ميدانَ ۾ آڻي بيهاريان ٿو.

ٻڌايانس ٿو، نائين محرم الحرام تي هن ئي هنڌ سال بہ سال هتان جو وڏي ۾ وڏو خندق جو ماتم ٿيندو آهي ۽ ٻڌايانس ٿو 1974ع تائين آءٌ بہ ٽانڊن تي اهڙو ماتم ڪندو رهيو آهيان. باهہ تي ماتم واري اِن ئي ميدان تي وچ ۾ طارق کي هاڻي آءٌ اتي موجود اولياء امير فقير جو مقبرو ۽ سندس اوتارو ٿو ڏيکاريان.

ٻڌايانس ٿو... اسان جا بزرگ ٻڌائيندا هئا تہ هي سڄو ميدان سؤ کن سال اڳ گهاٽن ڪيڙن جو جهنگ هوندو هو، جنهن اندر سائين امير فقير هر وقت مراقبي ۾ ويٺو هوندو هو.

نماشام وقت اسين مرزائن جا ٻار سندس ويجهو ويندا هئاسين تہ ٻنهي هٿن جي آڱرين کي ڳنڍي، گل ٺاهي، انهن کي چنڊڪا جو وٺي ڏيڻ لڳندو هو تہ، هر طرف هزارين روشن ٽانڊاڻا... اونداهيءَ ۾ جرڪڻ لڳندا هئا.

ڇا سچ پچ!؟ طارق سراپا حيرانگي منجهان مون کان پُڇي ٿو:

چوانس ٿو، بزرگن جي ٻڌايل ڳالهين تي شڪ ٿوروئي ڪبا آهن.

ها واقعي... طارق وراڻي ٿو... سچ ٿو چوين... تو يا مون وٽ... ڀلا ان جو ثبوت ئي ڪهڙو آهي تہ ائين نہ ٿيندو هوندو.

ٽنڊي ٺوڙهي جي ان ڪان پوءِ واري ڪنهن ٻي ياترا ۾، طارق کي مون پنهنجي ڳوٺ ۾ 1935ع ڌاري قائم ٿيل، مرزا منوچهر بيگ گرلز پرائمري اسڪول جي، ڪاٺ واري دروازي جي اڳيان وٺي، بيهاريو هو، چيومانس سنڌ جون پنهنجي دؤر جون مشهور ماهرِ تعليم خواتين دادي حميده، دادي بچُو، دادي ليلا ۽ آپا مهر مغل... مرزا صاحبن جي نياڻين کي تعليم ڏيڻ لاءِ هن اسڪول ۾ پڙهائي ويون آهن.




بابِ قليچ

تڏهن ڪا دير احترام ۾ طارق اسڪول جي ان ڪاٺ واري دروازي جي اڳيان هٿ ٻڌي خوش دلي سان مرڪي چوڻ لڳو هو:

اسلام عليڪم-

اي مادر علمي، السلام!

ان ڏينهن طارق کي پوءِ مون پنهنجي ٽنڊي ٺوڙهي جا پاڙا ۽ گهٽيون گهُمائيندي ڪيس ٻڌايو تہ هن گهٽي جي موڙ وٽ قليچ بيگ صاحب جي حويلي هوندي هئي، ان جي سامهون خان صاحب صادق قلي بيگ مرزا ۽ خانبهادر سڪندر بيگ مرزا ۽ ايڊوڪيٽ فرخ بيگ مرزا رهندا هئا. جنهن جي گهر ۾ خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي نياڻي (شرف النساءِ) هئي، جيڪا مون پڻ ڏٺي هئي. طارق کي پوءِ آءٌ ڊپٽي ڪليڪٽر مرزا علي نواز بيگ سندس فرزند سپريم ڪورٽ جي سابق جج، جسٽس ظفر حسين مرزا جو

بنگلو، پوءِ سيشن جج مرزا قنبر علي بيگ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي سيڪريٽري جسٽس ذاڪر حسين بيگ مرزا جون پُرشڪوهه حاويليون ۽ اوچن منگهن وارا سندن گهر به ڏيکاريان ٿو ۽ ان کان پوءِ اسين ٽنڊي ٺوڙهي جي پاڙن جي سياحت تي نڪري ويا هئاسين. بڏايانس ٿو، هي ابڙن ۽ خاصخيلين جو پاڙو آهي. هي پٺين، ڪليگرن ۽ شيدين جو پاڙو آهي، ۽ شيدن جي پاڙي مان اچي گهنجهيل شٽل ڪاڪ برقعي ۾، هڪ پرده دار خاتون کي ڏسندي، طارق جي مزاح واري رڳ ڦڙڪي پئي هئي، سرگوشيءَ ۾ چويم ٿو:

اِن برقعي جي اندر پڪ سان ماسي ملوڪان مٽڪي واري ئي ملفوف هوندي!

پوءِ طارق کي مون پنهنجي ڳوٺ جون امام بارگاهون ڏيکاريون. ’صحنِ قدس‘، ’آستانءِ قدس‘ ’حِيدري امام بارگاهه‘، ۽ پوءِ اندر گهرن واري گهٽيءَ ۾ زنانو عزاخانو: ’زينبيہ‘.

تڏهن طارق چوي ٿو: مير انيس ۽ مرزا دبير وارو لکنؤ شهر به اهڙوئي هوندو، جهڙو هيءُ تنهنجو ڳوٺ آهي: ٽنڊو ٺوڙهو!

۽ ان ئي ڏينهن ياد اٿم،

طارق مون کان پڇيو هو:

اندازو اٿئي ته تنهنجا بزرگ وڏڙا اصل ۾ کهڙي روپَ شيپَ جا صاحب هوندا.

چيومانس: ها! أهي پڪ سان هوندا ٿرڪين ٽوپين وارا... ڳاڙها ڳٽول، لحيم شحيم... ٽال، خوبصورت ۽ دبنگ! تڏهن کِلي چيائين:

يُومِين... رستم و سهراب ۽ سيمسن ديلائلا جهڙا.

ٽڙي ڪڙي چيومانس: ’نہ‘.

’آءِ مِين‘ شهنشاهه رضا شاهه پهلوي. ياسر عرفات... ڪمال اتاترڪ ۽ بلڪل جمال الدين ناصر جهڙا... ۽ ان ئي ڏينهن جي شام جو، طارق کي هاٿي آءٌ پٽي ڦاٽڪ لڳ پنهنجي اباڻي قبرستان ’بلند شاهه‘ ڏانهن وٺي ويو هوس، اُتي سڀ کان پهرين ته اسان خود بزرگ بلند شاهه جي قبر تي وڃي ويٺا هئاسين ۽ ان کان پوءِ طارق کي قليچ صاحب، نادر بيگ مرزا، مرزا علي قلي بيگ، ۽ دلشاد بيگم صاحبہ بنت قليچ بيگ جون تربتون مون ڏيکاريون هيون.

پوءِ چيومانس... تنهنجو نصير به... دنيا مان جڏهن ڪوچ ڪندو ته هن ئي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويندو.

بلند شاهه واري قبرستان ڏيکارڻ کان پوءِ ريل جو بند ڏيئي، طارق کي آءٌ پنهنجي ڳوٺ جي وڏي ... پيجاري واهه تائين وٺي ويو هوس، جتي واهه جي ڪناري، هُن آٽوميٽڪ ڪئميرا جي ذريعي، پنهنجو ۽ منهنجو پهريون گڏيل فوٽو ڪڍيو هو.

هيءَ ساونڻ جي موسم هئي... پيجاري واهه جو سير ڪري موٽياسين پئي ته هر طرف ميگهه ملهار ٿي وئي، تڏهن بوڙندا، بوندن ۾ پڇندا، مرزا ريلوي ڦاٽڪ لڳ داتا جمن شاهه شهيد جي درگاهه ۾ وڃي پناهه ورتي هُئي سين. درگاهه جي صحن ۾، چپري جي هيٺان وڃي ويٺاسين ته ڏٺوسين... مينهن ۾ پنل ۽ ڊنل ڊنل ڪي پاريهر به اُتي ويٺا هئا.

تڏهن باادب... باملاحظہ... طارق کي ڏٺم، هو سرگوشيءَ جي انداز ۾ مون سان ڳالهائڻ لڳو هو ۽ صفا آهستہ آهستہ:

اڙي هان! ائين چو پيا ڳالهايو طارق! مون حيران ٿي کانئس پڇيو هو.

چيائين: ڏسين نٿو، هي ڪبوتر ڪيڏا نہ ڊنل ۽ سَهميل ويٺا آهن. پنهنجي زور سان ڳالهائڻ سبب متان بي آرام ٿي أڏامي مينهن ۾ پريشان نہ وڃي ٿين.



طارق عالم جو ٽنڊي ٺوڙهي ۾ (آخري محرم 2010ع)

تہ هتي سڄي سنڌ جي تاريخ دفن ٿيل آهي.“ ڪشمير جي شاعرن تي فقط هڪ جلد ۾ تذڪرو پير صاحب کي مليو، پير صاحب تحقيق ڪري، ان ڪتاب ۾ ايڏو وڏو اضافو ڪيو، جو تذڪره شعراء ڪشمير هاڻي پنجن ضخيم جلدن ۾ شايع ٿي چڪو آهي، مير معصوم شاهہ بکري تي لکيل ڪتاب تي پنهنجي زندگيءَ جا سڄا سارا 50 سال وقف ڪري ڇڏيائين، مير علي شير قانع جو لکيل ڪتاب تحفة الڪرام سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ڪتاب آهي. هن ڪتاب کي سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. هن ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جي سوانح لکي وئي آهي، پير صاحب ان ڪتاب تي بہ تمام وڏي محنت ڪئي، ان کان علاوه يوسف ميرڪ جو ڪتاب تاريخ مظهر شاهہ جهاني ڄڻ ڳولي هٿ ڪيائين؛ ڄڻ قارون جو خزانو هٿ ڪيو هجيس، مذڪوره ڪتاب کي شايع ڪرڻ وقت پاڻ خوشيءَ مان نہ پيو ڊاپي، اصل صفا ٻهڪي اٿيو، ”هو ڏوٿي هوڏينهن“ جيڪو سنڌن يادگيرين تي مشتمل حيرت ناڪ ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ کي تباهہ ڪندڙ عناصرن جو ذڪر نهايت باريڪ بينيءَ سان ڪيو اٿس، ڪتاب ۾ اهڙو تہ وڻندڙ نثر رچيو اٿس، جو پڙهندي پڙهندي بت مان سياندڙا نڪريو پون، ڪردارن جا تڪيا ڪلام شاندار نموني سان استعمال ۾ آندا اٿس، نظر علي خان جو ڪردار اهڙو تہ سهڻو ڪري پيش ڪيو اٿس، ڄڻ اهو فسانہ آزاد (اردو ناول ليکڪ: پنڊت رتن ناٿ سرشار) ۾ خوجي جو ڪردار هجي، جيڪو سيني کي ڪلائي ڪلائي ڪيرو ڪندو آهي. نثر ۾ نظر علي خان جو تڪيا ڪلام ”او ظالم او اظلم“ ”يا دعوت شيراز يعني دال سان ماني کائڻ“ کي احساسن جي رومال تي ڀرت وانگر ڀريو اٿس، هن جو ڪردار جو انجام رئاريندڙ ۽ رلائيندڙ آهي. پاڻ پير ۽ سيد هوندي، سنڌ جي تباهي ۾ ڪين اول نمبر جو ذمہ ... ار ڪونيو اٿس، ”هو ڏوٿي هو ڏينهن“ ڪتاب مان روشن خيالي ٻهڪي اٿي آهي. هن ڪتاب جا ڪهڙا ڳڻ ڳائجن، جنهن بہ پڙهيو هوندو مون سان سو سيڪڙو متفق هوندو. امر جليل اهو درست نہ لکيو آهي تہ ”هو ڏوٿي هو ڏينهن“ سنڌن وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي جي ڪتاب ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ جي ڀلڃي ۾ پڙهيو ويندو،“ هيءُ هڪ الڳ ۽ منفرد ڪتاب آهي، جنهن هيءُ ڪتاب نہ پڙهيو آهي، مهرباني ڪري هڪ ڀيرو ضرور پڙهي، منهنجي خيال ۾ هن ڪتاب پڙهڻ سان توهان جي سوچ ۾ وسعت ۽ طاقت پيدا ٿيندي. نامور تاريخدان غلام رسول مهر کان سنڌ جي تاريخ ڪلهوڙا دور (ٻن جلدن ۾) بہ پير حسام الدين راشديءَ ۽ سنڌن وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشديءَ لکرائي هئي. ڪتاب بہ پاڻ مهيا ڪيو هئائون. اعجاز الحق قدوسيءَ کان ٽن جلدن ۾ تاريخ سنڌ لکرايائون، جيڪا تاريخ هاڻي پنجابي، پٺاڻن، بلوچن، ڪشميرين توڙي اردو ڳالهائيندڙن لاءِ فائديمند ثابت ٿي آهي.

پير صاحب اردو جا ادبي ادارا ٺاهيا ۽ اردو اديبن جي ذاتي طور مالي ۽ اخلاقي مدد پڻ ڪندا هئا، جيئن اردو جي شاعر جوش مليح آبادي جي روزگار جو مسئلو سامهون آيو تہ اردو لغت بورڊ قائم ڪرايائون، مذڪوره ڳالهيون اردو اديبن پنهنجي لکڻين ۾ عالم آشڪار ڪيون آهن، هتي ڪابہ ڳالهہ مبالغي طور نہ ڪئي اٿم، اردو اديبن سان پير صاحب جي ايڏي وڏي انسيت پوءِ بہ اردوءَ جا ڪجهہ اديب پير صاحب کان ڪڏهن ڪڏهن ناراض ٿي پوندا هئا. تاريخي واقعن ۾ توهان کي ياد هوندو تہ پي.ٽي.وي تي ٿيل هڪ مذاڪري ۾ پاڪستان ۾ هندستاني ڪلچر جي فروغ تي بحث ڇڙيو، پير صاحب سخت مخالفت ڪئي، چيائين: ”ڪا بہ تہ قوم هڪ ڪلچر مان هجرت ڪري ٻئي ڪلچر ۾ ويندي آهي تہ اها پنهنجي ڪلچر جو سفر زيرو کان شروع ڪندي آهي، ۽ اتان جي ڪلچر ۾ ضم ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، اسان جا اردو ڳالهائيندڙ ٻاهر هتان جي ڪلچر ۾ ضم ٿي وڃن، تہ ٻنهي ڌرين لاءِ ڀلو آهي“، جنهن تي اردو جا ڪجهہ اديب ناراض ٿيا ۽ چوڻ لڳا تہ پير صاحب علائقائي زبانن ۽ علائقائي ثقافتن طرف راغب ٿي ويو آهي، پر پوءِ آهستي آهستي اردو ڳالهائيندڙ اديب جيڪي هاڻي پاڻ کي سنڌي سڏائن ٿا، محسوس ڪرڻ لڳا تہ سرحد جي هُن پار کان آيل اديبن سان پير صاحب جو پنهنجائپ وارو رويو آهي. پير صاحب کي رڳو انهن سان اها شڪايت هوندي هئي تہ، پاڻ کي اسان.




هيءَ ڪتاب نه رڳو سنڌ، وطن عزيز پاڪستان، بلڪ اسلامي ۽ عالمي دنيا جي اڪابر عالمن ۽ محققن جي اولين صف ۾ شمار ٿيندڙ عظيم عالم، محقق، اديب، دانشور ۽ ماهرِ تعليم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جي ڏڪائتي وڇوڙي بعد، اُنهن مهربانن جي لکيل تعزيتي تاثرات تي مبني آهي، جيڪي قرب ڪري اسان سان غمخواري ڪرڻ لاءِ پير ڏيئي آيا. ڏاڏا سائينءَ جي ٿيجهي بعد مون کي اهو خيال آيو ته ڏاڏا سائينءَ بابت اُهي تاثرات ڇپرايا وڃن ۽ ان سلسلي ۾ اهو مواد پياري ياءِ حافظ محمد يوسف پنيري سڪندري صاحب جي حوالي ڪيم، جنهن وڏي محبت ۽ محنت سان ترتيب ڏنو ۽ اِهي تاثرات ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن جي آڏو آهن. اميد ته پڙهندڙ ڊاڪٽر صاحب جن جي سوانح، شخصيت ۽ بي لوث خدمتن کي پڙهي، ڊاڪٽر صاحب جي ايصالِ ثواب لاءِ دعائون ڪندا.

هن موقعي تي اهو ڄاڻائڻ مناسب آهي ته مختلف مهربانن جي تحريري توڙي زباني واتان پرچاڻين، فونن ۽ ايس.ايم.ايس ذريعي پهتل تاثرات سان جتي اسان کي وڏو ڏڍ فراهم ٿيو، اُتي اسان جي روحاني رهنما پير سائين سردار عالي جناب سيد شاهه مردان شاهه (ثاني) المعروف قبله سڪندر علي شاهه (پير صاحب پاڳاره) جي روح پرور پيغام سان اسان جي خاندان جي سمورن فردن جي ڏکويل دلين کي نهايت ئي گهڻي آٿت نصيب ٿي. پير سائين سردار جي ان متبرڪ خط جو عڪس، وڏي ادب ۽ احترام سان هن ڪتاب جي مُهڙ ۾ ڏنو پيو وڃي، جيڪو اسان جي خاندان لاءِ هڪ مستقل "دستِ شفقت" آهي.ا سان جي خاندان جو هڪ هڪ فرد، پير سائين سردار جي ان حيات آفرين ڪرم فرمائيءَ لاءِ احسانمند آهي.

اسان محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب، محترم سائين گل محمد عمراڻي صاحب ۽ محترم نفيس احمد ناشاد صاحب جا پڻ ٿورائتا آهيون، جن هن ڪتاب جي اشاعت بابت مختلف وقتن تي پنهنجن مفيد مشورن سان نوازيو. ان کان سواءِ مان انيڪ دوستن ۽ خيرانديشن جو شڪرگذار آهيان، جن ڊاڪٽر صاحب جي زندگي ۽ اُن جي رحلت کان پوءِ مون کي دلداري ڏني ۽ مون کي اهو عزم ڏياريو ته بابا سائينءَ جي انسان دوستي، سنڌ دوستي ۽ تعليم سان بي انتها محبت جي پاند کي پنهنجن هٿن مان ڪڏهن به نه ڪڍان ۽ سندن نقشِ قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪريان. الله تعاليٰ مون کي ان ڪم کي سرانجام ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

– محمد ارشد بلوچ

ٻه اکر

ڪتاب- "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ"

تعزيتي تاثرات

ڇپائيندڙ: سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم، 2011ع

"...ننڍي جي سينڌ اچا ستارن سان سينگاريل هئي. ٽڏي ڪير جهڙي چانڊوڪي پاڇولن سان راند ڪندي، سوڍل جي دل جيئن ٿلڪڻ لڳي هئي. ترخانن جي محلي ۾ سپاهين ۽ چوڪيدارن جي هوڪن کان سواءِ سڄو ننڍو ٻي خبريءَ جي ننڊ سُتل هو. سوڍل سوچڻ لڳو: هيءَ ننڊ پيل ماڻهن ننڍي جو شهر الائي پنهنجي گهرن اندر ڪهڙن ماتمن ۽ روڄن کي لڪايو، ستو پيو آهي. سنڌ جي هن سونهاري شهر جي گهٽين مان اڪيلو لنگهندي هن کي عجيب لڳي رهيو هو. هن ڏاڍي پيار مان ڪميت جي ڪنڌ تي ٿڦڪي هنئي، ۽ ڪميت سراءِ جي اڳيان ڪنڌ نمائي بيهي رهي. سوڍل ڪڙو کڙڪايو. ڪو جواب نہ مليس تہ وري ڏاڍيان ڪڙو هڻڻ شروع ڪيائين. نيٺ ڏڪندي ڏڪندي ٻڍڙي علوءَ اچي دروازو کوليو. هيڏيءَ رات جو ڪنهن مسافر جو اچڻ هن کي هميشہ ڏيجاري ڇڏيندو هو. ترخان، پنهنجي پڄي ويل ترڪ چوڪرن يا ٻانهن جي ڳولا ۾ اڪثر آڌيءَ ويل اچي سراءِ جو دروازو کولائيندا هئا ۽ مسافرن ۽ هن کي مارڪٽ ڪري هليا ويندا هئا..."

_ سراج

"پڙاڏو سوئي سڏ" (ناول)

ڇپائيندڙ: نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد

19؛ع

مشرق ۾ ٻہ مختلف نظريا هڪ ٻئي سان لڙي رهيا آهن. اهي آهن قديم فڪر ۽ جديد فڪر؛ ۽ هيءَ ڳالهہ يقيني آهي تہ پنهنجي قوتن جي ڪمزوريءَ ۽ ارادي جي ناپختگيءَ سبب قديم فڪر مغلوب ٿيندو.

مشرق ۾ بيداري، ننڊ سان مقابلو ڪري رهي آهي ۽ بيداري فاتح بڻجي رهندي؛ ڇاڪاڻ تہ سج، جو اڀري رهيو آهي، بيداريءَ جو قائد آهي ۽ صبح ان جي بي پناهہ فوج جو ڪم ڏيئي رهيو آهي.

مشرق ڪالهہ تائين هڪڙو خشڪ ۽ وسيع بيابان هو، پر اڄ سدا بهار بڻجي قبرن ۾ مدفون انسانن کي پڪاري پڪاري، جاڳائي رهيو آهي، ۽ انهن کي زماني سان گڏ هلڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو آهي. جڏهن هو پنهنجا گيت ڳائڻ لڳي ٿو، تڏهن سرديءَ جو ماريل مردو ڪفن ڦاڙي هلڻ شروع ڪري ڏئي ٿو.

مشرق جي فضا ۾ زندگيءَ جا آثار ظاهر ٿي رهيا آهن، جي وڌندي وڌندي حساس نفسن کي پاڻ سان ملائين ٿا؛ ۽ جي ملي ملي، ٿڪل ۽ نراس دلين کي ٻيهر بار ڳنڍي وري آسروند ۽ اڏول بنائڻ جي عمل ۾ مشغول آهن.

ـ خليل جبران

سنڌيڪار: محمد يعقوب "نياز"

ٽماهي "مهراڻ"، جلد 5، نمبر 3، ص 175،
سال 1956ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو

شرڪت ڪئي، جڏهن ميڊم نورجهان کي چيو ويو ته توهان به ڪلام ٻڌايو. نورجهان، فيض احمد فيض جو ڪلام "مجھ سي پهلي سي محبت ميري محبوب نه مانگ." ڳايو ته سيئي خاموش ٿي ويا ۽ اتي موجود هڪ فوجي آفيسر رڙ ڪندي چيو ته فيض جي ڪلام تي بندش پيل آهي ۽ اوهان فيض جي ڪلام کي ڳائي نٿا سگهو ۽ ڪنهن ٻئي شاعر جو ڪلام ٻڌايو. نورجهان جواب ڏنو ته فيض کي ڳائينديس نه، ته پنهنجي گهر واپس هلي وينديس. گهڻي چڪتاڻ کان پوءِ نورجهان کي فيض جي ڪلام ڳائڻ جي اجازت ڏني وئي.

فيض احمد فيض ظاهري طور هڪ سست انسان نظر ايندو هو پر پنهنجي شاعريءَ ۾ چست هوندو هو. جڏهن وار وڏا ٿيندا هئس ته سندس زال ايلسا جي زور پرڻ تي حجم ڪان ٺهرائيندو هو ۽ ننهن به سندس زال ايلسا لاهيندي هئي. سندس سستي ۽ ڪاهليءَ جون ڳالهيون ماڻهن ۾ گهڻيون ئي مشهور آهن. سندس هڪ ڳالھ مشهور آهي ته انقلابِ چين بعد فيض چين ويو ۽ مائوزيتنگ سان وجي مليو. مائوءَ چيس ته اسان پنهنجي ملڪ ۾ انقلاب آندو آهي. اوهان به ڪجھ ڪريو. جنهن جي جواب ۾ فيض آھ ڀريندي ۽ سگريٽ جا ڪش هڻندي چيو ته، "هاءِ هاءِ اسان انقلاب جلد آڻينداسين." فيض ڀهريان مذهبي ماڻهو هو ۽ هن ۾ تبديلي ٻي عالمي جنگ کان پوءِ آئي، جو ته هن ۾ فڪري ۽ فني انقلابي تبديليءَ جي شروعات 1935ع کان ٿي جو ته عالمي مسئلن سموري دنيا جي فڪري ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجھ ڪيو. جنهن بعد جمهوريت پسند ۽ روشن خيال ماڻهن کي اها ڳالھ محسوس ٿيڻ لڳي ته جيستائين هو جارحيت ۽ جبر سان مهاڏو نه اٽڪائيندا ته لوح قلم اندر انساني وجود جي بقا نه رهندي. فيض احمد فيض کي پڻ اهو احساس جاڳيو ۽ هو انقلابي شاعري سرجڻ لڳو.

بربادیٔ دل جبر نہیں 'فیض' کسی کا، وہ دشمنِ جاں ہے تو بھلا کیوں نہیں دیتے۔

## نئون ڪتاب




ڪتاب: احمد خان مدهوش
(فن ۽ شخصيت)
موضوع: تاثر
ايڊيٽر/مرتب: عبدالرزاق جمالي
ڇپائيندڙ: سچ سماجي تنظيم سيوو جمالي
2011ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 137
قيمت: -/100 رپيا

هن ڪتاب ۾ احمد خان مدهوش تي تاثراتي ليک ۽ سندس انٽرويو به شامل آهي، مدهوش سان محبت ڪندڙن لاءِ هيءُ ڪتاب يقيناً سانديي رکڻ جهڙو تحفو آهي.

**مشتاق بخاري**

کوثر هالائي

# آگم جا امڪان

## (نثار حسينيءَ کي پيڻا)

شاعريءَ جي چئن مجموعن- ”ياد جي نيري نديءَ“، ”دل جون لهرون“، ”پاڻي“ ۽ ”رنگن جا اوجاڳا“ جي سرجيندڙ سنڌي ٻوليءَ جي ڀلوڙ شاعر وسيم سومري 5- آڪٽوبر 2009ع واري صبح ساجهر جو ايس.ايم.ايس موڪليو، لکيل هو:

سَرَ نِسريا پاندَ، اتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سُکائون ڪيون.

ڊيئر! موسم جي تبديليءَ جون واڌايون، گڊ مارننگ (وسيم سومرو)

گذريل رات ذهن ۾ جوڙيل رٿا موجب ان ئي ڏينهن تي فقير محمد ڍول جي ”امرتا“ جون 93 ڪڙيون/شمارا هِتان هُتان ڪتابن جي قطارن مان ڳولي سامهون رکيا هئا ته جيئن امرتا جي ڍير کي ڏسي اُتساهه ماڻي ”امرتا“ جي سينچري (100) شماري لاءِ (جيڪو ٻئائي نمبر هوندو) لاءِ ڪي سٺون لکڻ لاءِ رستو ٺاهي سگهان، پر لڳو پئي، اڄ امرتا جا پرچا سنجيده ڪونه هئا، هڪٻئي کي ڌڪا، ٺيلها ڏيندا، اڳيان پويان ٿيندا رهيا. ان عمل دوران هڪ ٻيو ڪتاب ٻين ڪتابن ۽ رسالن مان نروار ٿي سامهون اچي ويو ”ديوانِ حافظ“ ترجمو محمد يعقوب نياز، ٽائٽل پيج ورائيندي ٻئي پيج تي لکيو پيو هو:

”دلبر ۽ دلنواز دوست شاعر سوز هالائي لاءِ (نثار حسيني)

آهه... نثار حسيني! تڏڙي ڏکڻ جي هير جهڙو نثار حسيني صاحب، ڪيس ياد ڪرڻ ۽ پيڻا ڏيڻ لاءِ هن وقت دل ٿي چاهي ته ان سدا بهار شخصيت کي سريلي شاعر ذوالفقار راشديءَ جي هن غزل جي پيڻا ڏيان.

ڪجهه اوهان جي ياد ۾ روئي ڏسان،
شبنمي ڳوڙهن سان دل ڌوئي ڏسان.
گر حقيقت ڀاڳ منهنجي ۾ نه آ،
همنشينو! خواب ۾ ڪوئي ڏسان.
ڳاءِ! پر حورن پرين جي نانءَ مان،
گيت ۾ ڀي داستان ڳوئي ڏسان.



ان پيڻا ڪان پوءِ ته يادگيرين کي آرس ڀڃي جاڳي پوڻ ڪان ڪير ٿي روڪي سگهيو؟ (گذريل بهار ۾ پڻ سائين نثار حسيني تي چير آلا ڪرڻ ڪان پوءِ به نه لکي سگهڻ جي ميار بهار جي رُتِ کي ڏيان ٿو).

اُتر جي اوٺ ۾،
جن ماڻهن جي ڀيهر ملڻ جي آشا من ۾ هوندي آهي، اهڙن ماڻهن ۾ نثار حسيني به شامل آهي.

حافظ شيرازي جي ان ترجمي ٿيل ڪتاب سنڌي ساهتڪارن ۾ پنهنجو چڱو چالامان ڪرايو ۽ حافظ شيرازيءَ جي مڌ ڀري شاعريءَ جو هڳاءُ پلٽ پيو آهي.

حافظ جي هڪ شعر جو ترجمو آهي ته: ”هن بي بقا دنيا جي واعدي جي پختائيءَ تي اعتبار نه ڪر، ڇاڪاڻ ته هيءَ پوڙهي هزار نانئين جي ڪنوار ٿي رهي آهي.“

حسيني صاحب، آگم جيان مهربان ۽ شفقت ڀريا انسان هئا (ڪڪرن جيان زندگي گذاريائون جيڪي گلن تي ئي نه، ڪنڊن تي به وسندا آهن) سنڌن سياءُ به آگم جهڙوئي هو، آگم پبليڪيشن اهو نالو جڻ اڻ سڌيءَ طرح هن پاڻ لاءِ ئي تجويز ڪيو هو. هن معروف آگم پبليڪيشن جي پليٽ فارم تان بي شمار ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا، جن ۾ قرة العين حيدر جي ناول ”سيتا

گهرائي سان هو، تنهنڪري تر ۾ راڄ ۾ سندن ڪافي عزت ۽ تڪريم ڪئي ويندي هئي. سندن شخصيت جو هڪ پهلو اهو به هو ته هو انسان دوست ۽ قابل ماڻهو هو، هن وٽ هندن توڙي مسلمانن لاءِ هڪ اک هئي يعني هر ماڻهو جي عزت ۽ قدرشناسي ڪندو هو. ملڪسي هڪ قديم ڳوٺ هو ۽ ان زماني ۾ هندن جو ڳڙهه هو، گڏوگڏ هڪ واپاري مرڪز به هو. پر سائين مذهبي مت ڀيد کان پري هو. سندن پڙهائيءَ جو انداز انتهائي آسان ۽ شفقت وارو هو. هو شفيق ۽ رحمدل انسان کان سواءِ شفيق استاد به هو. سائين محمد قاسم شاهه ڪافي وقت ملڪسي اسڪول ۾ پڙهايو. سندن ئي ڪوششن سان ملڪسي ۾ پنجين کان پوءِ انگريزي ستين درجي تائين پڙهائڻ جي اجازت ملي. آخر ۾ گورنمينٽ مين سنڌي پرائمري اسڪول شهدادپور ۾ هيڊ ماستر مقرر ٿيو جتي ناقص ۽ اقربا پرور پاليسين ڪري 20 سال نوڪري ڪرڻ بعد 1961ع ۾ استعيفا ڏني. پاڻ انتهائي ديندار ۽ مذهبي طبعيت جو ماڻهو هو. دين سان کين انتهائي گهڻو لڳاءُ ۽ محبت هئي. سندن ڪافي وقت علماءَ جي محبت ۽ سنگت ۾ رهيو. تبليغ جي ڪم ۾ به گهڻو وقت ڏيندو هو. سندن وقت جي علماءَ ۽ مشائخ سان ڪافي سنگت ۽ واسطيداري هئي. هالا ۽ سعيد آباد جي تقريباً وچ تي جماعت اسلامي جو دنيا ئي ليول تي هڪ مشهور مدرسو ڏيپرن جي ڳوٺ ۾ قائم آهي جيڪو ”منصوره“ جي نالي سان مشهور آهي. منصوره جي باني مولانا شفيع محمد نظامائي صاحب سان سيد محمد قاسم شاهه جي رغبت ۽ دعوت تي تعليم کاتي مان رٽائر ٿي وڃي مدرسي ”منصوره“ جو استاد ۽ منتظم مقرر ٿيو. پهريائين ٽن سالن تائين مدرسي ۾ فقط ڇوڪرين کي پڙهائيندو رهيو ۽ پوءِ ڇوڪرن کي به پڙهائڻ لڳو. سيد محمد قاسم شاهه کي پڙهائڻ کانسواءِ مدرسي ۽ مدرسي جي ٻنين جو انتظام به سنڀالڻو پيو. 1975ع تائين مدرسي ۾ پنهنجون خدمتون ڏيندا رهيا پر پوءِ ڪن مجبورين ۽ انتظاميه سان اختلافن ڪري مدرسي مان استعفا ڏئي ڳوٺ ۾ اچي رهڻ لڳو.

سائين محمد قاسم شاهه سان گڏ جيڪي وقت جا مشهور عالم، استاد ۽ بزرگ رهيا سي هي آهن: مولانا جان محمد پنو، مولانا غلام سرور پنو، مولانا وصي مظهر ندوي، پروفيسر سيد محمد سليم، پروفيسر امير الدين مهر، مولانا مفتي دائم الدين انڙ وغيره. سيد محمد قاسم شاهه بخاري انتهائي حساس دل طبعيت رکندڙ بزرگ هو. دنياوي شغلن کان ڀڳل هو. گهڻو وقت تعليم ۽ تبليغ ۾ گذاريندو هو. جماعت اسلامي جو سرگرم رڪن هو. 1975ع ۾ جيئن مدرسي منصوره مان آيو ته ڳوٺ ۾ سيدي جو دڪان هلائڻ لڳو. طبعيت جو اهڙو ته سادو جو پنهنجي پوري موڙي دڪان ۾ سيڙائي ڇڏيائون ۽ تقريباً سامان ڳوٺاڻن کي اوڌر تي ڏئي ڇڏيائون ۽ مجال آجو وري ڪنهن کان پنهنجي رقم گهريائون. ڳوٺ جي ماحول کان ڪافي بدظن هوندو هو. ماڻهن جو نماز ۽ روزي کان پري هجڻ، هڪٻئي لاءِ عزت احترام گهٽ هجڻ، کين انتهائي ناپسند هو. سندن خواهش هئي ته اهڙي هنڌ رهجي جتي فقط الله ﷻ ۽ ان جي حبيب محمد مصطفيٰ ﷺ جو ذڪر اذڪار هجي پر افسوس سندن بي بقا زندگي ايترو ساٿ نه ڏنو ۽ 9 آگسٽ 1980ع تي هميشه لاءِ راهه رباني وٺي منصوره جي قبرستان ۾ ابدي آرامي ٿيو. سندن اتي دفن ٿيڻ لاءِ به هڪ عجيب روايت آهي. اها ان طرح ته پاڻ انهن پنجن بزرگن مان هو، جن منصوره جو مشهور مدرسو قائم ڪيو، انهن بزرگن مدرسي جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو. انهن پنجن ئي بزرگن گڏ حلف کنيو هو ته جڏهن هو هن دنيا مان راهه رباني اختيار ڪندا ته کين منصوره ۾ ئي دفن ڪيو وڃي. انهن ۾ مولانا شفيع محمد نظامائي، مولانا جان محمد پنو، حڪيم عبدالقادر ڪلوئي، سيد محمد قاسم شاهه ۽ عبدالرؤف پنو شامل آهن. انهن سڀني بزرگن جي آخري آرام گاهه منصوره ۾ ئي آهي.

سيد محمد قاسم شاهه عظيم انسان ۽ استاد هجڻ سان گڏوگڏ شاعر به هو. شاعريءَ ۾ ”ذوق“ تخلص اختيار ڪيائون پر سندن شاعري يا ذاتي لکت ڊائري وغيره ڪافي تلاش ڪرڻ جي باوجود به نه ملي سگهي آهي، کين مطالعي جو گهڻو شوق هو. ديني رسالا، قرآن پاڪ جو تفسير ۽ شاهه عبداللطيف جو رسالو يا ٻيا ڪوڙ سارا ڪتاب انتهائي شوق سان پڙهندو هو. جڏهن پاڻ وفات

ايترا ڪنهن ٻئي پکيءَ ۾ مون نہ ڏٺا آهن. ٻيا پکي تہ سدائين هوشيار، خبردار رهندا آهن. متان ڪا جهٽ لڳي، باز چنبن ۾ چائي نہ وڃي. چڪور جهڙوڪر ڪنهن شراب جي متمست مواليءَ جيان پيو نظر ايندو. اکين لاءِ تشبيهہ ۽ وري ڳلن لاءِ استعارو! سو بہ ساڳي مصرع ۾، اهو فن جو ڪمال آهي. گلاب جو ڳلن ۽ چهري لاءِ استعارو، اکين جي چڪور جي اکين سان تشبيهہ ٻئي لاجواب آهن. جڏهن اکين جي تشبيهہ پڙهندا تہ اوهان جو خيال چڪور جي بينازيءَ ڏانهن ضرور ويندو. بيناز تہ بادشاهہ هوندا آهن، محبوب دلين تي راڄ ڪرڻ وارا بہ تہ بادشاهہ آهن. ڪوڙل جو هيءُ مستعار غزل آهي. اهي استعارا وري جڏهن رديف ۾ سمايل هجن تہ انهن جو حظ اڃا بہ مٺيرو ٿو ڀاسجي. جيڪي شاعر ٿورن لفظن ۾ ڳالهہ نہ ڪري سگهندا آهن، انهن جا غزل اڪثر ڪري مردف نہ هوندا آهن.

ڪوڙل جي بحر ۽ وزن واري چونڊ بہ لاجواب آهي. بحر تقاربہ وري ارڪانڙ، هڪڙو رڪن مڪسور تہ ٻيو محذوف. ٻنهي جو اُچار، جهڙو ڪوئي ٻاتڙو ٻار، هڪ لفظ آسانيءَ سان اُچاري تہ ٻيو هٽڪي اچاري. ان رفتار کي اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ايگلو سڏيو ويندو آهي. جيئن اسان ٻالاپڻ ۾ ڪنهن ڪم سانگي موڪليا ويندا هئاسين پوءِ نچندا ۽ ٽپندا ويندا هئاسين، هڪ وِکَ ٽنگ جيان ۽ ٻي ٻرانگهہ جيان! جنهن جي ڪري ان ٽور تي نالو پيو ايگلو.

بحر تقارب ويجهي هجڻ جي وري وزن مڪسور اسلم. 'وتد' کي 'سبب' ۾ بدلايو ويو. ان نچڻ ۽ ٽپڻ جي ڪري انهن رڪنن مان ان کي سورهن رُڪَنَ بنايو ويو. ان وزن مان اٺ ماترائون ڪٽي سورهن وڌائي ڇڏيائون. هڪ پاسي وتد کي سبب ۾ بدلايو، ٻئي پاسي، ٻئي رڪن جو سبب ٽوڙيو ويو، جنهن جي ڪري، ان رڪن جي شڪل بہ مُنهين بلا جهڙي ٿي وئي. فن جي دنيا اهڙن تجربن تي نازان آهي. حالانڪ آءٌ ذاتي طور تي عروض کي ٽئين نمبر جو فن سمجهندو آهيان. سڀ کان اول فن سنڌي ڇندوديا جو آهي، ان کان پوءِ يوناني شاعريءَ جو فن آهي، ٽئين نمبر تي عراق ۽ ايران جو عروض آهي. عراق ۽ ايران وارن يونان کان متاثر ٿي پنهنجي ٻولين کي عروض جهڙو فن ڏنو. سنڌي ڇندوديا جي قانون ۾ جڳن هڪ جدارو ڳڻ آهي جيڪو فعول وزن جو آهي، جنهن جا نشان هن طرح آهن: 1+2+1. اهڙا هزارين لفظ ٻولين ۾ موجود آهن. اهڙن لفظن کي ٻين لفظن جو ٽوڙ نہ سمجهڻ گهرجي. فعلن لاءِ بہ سنڌي ڇند ۾ جدا ڳڻُ آهي، جنهن کي ڀڳڻ سڏيو وڃي ٿو، 2+2 ان جا نشان آهن. ڪوڙل ان سڀني عروضي لوازمات کان بخوبي واقف آهي. جنهن هيءُ بهترين غزل رچيو:

نظر جي ميدان ۾ بہ ڪوڙل قربدار پاڻ ملهايو آهي. ڪوڙل جو هيءُ نظر مثنوي جي صورت ۾ آهي.

ضمير مون تي ڪندو ملامت،
لکان نہ توتي غزل جي پياري،
حسين تخليق تنهنجي سائڻ،
رهون ٿا جنهن جا اسين پُڄاري.

بهار موڪيو جوان رُتِ ٿي،
گلاب مکڙيون سدا ٽيون مرڪن.
سنتو جي چولن تي سونهن ساگر،
سهاڳڻ جا ڪرائي درشن.

سڪون اک کي سڪون دل کي،
دماغ کي تازگي رهي ٿي.
هي سبز چادر جي چنري اوڍيل،
وشال تنهنجي ڏسي بدن تي.

رنگين خوشبو هڳاءُ اوتون،
هزارين پوئرا طواف ڪن ٿا،
هي عاشقاڻو مزاج مائن،
خوشي وچان متمست رهن ٿا.

مجموعي ۾ ٻه مقالا اردو زبان ۾ پڻ ڏنل آهن جن مان هڪ "سوانح حضرت شهباز قلندر" انعام محمد جو لکيل آهي. مضمون نگار سيوهڻ شريف ۾ درگاهه قلندر شهبازؒ جي توسيعي ۽ تعميري پروجيڪٽ، توڙي اوقاف کاتي جي مذهبي ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهيو آهي. هو پاڪستان جي اڳوڻي گورنر جنرل غلام محمد جو فرزند آهي. ٻيو مضمون ڊاڪٽر وفا راشديءَ جو "عظيم صوفي بزرگ حضرت شهباز قلندر" شامل آهي.

**2. يادگار قلندر، مرتب: انور ساگر / احمد خان سهاڳ**

هيءُ قلندر لعل شهباز جي سوانح حيات متعلق 12 مقالن جو خوبصورت مجموعو قلندر شهباز ميلا ڪميٽي ضلعي حڪومت ڄام شوري پاران، لعل سائين جي 759 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي جولاءِ 2011ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي، جنهن جا



سهيڙيندڙ نوجوان اديب انور "ساگر" ڪاندڙو ۽ احمد خان سهاڳ آهن، سهيل اديب ٻچاڻي اِي.ڊِي.او ڄام شورو شهباز ميلا ڪميٽي جو سيڪريٽري آهي.

هيءُ 186 صفحن تي مشتمل ڪتاب دلڪش ۽ من موهيندڙ ٽائيٽل سان بهترين بائينڊنگ، سني پيپر تي سهڻي گيٽ اپ ۽ سيٽ اپ سان ڇپايو ويو آهي. "يادگار قلندر" ڪتاب جو خوبصورت ٽائيٽل نامور مصور ڪپتان ابڙي ٺاهيو آهي. هن مجموعي ۾ مرتب انور ساگر ڪاندڙي صاحب ڪجهه مضمون "نئين زندگي" رسالي مان، هڪ مقالو سنڌي ٻولي جي خوبصورت نثر نگار غلام رباني آگري جي ڪتاب 'بَر بحر ۽ پهاڙ' مان ۽ سيوهڻ متعلق ٻه مضمون نياز وگهيي جي مرتب ڪيل ڪتاب مان ڪنيا آهن. هيءُ ڳٽڪو قلندريات/قلندر شناسي جي حوالي سان يادگار رهندو. هن مجموعي ۾ پهريون مضمون سيوهڻ جي بهترين استاد اديب ۽ عالم سائين حاجي غلام حيدر سولنگي جو آهي، جنهن سيوهڻ ۽ لعل شهبازؒ متعلق چڱي خاصي ڄاڻ ڏني آهي. ٻيو مضمون ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق جو تذڪره قلندر لعل شهباز جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ فاضل محقق قلندر سائين متعلق مختلف ڪتابن/تذڪرن جي حوالن سان بنيادي ڄاڻ ڏني آهي.

ٽيون مقالو جيڪو هن ڪتاب جي جان آهي ڪتاب "بر، بحر ۽ پهاڙ" تان ورتو ويو آهي. سو تمام شاندار، ڄاڻ جي کاڻ ۽ قلندريات تي هڪ مفصل تحقيقي پيپر آهي. سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت نثر نويس غلام رباني آگري جو مقالو آهي. ليکڪ جي هن جامع مقالي ۾ قلندر سائين جي زندگيءَ جي عنوان سان هر پهلوءَ تي سهڻي ۽ تحقيقي انداز ۾ روشني وڌي ويئي آهي ۽ ڪافي سوال پڻ ڇڏيا آهن جن تي چند ڄاڻ ڪري هن موضوع کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو ۽ ان سان تحقيق جا نوان رخ سامهون اچي سگهن ٿا.

مرزا دبير

# اندر روحَ رهيامِ

اندر رُوحَ رهيامِ، سنڌي ادب جي برک ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نگار قاضي خادم جي يادگيرين جي سلسلي جو ٽيون ڪتاب آهي. جيڪو ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد جي مالڪ ۽ منهنجي پياري دوست موهن مدهوش جي توسط سان 2011ع ۾ ڇپجي منظرعام تي آيو. هيءُ ڪتاب 248 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جي ڇپائي ۽ بائينڊنگ ڏاڍي وڻندڙ ۽ ديده زيب آهي.

هن کان اڳ قاضي صاحب جا يادگيرين تي مشتمل ٻہ ڪتاب 'دل جي دفتر مان' ۽ 'ساروڻيون' پڻ ساڳي اداري طرفان ڇپجي مڃتا ماڻي چڪا آهن. هاڻي ان سلسلي جو هيءُ ٽيون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي يادن جي انمول خزاني کي سهڻن لفظن جو ويس پهرائي، ڪتابي صورت ۾ آڻي پنهنجي هڪ دور جي تاريخ کي محفوظ ڪيو آهي.

'اندر رُوحَ رهيامِ' هڪ تاريخي ۽ معلوماتي دستاويز آهي. جنهن ۾ تاريخي مواد سان گڏ يادگار تصويري آلبم پڻ ڏنل آهي، جيڪو ڪتاب جو جڻ تہ روح آهي! هن يادگار تصويري آلبم ۾ ڪيترين ئي نامور شخصيتن جون تصويرون ڏنل آهن. هن تصويري آلبم ۾ جيڪا پهرين تصوير ڏنل آهي، سا آهي سال 1942ع جي. جنهن ۾ قاضي صاحب جو والد قاضي محمد لائق ان وقت جي سنڌ جي گورنر هيو ڊو (Hugh Dow) ۽ ٻين معتبر شخصيتن سان گڏ نمايان نظر اچي رهيو آهي. اڄ ان تصوير کي نڪتي تقريباً ستر سال ٿي چڪا آهن، جيڪا هاڻي هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿي. ڪتاب ۾ ڏنل باقي تصويرون قاضي صاحب جون پنهنجي دور جي عالمن، اديبن، شاعرن، محققن، تاريخدانن، صحافين، آفيسرن ۽ اهم شخصيتن سان گڏ آهن. يقيناً جيڪي مواد سان گڏ تاريخ جو ٻہ هڪ حصو بڻجي چڪيون آهن.

'اندر رُوحَ رهيامِ' جيئن تہ يادگيرين تي مشتمل آهي، جنهن مان ليکڪ جي حياتي، سوچ، خيال ۽ عادتن سان گڏوگڏ هڪ دور جي ادبي، سياسي ۽ ثقافتي تاريخ ۽ نامور شخصيتن جي پروڙ پوي ٿي. جن کي قاضي صاحب پنهنجي يادگيرين ۾ قلمبند ڪري هميشہ هميشہ لاءِ زنده ڪري ڇڏيو آهي.



'اندر رُوحَ رهيامِ' ۾ حيدرآباد ۽ ان سان لاڳاپيل شخصيتن، خاندانن، پاڙن، لائبريرين، سينمائن، هوٽلن، پڪوڙائين، چولا وڪڻندڙن ۽ اُتي ايندڙ اديبن جي گڏجاڻين ۽ ادبي بحث مباحثن جو ذڪر، اڄ حيدرآباد جي تاريخ جو هڪ اهم حصو آهن. قاضي صاحب حيدرآباد جي آبهوا خاص ڪري حيدرآباد جي راتين ۾ لڳندڙ جنت جهڙين ٿڌڙين هوائن جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکي ٿو:

"... حيدرآباد جي رات ۾ رات جي راڻيءَ جي خوشبوءِ، جنهن ٿڌڙين هيرن جي دوش تي چڙهي هنڌ هنڌ واس ڏيندي وتندي هئي تہ جڻ هوش مان ئي ڪڍي ڇڏيندي هئي. رات جو پوئين پهر اڱڻ تي پيل کٽ تي ستي، اها ئي هوا اچي ڪپڙن ۾ سر سراهٽ ڪندي هئي

تہ جڻ دل ۾ ڪٽڪتايون پئجي وينديون هيون...“ (ص:158)

جتي هِن ڪتاب ۾ حيدرآباد جي هڪ دور جي تاريخ بيان ڪئي وئي آهي تہ اُتي قاضي صاحب حيدرآباد جي مشهور ۽ علم و ادب جي مزڪري پاڙي ٽنڊي آغا ۾ پنهنجي گهاريل گهڙين ۽ امام بارگاهہ ۽ اتي ٿيندڙ مجلسن جو ذڪر پڻ قلمبند ڪيو آهي. قاضي صاحب جي ملاقات جڏهن ميرزا فياض علي بيگ (راقم الحروف جو والد) سان ٿي، تہ پاڻ ان جو بيان ڪندي لکيو آهي:

”اهوئي سبب آهي جو، آءٌ پنهنجون يادون تہ قلمبند ڪندو پيو وڃان پر انهن جي تصديق جا جتن بہ ڪريان پيو. جن بہ قديمي ماڻهن منهنجا ڪتاب پڙهيا آهن، تن حوصلہ افزائي ڪئي آهي. ٽنڊي آغا جي مرزا علي محمد جو ۽ ٽ جيڪو هاڻ پيءُ جي جڳهہ تي اسٽامپ وينڊر جو ڪم پيو ڪري، ان منهنجي ڪتابن جون بہ بہ ڪاپيون ورتيون آهن. چوي ٿو تہ هڪ غائب ٿي وڃي تہ ٻي تہ رهندي. هن جي چواڻي مون ٽنڊي آغا جي مرزائن، امام بارگاهہ ۽ سندن مجلسن کي ڪتاب ۾ جيئرو ڪري ڇڏيو آهي. اها ئي راءِ محترم مراد علي مرزا جي بہ آهي، جيڪا هن ... 'امرتا' ۾ شايع ٿيل ڪيترن خطن ۾ بہ بيان ڪيل آهي...“ (ص:13)

هِتي هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪندو هلان! گهڻا ماڻهو ميرزا فياض علي بيگ کي ميرزا علي محمد بيگ جو پٽ انڪري سمجهن ٿا، جو پاڻ هوبهو سندن ڪاپي آهي. جيڪو اصل ۾ سندس نانو آهي ۽ پاڻ ميرزا حامد علي بيگ جو پٽ آهي. جنهن جو ذڪر قاضي صاحب 'دل جي دفتر مان' ۾ ڪندي لکي ٿو:

”ٽنڊي آغا وارو مرزا حامد علي بہ ايم.اسلم جو شيدائي هو ۽ آءٌ جڏهن بہ ملندو هئوسانس تہ ايم.اسلم جي ڪنهن نہ ڪنهن ناول جو قصو ڪٿي ويهندو هو.“(ص:161)

”... مرزا حامد صاحب وري ايم.اسلم جي ناولن جو شوقين هو، جيڪي مون بہ بابا جي ڪتابن ۾ ڏٺا هئا، هن جي گفتگوءَ جو مزو ئي پيو هوندو هو.“ (265)

قاضي صاحب يادگيرين تي مشتمل ٽي ضخيم ڪتاب لکي، هِن صنف جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. ڇو جو سنڌي ادب ۾ هِن صنف تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. قاضي صاحب واقعي يادن جو ڀنڊار آهي. جنهن جي نس نس ۾ يادون سمايل آهن، جيڪي نار جي نيسر وانگر وهي وڃن ٿيون ڪاغذن تي لکبيون!

حقيقت ۾ ماضيءَ کي ڪاغذن تي قلمبند ڪرڻ هڪ ڏکيو ۽ ذميواري جو ڪم آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي پنهنجي هڪ مقالي 'سنڌي ادب ۾ آتم ڪٿا' ۾ لکي ٿو:

”ظاهري طرح آتم ڪٿا سولو ڪم لڳندو آهي. پر لکڻ وقت خبر پوندي آهي تہ اهو ڪم ڪيترو مشڪل آهي! ماضيءَ ۾ وڃي، نئين سر جيئڻ ۾، ڪافي خبرداريءَ کان ڪم وٺڻو پوندو آهي. جذبات ۽ جوش کان وڌيڪ، هوش کان ڪم وٺڻو پوندو آهي. نہ تہ پنهنجي ڪٿا ٻڌائڻ ۾ خود ثنائي اچي ويندي، جيڪو هڪ سٺي آتم ڪٿا جو عيب آهي. آتم ڪٿا ۾ سچ کي برابر وائکو ڪرڻو آهي، پر خود ثنائيءَ کان بچي![1]“

پر قاضي صاحب جس لهڻي، جنهن پنهنجي يادگيرين ۾ نہ صرف خوشگوار لمحن کي چٽيو آهي، پر زندگيءَ جي هر ڪڙي ۽ مِٺي پل کي بہ قلمبند ڪيو آهي. پاڻ اهڙي تہ سهڻي انداز سان هِن صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي جو ڪتاب کي جيئن پڙهندا وڃو تيئن اڳتي پڙهڻ لاءِ چاهہ وڌندو ٿو وڃي ۽ ڪتاب اڌ ۾ ڇڏڻ تي دل ئي نہ ٿي چوي...

قاضي صاحب جي محنت لائق تعريف آهي. جنهن بي بها موتين سان سنڌي ادب جي وسيع دامن کي ڀري ڇڏيو آهي.

---

(1) سنڌ ماضي، حال ۽ مستقبل، ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين، ڇپائيندڙ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 2006ع، ص:85

# پير حسام الدين راشدي صد سالہ جشن تقريبات



سنڌ جي نامور تاريخدان پير حسام الدين راشديءَ جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري پئي وڃي. دعا گهرندڙن ۾: پير حسن شاهہ،پير محسن شاهہ، الهڏتو وگهيو، تاج جويو، نفيس احمد شيخ، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، دين محمد ڪلهوڙو، سيد عابد مظهر،سيد مير علي شاهہ ڪاظمي ۽ ٻيا نظر اچي رهيا آهن.



تقريب ۾ شريڪ مهمان



تقريب کي ڊاڪٽر نواز علي شوق، پير محسن شاهہ، پير حسن شاهہ، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، الهڏتو وگهيو، علي نواز ٻٽ، محمد شفيع ڪرناٽي، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، آزاد قاضي، تاج جويو، صوفي حضور بخش، نفيس احمد شيخ، الله اوٻايو خشڪ ۽ حميد مهراڻوي مخاطب آهن.

هئي، نہ ملي آهي، اها اسان جي بي حسي آهي. پير صاحب ان ڪري بہ وڏو ماڻهو هو جو هن پير هوندي بہ پيري مريدي ۽ جاگيرداريءَ جي خلاف لکيو. اڄ پير صاحب موجود هجي ها تہ موجوده دور ۾ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ زيادتين تي مفصل تاريخ لکي ها.

**علي نواز ٻٽ:** پير صاحب مهان شخصيت هو، هن جيڪو ڪم ڪيو، ان جي معيار جو ڪم اڄ تائين ڪنهن نہ ڪيو آهي. سنڌي ماڻهن کي پير حسام الدين راشدي اهو باور ڪرايو تہ اوهين عظيم آهيو.

**الهڏتو وگهيو:** اسان سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ ملازم پير صاحب جو نهايت ادب ۽ احترام ڪندا هئاسون. اسان پير صاحب جي تحقيقي خدمتن تي ڪم ڪري رهيا آهيون. سنڌي ادبي بورڊ سان پير صاحب جو روحاني رشتو هو. پير صاحب جي علمي ڪارنامن تي مهراڻ ۾ جيڪي مقالا ڇپيا آهن، اهي ڪتابي شڪل ۾ ڇپڻ جو ارادو رکون ٿا. هن ڏِس ۾ ڪم هلندڙ آهي، جنهن کي تمام جلد ڇاپي پير حسام الدين راشدي مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويندو. ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ بورڊ پير صاحب بابت هڪ علمي جلسي جو بندوبست پڻ ڪندو.

**آزاد قاضي:** سنڌ، پير حسام الدين، ٺٽو، هڪ ئي ڪردار ۾ سمايل نالا آهن. سنڌ جي اصليت، وجود ۽ عظمت کان پير صاحب اسان کي آگاهہ ڪيو. ٺٽي کي پير صاحب، حضرت ٺٽو ڪري لکيو آهي. پير صاحب شروع ۾ هڪ ڪانگريسي ورڪر هو، ان کان پوءِ آهستي آهستي علمي ۽ تحقيقي ڪمن ڏانهن آيو. پير صاحب پنهنجين لکڻين ذريعي اسان کي شعوري طرح سجاڳ ڪيو.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي:** پير حسام الدين راشدي سنڌ جي تاريخ آهي. جيئن هن سنڌ جي تاريخ جا ماخذ ڏنا تيئن پاڻ بہ سنڌ جو ماخذ هو. پير صاحب جو اڻڇپيل مواد ڪلچر کاتي طرفان ڇاپيو ويندو. ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو صاحبہ طرفان خصوصي طرح اهڙا احڪامات اسان کي مليل آهن. پير صاحب جي تصويري ڪم کي بہ اسان آرٽ پيپر تي شايانِ شان طريقي سان ڇاپڻ جو ارادو رکون ٿا. پير صاحب جا انٽرويوز بہ اسان وٽ موجود آهن، اهي بہ ڇاپڻ چاهيون ٿا. ٻيا ڪي انٽرويوز دوستن وٽ هجن تہ براءِ ڪرم اسان کي ڏين تہ جيئن انهن کي بہ انهيءَ رٿا جو حصو بڻايون.

**تاج جويو:** پير حسام الدين راشدي وڏو عالم هو. هن 20صدي جي سنڌي ماڻهن کي سنڌ سان متعارف ڪرايو. تحقيق جي سلسلي ۾ پير صاحب نوان رجحان متعارف ڪرايا. اڳ لکيل تذڪرا وقت جي بادشاهن جي مرڻ ۽ جيئڻ جون تاريخون هئا، پير صاحب انهن کي عوامي بڻايو. سنڌ ۾ تحقيق جو عوامي رنگ پير صاحب سيکاريو. هن، شاعرن، اديبن، سالڪن، سگهڙن ۽ جهونڙن کان بہ معلومات ورتي ۽ ان مان تاريخ جا وچايل ڳس ڳولي ڪڍيا. هو سنڌ جي تاريخ جا پير هو.

**ڊاڪٽر غلام محمد لاکو:** پير صاحب سنڌ جي تاريخ تي اٿارٽي هو. هو غير متعصب، حقيقتن کي حقيقتون تسليم ڪندڙ وڏو عالم هو. پير صاحب پنهنجي مزاج ۾ سنڌ شناس ۽ قومپرست اسڪالر هو. هو پنهنجي همعصر اسڪالرن، عالمن، محققن ۽ تاريخدانن ۾ يڪتا هو. پير صاحب کي پنهنجي همعصر ادبي ساٿين پنهنجين لکڻين ۾ بہ ياد رکيو آهي. پير صاحب ڪنهن بہ طرح فيض احمد فيض کان گهٽ نہ هو، بلڪ هن جو درجو اڃا بہ مٿي هو. افسوس تہ حڪومتِ سنڌ پير حسام الدين راشديءَ جهڙي محب وطن عالم کي وساري ڇڏيو. جڏهن تہ 2011ع کي فيض احمد فيض صدي قرار ڏنو.

**پير محسن شاهہ راشدي:** سنڌ جي محسن پير صاحب کي اسان جيترو بہ خراج تحسين پيش ڪريون، گهٽ آهي، پر پير صاحب جي علمي خدمتن جو دائرو اڃا بہ وسيع آهي. پير صاحب جو سنڌ سان سراپا عشق هو، ان عشق هن کان اهو سڀ ڪجهہ ڪرايو.

**پير حسن شاهہ راشدي:** ٺٽو ثقافتي شهر آهي، سندس تاريخ اجاگر ڪرڻ ۾ پير حسام الدين راشديءَ جو وڏو هٿ هو.

**ڊاڪٽر نواز علي شوق:** تاريخ قومن جو نسب نامو هوندي آهي، پير صاحب اسان کي سنڌ جو شجرو ڏنو. پير صاحب جو علمي ڪم ڪار تمام گهڻو ڪيل آهي. 'مڪلي نامو' پير صاحب جي علمي وسعت ۽ گهرائيءَ جو احاطو ڪري ٿو. 80 صفحن وارو ڪتاب حاشين ۽ اضافن سان وڌي 900 صفحن تي پهتو جيڪو پير صاحب جي علمي تحقيق ۽ علمي بصيرت جو اعليٰ نمونو آهي. پير صاحب مڪلي نامو نہ ڏي ها تہ اڄ ٺٽو ۽ مڪلي نشانبر نہ هجن ها. پير حسام الدين راشديءَ جو موسيقيءَ سان بہ تمام گهڻو لڳاءُ هو. هو چوندو هو تہ موسيقي دلين تان ورهين جي لڳل ڪٽ لاهي ٿي.

هيءَ تقريب، منجهند جو لڳ ڀڳ ساڍي ٽين وڳي اختتام پذير ٿي. تقريب جو بندوبست قادر بخش ٻٽو ڪميونٽي سينٽر ۾ ڪيو ويو. جناب قادر بخش ٻٽو سنڌ جو مشهور وڪيل ۽ سماجي اڳواڻ آهي، جنهن سينٽر ۾ نہ رڳو جلسي جو بندوبست ڪيو، پر شريڪ حضرات لاءِ ٻن پهرن جي ماني، جو بہ سهڻو بندوبست ڪيو.

( رپورٽ: دم ڪ)

ادارو

# سنڌي ادبي بورڊ جون سرگرميون

ڪا به قوم پنهنجي وجود جي بقاءَ وارو ڪيس عالمي عدالت ۾ رکڻ جي اهل تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن اها قوم پنهنجي ڌرتي، ثقافت ۽ ٻوليءَ سميت پنهنجي سموري علمي، ادبي، تاريخي ۽ تهذيبي ورثي ۽ ان جي قدامت جون شهادتون لکت ۾ پيش ڪندي آهي. آگسٽ 1940ع ۾ سنڌ جي ڪجهه ساڃهه وند ماڻهن ان ڳالهه کي محسوس ڪندي پنهنجي تاريخي، ثقافتي ۽ تهذيبي ورثي کي دستاويزي شڪل ۾ هڪ جاءِ تي ڪرڻ لاءِ "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪاري بورڊ" جي نالي سان هڪ اداري جو بنياد رکيو. ڊسمبر 1951ع ۾ سنڌ جي اهلِ علم، دانشورن ۽ ساڃهه وند ماڻهن جي زوردار گهر تي انهيءَ صلاحڪاري بورڊ کي "سنڌي ادبي بورڊ" جو نالو ڏنو ويو، جنهن کان پوءِ سنڌي ٻولي، ادب ۽ تاريخ تي باقاعده ۽ منظم طرح ڪم ڪرڻ جي شروعات ڪئي وئي.

سنڌي ادبي بورڊ 1951ع کان وٺي پنهنجي محدود وسيلن آهر سنڌي ادب، ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ جي خدمت ڪري رهيو آهي. بورڊ جي موجوده چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان منسٽر بين الصوبائي رابطہ حڪومتِ سنڌ پاران چيئرمن شپ جي منصب سنڀالڻ کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي اصل مقصد ۽ منصب ڏانهن سرگرميءَ سان پيش قدمي ڪري رهيو آهي. خصوصاً سنڌي ادب ۽ تاريخ جي موضوعن تي تمام سٺا ۽ معياري ڪتاب ڇپائڻ جو عمل شروع ٿي ويو آهي. سنڌي ادبي بورڊ موجوده سيڪريٽري جناب الهڏتي وگهئي صاحب جي اڻٿڪ محنتن سان علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ تيزي اچي وئي آهي ۽ گذوگذ ڪارائتن علمي ۽ ادبي ڪتابن ڇاپڻ جو بند ٿيل سلسلو ٻيهر شروع ٿي چڪو آهي. گذريل ٽن سالن ۾ 20 کان مٿي ڪتاب بائينڊنگ جي انتظار ۾ هئا، اهي بائينڊ ڪرائي بڪ اسٽال تي موڪليا ويا آهن، 13 نوان ڪتاب ٽينڊر ذريعي ڇاپڻ لاءِ موڪليا ويا آهن. ڏهاڪو کن ڪتابن جي فائينل سيٽنگ ٿي رهي آهي ۽ 5 ڪتاب بورڊ جي پريس ۾ ڇپجي رهيا آهن. اهي سڀ ڪم موجوده سيڪريٽري صاحب جناب الهڏتي وگهئي صاحب جي دلجمعي ۽ تنتهي سبب ٿي رهيا آهن. ان کان علاوه سنڌ جي عالمن، اسڪالرن ۽ ڏات ڌڻين سان گڏجاڻين ۽ علمي ڪچهرين ڪرڻ جو سلسلو پڻ شروع ٿي ويو آهي. اداري مان 4 رسالا: ٽماهي "مهراڻ"، ٽماهي "بينظير"، ماهوار "سرتيون" ۽ ماهوار "گل ڦل" باقاعدگيءَ سان ڇپجي رهيا آهن. ٽماهي "بينظير" لٽرري رسالي جو اجراء قبلہ مخدوم جميل الزمان صاحب جن جي ذاتي دلچسپي ۽ ڪوشش سان ٿيو آهي. قبلہ مخدوم جميل الزمان صاحب جن پنهنجي ڏاڏي سائنءَ قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ وانگر بورڊ ۽ بورڊ جي ملازمن لاءِ ساڳيا ڇپر ۽ ڇانوَ آهن. سائنءَ اچڻ سان بورڊ ۽ بورڊ جي ملازمن جي مڙني مسئلن جي حل لاءِ تڪڙن اپائن وٺڻ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيائون جن ۾ بورڊ جي ملازمن کي بونس ڏيارڻ، هر سال هڪ ملازم کي حج ڪرائڻ جي سهوليت ڏيڻ، بورڊ جي ملازمن جي رهائشي اسڪيم لاءِ سنڌ حڪومت کان پلاٽ منظور ڪرائڻ. ان کان علاوه ذاتي دلچسپي ۽ تحرڪ وٺي تعليم کاتي کان لکين رپين جي ڪتابن جي خريداريءَ جو آرڊر ورتو اٿائون. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي نالي پنيان بورڊ مان انگريزيءَ ۾ ٽماهي "بينظير" نالي ادبي رسالي جو اجراء ڪيو اٿائون. بورڊ جي ڪاروهنوار ۾ بهتري آڻڻ لاءِ نئون B.O.G جوڙيو ويو آهي. اهو بورڊ، صوبائي تعليم کاتي جي وزير ۽ سينئر وزير جناب پيرمظهرالحق صاحب ۽ سنڌ جي وڏي وزير جناب سيد قائم علي شاهه صاحب جن جي مشاورت سان جوڙيو ويو آهي. انهيءَ بورڊ ۾

# سنڌي ادبي بورڊ جا تازا ڇپيل ڪتاب












# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهه گذارشون

1. ”مهراڻ“ جي مواد ۾ ڇپيل رايا، تجزيا، نتيجا ۽ علمي فڪري زاويا جي سموري ذميواري ماڻوارن ليکڪن جي هوندي. سندن رايا کي ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي راءِ نه سمجهڻ کپي.

2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت ”مهراڻ“ جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اها خاطري ڪرائڻ لازمي آهي ته اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن ٻئي رسالي يا اخبار کي نه موڪليل آهن.

3 ترجمي جي صورت ۾، جنهن مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڏجي، جنهن اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.

4. ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون ٻه عدد ڪاپيون ايڊيٽر ’مهراڻ‘ کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.

5. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪونه ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانه ڪئي ويندي.

6. ماڻوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي ته هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشه قائم رکن.

7. مواد سمجهه ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نه وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي ته اهو به لکجي. (تازو تصوير فوٽو موڪلڻ نه وسارجي).

8. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ پابند نه رهندو.

9. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهه جو خيال رکيو ويندو ته جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

10. نظرثاني کان سواءِ ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ لکيل موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو ته ٻئي طرف درستين لاءِ ٻنهي گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي ته مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.

11. اهو ضروري ڪونهي ته ڪوبه مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. ڇوته ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نه ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر پابند نه رهندو.

□



ڀنڀور جا ٿتل تاريخي آثار

جِيا سُون جوڙَ تِي، جوڳِي ڏِٺو سُون جان،
سَگُ هو جَنهِين سان، سو سامِي اسان پيٽيو.
-شاهه



**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو**

(سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو هاڪارو عالم ۽ اديب)

ولادت: 26 - نومبر 1935ع
وفات:12- جولاءِ 2011ع